مشهور سنڌي قصا: سنڌ جي حب الوطني جو داستان

# عمر- مارئي



لوڪ ادب سلسلي جو ستٽيهون ڪتاب

## مشهور سنڌي قصا

## سنڌ جي حب الوطني جو داستان

# عمر - مارئي

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي
۽
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
پاڪستان
١٩٧٦

ڇاپو پهريون سال ١٩٧٦ع تعداد ١٠٠٠

سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم

قيمت: ١٢-٥٠

ملڻ جي ايڊريس

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس،
پوسٽ آفيس باڪس نمبر ١٢،
حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب سردار پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ مسٽر غلام رباني آگرو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مهاڳ

سنڌ جي ’لوڪ ادب‘ کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، ١٩٥٥ع ۾ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي سامهون رکي وئي، جا ١٩٥٦ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ١٩٥٧ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو؛ انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ذيل هدايتن موجب، ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽي ۾ ’سنڌي لغت آفيس‘ سان گڏ ’لوڪ ادب‘ جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، ڀيٽي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، ١٩٥٧ع ۽ ١٩٥٨ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، گهڻن سان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون؛ مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اُتاريو؛ ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر پاڳي جو گشت ڪري سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ لاءِ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر نوع بابت نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ١٩٥٩ع کان شروع ڪيو ويو آهي. هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون تہ هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ سروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن؛ مثلاً: سداحون، مولود، ڏيڍ اکريون، ڪافيون وغيره. مگر جيئن تہ اهي هن وقت تائين ٻهراڙي ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ ''لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهي لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل ''لوڪ ادب' کي بعينہ 'فوڪ لور' (*Folk Lore*) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگيءَ اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ٻهوٽ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهو ئي آهي جو عوام جي زندگي جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو تہ هن تجربز ذريعي ''لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نہ ٿي سگهيو، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڌي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ ڄڻ اٿاهہ سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهہ گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اُميد تہ آئنده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول تہ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي،

سنڌي لوڪ ادب جي قيمتي سرمايي کي ڇيڙرو ٿي مگهي اوترو سهيڙي ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائجي، ۽ رٿيل پروگرام موجب "لوڪ ادب" جي چاليهن جلدن کي مڪمل ڪيو وڃي.

بهرحال توڪل جو ترهو ٻڌي، ڪم شروع ڪيو ويو ته "لوڪ ادب تجويز" وري زير بحث آئي ۽ سنه ۱۹۷۳ع ۾ هن تحقيقي ڪم کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ڇوٿون ڀيرو وري نومبر ۱۹۷۴ع کان ڪم شروع ٿيو آهي. هن وقت تائين رٿيل چاليهن جلدن مان جملي ٽيهه جلد ڇپجي چڪا آهن ۽ هيءُ ايڪٽيهون جلد آهي جو شايع ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن حياتي وفا ڪئي ته باقي رهيل ڪتابن بابت مواد گڏ ڪري، چاليهن جلدن جي تحقيقي ڪارنامي کي توڙ تائين پهچايو ويندو.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا ۽ محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي آتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پيڙهڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، عابد بلوچ پروفن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي، ۽ محترم محمد اسماعيل شيخ ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي. ڪتاب جي رٿا ۽ آخري سٽاءُ، توڙي ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد سنڌ
۱–۱–۱۹۷۶ع

خادم العلم
نبي بخش

# عنوانن جي فهرست

مقدمو ١

## روايت [١] عمر جو مارئيءَ کي زوري کڻڻ ۽
## مارئيءَ جي ست ۽ پرڪا واري آڳاٽي روايت ١-١٠۴

تاريخ طاهري واري ڳالهه ٢
تحفة الڪرام واري ڳالهه ٥
آڳاٽن شاعرن جي ڪلام مان اهڃاڻ ٨
٩ - صديءَ ۾ رچرڊ برٽن جي قلمبند ڪيل ڳالهه ١٩
آخوند عبدالرحيم عباسي جي ترتيب ڏنل ڳالهه ٢۴
تعلقي ننگرپارڪر مان سروپئي ڏاڏي جي
زباني قلمبند ڪيل ڳالهه ٢٨
تعلقي ڏيپلي مان محمد عثمان ميمڻ جي
زباني قلمبند ڪيل ڳالهه ٣٣
ڇُهوڻن (جوڌپور) جي شاعر خير محمد
درس جي مثنوي ٣٥
تعلقي ساماري جي شاعر حاجي ابراهيم دل
جي چيل مثنوي ۴۴
تعلقي ساماري مان مليل سمي شاعر جا بيت ٥٦
تعلقي عمرڪوٽ مان محمد عمر "معمور"
يوسفاڻي کان مليل ڳالهه ٥٧

تعلقي سنجهوري جي شاعر محمد بخش خاصخيلي
جا بيت ٥٩
تعلقي شهدادپور جي شاعر لعلڻ خان لغاري
جا بيت ٦٢
تعلقي ٽنڊي باگي مان ويرومل جي زباني
ڦلمبند ڪيل ڳالهه ٨٦
تعلقي گوني جي شاعر مريد مهيري جا بيت ٨٨
تعلقي نئي جي شاعر علڻ فقير جا بيت ٩٨
تعلقي حيدرآباد جي شاعر حاجي حقير جا بيت ١٠٣
تعلقي هالا جي شاعر موسي ڏيٿي جا بيت ١١٦
تعلقي ڪوٽڙي جي شاعر الهبچائي ڪوسي جا بيت ١١٩
تعلقي روهڙي جي شاعر وريل جا بيت ١٢٣

## روايت [٢] عمر ۽ مارئي جي ٽيهه شريڪ ڀاءُ ڀيڻ هجڻ واري روايت ٢٠٢-١٢

تعلقي عمرڪوٽ مان مليل ڳالهه ١٢٧
تعلقي سانگهڙ جي شاعر ليمي شر جا بيت ١٣٢
نئي شهر جي شاعر زمان شاه ساقي جي
چيل ٿيھ اکري ١٣٨
تعلقي سڪرنڊ جي شاعر شير محمد لغاري جا بيت ١٤٧
تعلقي روهڙي جي شاعر علي شير جاگيراڻي جا بيت ١٧٥
شاعر محمد عارف ڪلهوڙي جا بيت ١٧٩

## روايت [٣] عمر ۽ مارئي جي پيءُتا ڀاءُ ڀيڻ هجڻ واري روايت ٢٥٨-٢٠٣

سانگهڙ، عمرڪوٽ ۽ ساماري تعلقن مان مليل ڳالهه ٢٠٥

— عمرڪوٽ ۽ سانگهڙ تعلقن مـان قلمبند
ڪيل ڳالهہ ٢٠٨
تعلقي عمرڪوٽ مان مليل ڳالهہ ٢١١
تعلقي ميرپور خاص مان دين محمد ٻگهيي
جي ٻڌايل ڳالهہ ٢١٣
هڪ سگهڙ جي ٻڌايل ڳالهہ ٢١٥
هڪ سگهڙ جي ٻڌايل ڳالهہ ٢١٧
هڪ سگهڙ جي ٻڌايل ڳالهہ ٢١٩
تعلقي سنجهوري جـي شاعر بچائي رنـد
جا چيل بيت ٢٢١
تعلقي ٽنڊي باگي مان مير محمد لنڊ ۽
خليفي حاجي شير محمد جي ٻڌايل ڳالهہ ٢٣١
تعلقي ننگر مان شير خان چانڊيي جي ٻڌايل ڳالهہ ٢٣٥
تعلقي جاتي جي شاعر گل محمد ڪوسي جا چيل بيت ٢٣٧
تعلقي نوشهري مان جـڙئي لاشاري جـي
ٻڌايل ڳالهہ ٢٤١
تعلقي ميرپور ساڪري مان غمدار مهر ۽ ماڇڪ
ڪولاچي جي ٻڌايل ڳالهہ ٢٤٤
تعلقي آباوڙي مان صابر شر جي ٻڌايل ڳالهہ ٢٤٦
ڪوهستان جي شاعر علي اڪبر جـوڪئي
جا چيل بيت ٢٤٨
لسبيلي جي شاعر يوسف موندري جو بيت ٢٥٨

روايت [٤] عمر ۽ مارئي جي سڳا ياءِ پيدن
هجڻ واري روايت ٢٥٩-٣٢١

تعلقي عمرڪوٽ مـان محمد عمر 'معمور'
يوسفائي کان مليل ڳالهہ ٢٦١

تعلقي سجاول مان مليل ڳالهہ ٢٦٤
تعلقي حيدرآباد مان فقير مولا بخش ميراثي
جي زباني قلمبند ڪيل ڳالهہ ٢٦٧
تعلقي ٽنڊي الهيار مان مليل ڳالهہ ٣٠٤
تعلقي ماتلي مان مليل ڳالهہ ٣٠٨
تعلقي ٽنڊي الهيار جـــي شاعر اميد علي
لغاري جا بيت ٣١٤
تعلقي اُباوڙي جي شاعر شيخ جا بيت ٣١٦
تعلقي صادق آبـاد (بهاولپور) جـــي شاعر
فالي چڱي شر جا بيت ٣١٨

باسمه تعاليٰ

آم للانسان ماتمنّيٰ ○ فللّٰه الآخرة والاوليٰ

## مقدمه

عمر - مارئي جو داستان وطن جي حب ۽ محبت جو داستان آهي؛ سنڌ جي هڪ ڳوٺاڻي نياڻي جي ست سيل ۽ سنڌ جي هڪ عادل بادشاه جي صبر ۽ انصاف جو داستان آهي؛ جهوپڙن ۾ رهندڙ مارن ۽ جهانگين جي ڏکي مگر آجي ۽ محبت ڀري رهڻي ڪهڻي جي، شهرن ۽ ماڙين ۾ رهندڙن جي سک ۽ عيش واري مگر پابند زندگي تي فوقيت جو داستان آهي؛ هي سنڌ جي غريبن جي اشرافت ۽ خود داري جو داستان آهي، بلڪ سنڌ جي اعليٰ سماجي قدرن جو آئينو آهي، جنهن ڪري صدين کان وٺي سنڌ ۾ هنڌين ماڳين مشهور ۽ مقبول رهيو آهي.

## قصي جي قدامت

هي قصو سومرن بادشاهن جي دور (۱۰۵۰-۱۳۵۰ع) ۾، عمر سومري بادشاه جي عهد ۾ اسريو، پر سنڌ جي سومرن بادشاهن جي شجري يا هر هڪ بادشاه جي حڪمراني جي دور بابت جيستائين تحقيق نه ٿي آهي، تيستائين يقيني طور چئي نٿو سگهجي ته هن قصي وارو عمر سومرو بادشاهه ڪڏهن ٿيو ۽ ڪيترو عرصو حڪومت ڪيائين. 'تاريخ معصومي' ۾ سومرن بادشاهن جا نالا تفصيل سان ڏنل نه آهن، جنهنڪري عمر سومري بادشاه جو نالو ئي ڪونهي. 'تاريخ طاهري' مطابق، عمر سومري بابت اهو معلوم ناهي ته هن ڪيترو وقت حڪومت ڪئي. البت 'تحفة الڪرام' ۾ ('منتخب التواريخ' جي حوالي سان) عمر نالي ٻن بادشاهن جا نالا ڏنل آهن: پهريون عمر، سومرن جو ڇهون بادشاهه هو ۽ خفيف نالي بادشاه کان پوءِ تخت تي ويٺو، ۽ ٻيو

عمر، سترهون بادشاه هو جيڪو دودي کان پوءِ گادي تي ويٺو ۽ هن جي حڪمراني جي مدت جا جيڪي سال ڄاڻايل آهن، انهن مان ڏسجي ٿو ته عمر پهريون ڇهين صدي هجري جي آخر ۾، ۽ عمر ٻيو اٺين صدي هجري جي آخر ۾ ٿي گذريو.

سومرن جي سربراه قبيلن ۽ سندن پاڳن فقيرن وٽ سومرن بادشاهن جي نسبنامي بابت جيڪي روايتون هلندڙ آهن، تن مان هڪ خاص روايت اها آهي جنهن کي مرحوم فقير قلندر بخش صوفي جي سرپرستي هيٺ مولوي عبدالرحيم صاحب سومري (ويٺل زنگي پور، تعلقو ٺل) پنهنجي فارسي مثنوي ”گلزار سند“ ۾ منظوم ڪيو، ۽ جنهن جو سنڌي نثر ۾ ترجمو مرحوم مولوي عبيدالله ’شائق‘ سومري ”دولت علويه“ نالي سان ڇاپارايو. ان روايت موجب عمر پهريون (جلال الدين عمر) خفيف بادشاه کان پوءِ تخت تي ويٺو ۽ سندس حڪومت جو سنه ۵۵۶ھ/۱۱۶۰ع ڄاڻايل آهي: عمر ٻيو (فخرالدين عمر) پونگر بادشاه کان پوءِ گادي نشين ٿيو، پر سنه ۷۷۵ھ (۱۳۷۳ع) ۾ تخت ڇڏي گوشي نشين اختيار ڪيائين. انهيءَ روايت موجب مارئي وارو عمر اهو پونگر بادشاه جو پٽ عمر هو جنهن جو پٽ محمد طور ٿيو.

ميان محمد هاشم سومري (اصل ويٺل ڪاوَڙو، ڇڇ، ڪڇ) ٻڌايو ته: سومرن بادشاهن جي نسب نامي ۾ پهريون ۽ وڏو عمر سومرو، سومرن جي ڇهين بادشاه ’ڀتريي دودي‘ جو پٽ هو، پر هو تخت تي ڪونه ويٺو. بعد ۾ ’عمر پٽ محمد جو‘ سومرن جو ڏهون بادشاه ٿيو. سومرن جي زوال واري دور ۾ ’عمر پٽ همير جو‘ سومرن جو پنجويهون حاڪم ٿيو، جنهن سمن حاڪمن جي ماتحت عمرڪوٽ ۾ ٿر واري علائقي تي سرداري ڪئي. عمر- مارئي جي قصي وارو عمر اهو آخري سردار عمر پٽ همير جو هو.

بهرحال هي قصو سومرن جي حڪومت واري دور (۱۰۵۰-۱۳۵۰ع) ۾ اسريو، ۽ عمر بادشاهه جي انصاف سبباں

ان دور ۾ ئي مشهور ٿــي ويــو هوندو؛ ڇــوء سمن جي دور کان وٺي سنڌ جي سڄاڻ سنگتن ۽ ڳائڻ ان کي پوري لئي سان ڳايو، ايتري قدر جو ان لئي کي 'راڳ مارئي' ڪري سڏيو ويو. سنه ٩٩٩ﻫ/١٥٩٠ع ۾ اڪبر بادشاهه جي لشڪر سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ سنڌ جي حاڪم مرزا جاني بيگ کي سپهه سالار خان خانان پاڻ سان گڏ اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ وٺي ويو. اتي پري ڪچهري ۾ اڪبر بادشاهه عمر- مارئي جي قصي بابت پڇيو، ڇاڪاڻ ته هو پاڻ عمرڪوٽ ۾ ڄائو هو. مرزا جاني بيگ کي سچي خبر هئي پر پنهنجي درٻاري شاعر 'سقيم' کي بادشاه آڏو سرخرو ڪرڻ لاءِ کيس چيائين ته قصو بيان ڪري. ويچاري شاعر سقيم پنهنجا حوصلا وڃائي هڪ جي ٻي ڳالهه ڪئي جيڪا بادشاه کي پسند نه آئي، ڇاڪاڻ ته کيس مارئي جي ست- سيل واري ڳالهه اڳ ئي معلوم هئي. مرزا جاني بيگ سان سنڌ جا قابل راڳيندڙ پڻ گڏ هئا، جن پوءِ عمر- مارئي بابت سنڌي بيتن کي 'راڳ مارئي' ۾ ڳائي ٻڌايو (١).

اهو سورهين صدي جي آخر جو واقعو آهي. سگهوئي پوءِ سترهين صدي جي شروع ۾، 'تاريخ طاهري' جي مصنف مير طاهر محمد نسياني هن قصي کي "ناز و نياز" جي نالي سان فارسي نثر ۾ لکيو. مير طاهر محمد خود پاڻ اهڙو ذڪر 'تاريخ طاهري' ۾ ڪيو آهي(٢)، جيڪو ڪتاب هن سال ١٠٣٠ﻫ/١٦٢١ع ۾ تصنيف ڪيو: جنهن جي معنيٰ ته انهيءَ سال کان اڳ "ناز و نياز" جوڙيو

(١) "و طائفه که حاضر بود، ابيات پاکي اورا بزبان سندي در مقام ماروئي خواندند". تاريخ بلده ٺٽه، المعروف به تاريخ طاهري، ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٣٨٤ﻫ/١٩٦٤ع، صفحو ٣٦)

(٢) "فقير نيز نثر داشته نام آن 'نازو نياز' آورده است" (تاريخ طاهري، ايضاً، صفحو ٣٦). مير علي شير قانع البت 'تحفة الڪرام' ۾ ائين ڄاڻايو آهي ته مير طاهر محمد هن قصي کي "ناز و نياز" جي نالي سان فارسي مثنوي ۾ منظوم ڪيو.

ڏيڻ لڳا. عمر سومري بادشاه وري به ظلم شروع ڪيا، جنهن ڪري سنڌ جا قبائلي سردار ڪڇ ملڪ ۾ لڏي ويا ۽ اتي وڃي پنهنجي حڪومت قائم ڪيائون.

عمر بادشاه ۽ نيرل راڻي (۱): هن ڳالهه موجب، بادشاه همير سومري جو پٽ شهزادو عمر، سندس ماسي جي ڌي 'گيگل' سان مڱيل هو، پر شادي کان اڳ ماسي کيس مهڻو ڏنو ته:

جي اهڙو آهين آرڙو، ته وڃ نيرل جي پاس
ڌاران آڻ ان جي وري نه وڃ واس.

مهڻي کان مجبور ٿي، شهزادي عمر پوءِ ڪشالا ڪري وڃي نيرل پري، 'روغان شهر' جي 'مانجهي مير' جي ڌيءَ سان شادي ڪئي ۽ اتي رهي پيو. آخر پنهنجي ملڪ مان کيس همير بادشاه جو پيغام پهتو، جنهن تي نيرل کان موڪلائي وطن پهتو ۽ 'گيگل' سان شادي ڪري کيس روغان شهر ۾ وٺي آيو. اتي وري ڪجهه عرصو رهيو، ۽ آخرڪار 'مانجهي مير' کيس موڪل ڏني ۽ هو 'نيرل' ۽ 'گيگل' کي ساڻ ڪري اچي عمرڪوٽ پهتو. ملڪ ۾ شاديون ۽ خوشيون ٿي ويون ۽ شهزادو عمر تخت تي ويٺو ۽ شهر عمرڪوٽ ۾ وڏي رونق لڳي وئي:

ڦٽو شهر روغان جو، آڏيو عمرڪوٽ
ڌيءَ مانجهي مير جي وڃي گڏي گهوٽ.

ڍول مارو (۲): هي اصل ۾ مارواڙ طرف جو داستان آهي جيڪو پوءِ سنڌ توڙي پنجاب طرف مشهور ٿيو، ۽ سنڌ ۾ خاص طرح ٿرپارڪر طرف وڌيڪ مقبول رهيو. ڍول ۽ مارو جا مڱڻا ننڍي هوندي ٿيا پر ڍول جو پيءُ وري سوٽي پنهنجي ملڪ ويو. آخر ٻئي وڏا ٿيا، پر مارو پنهنجي ڍول کي ڪونه وساريو ۽ ڏانهس سڪ

---

(۱) ايضاً

(۲) هيءَ ڳالهه هن کان اڳ سنه ۱۹٦۹ع ۾ لوڪ ادب سلسلي جي پنجيتيهين ڪتاب 'ڍولِ مارو' ۾ تفصيل سان ڇپجي چڪي آهي.

ساري ڏينهن سرتيون، منجهان ولڙين واس
ميائي جياس، جي وچي مڙهه ساير ڏي.

---

مائيڻ لڳ سوسرا، هڪڙو عرض مڃيج
جي مارڙيڻ منجهه مري وڃان ته ڪڻي ڪفڻ ڏيج
اتي لوڙهه لنئيج، جت جهوپا جهانگيڙن جا.

---

ٻُسيءَ پاٽ پري، من فاتح ڪن فقير جي.

## مارئي جو مائٽاڻو ماڳ ڪهڙو ۽ ڪٿي هو؟

'تحفة الڪرام' ۾ لکيل ڳالهه موجب مارئي ۽ مارو 'تلها' جا رهندڙ هئا. 'تلها' معنيٰ 'پٽون'، يعني پٽن واري ملڪ ۾ رهندڙ هئا.

ٻي هڪ روايت موجب: 'همير بادشاه ڪاوڙ ۾ روجهڻ جي شڪار تي ويو ۽ اتي ڳلو پنهوار جي ڏوهٽي سان شادي ڪيائين، جنهن مان مارئي ڄائي ۽ اتي 'ڪاوڙ' ۾ ئي نپني ۽ وڏي ٿي (۱). 'ڪاوڙ' ڪڇ جي 'پڇم' واري علائقي ۾ هڪ تعلقو آهي، پر سنڌ جي ٿر واري پاڳي ۾ پڻ 'ڪائڙ' آهي جنهن تي اسان هيٺ روشني وجهنداسون.

ڪپري طرف جي روايت موجب، مارئي جو ماڳ ڪپري تعلقي ۾ ناري جي اوپر طرف ۽ رتي ڪوٽ جي ڪنڊرن ڪان ڏکڻ- اوپر طرف هو. اهو مڪان اڃان تائين 'ديهه مارئي' سڏجي- اتي هڪ پٽ تي قبر آهي جيڪا مارئي جي قبر سڏجي. مرحوم ميان محمد عثمان سري مان ڳڏجي امان اها چؤڪنڊي ۽ تربت وڃي ڏٺي.

هن پوئين دور جي ڪن ٻين روايتن موجب مارئي جي ماءُ 'پالوا' ۾ هئي جو ڪيس مارئي ڄائي. ڪن ٻين روايتن موجب

---

(۱) ڏسو ص ۲۱۳

'ڏات' يا 'ڏت' ۾ گهڻو ڪري سڌو ڇاڇرو تعلقو، سڀني تعلقي
جو آتريون حصو، ۽ عمرڪوٽ تعلقي جو ڪجهه ڀاڱو اچي وڃڻ
ٿا. پر مييڻ شاه عنات جي مٿئين ذڪل اهڃاڻ موجب، مارئي جي
وڙهيچن جو ماڳ 'ڏات' جي آڀرندين ڀاڱي ۾ هو، جنهن جي
اوريان 'ٿر' (اڇڙو ٿر) ۽ پريان 'پـارڪر' آهي. انهي آڀرندين
ڀاڱي جو نالو ڪاڏر- پاڏر يا 'ڪاڏڙ' يا 'ڪاهڙ' آهي، جيڪو
ڇاڇري جي شهر ڪان وٺي آتر توڙي اوڀر طرف پکڙيل آهي.
مييڻ شاه عنات توڙي ڀٽائي صاحب جي بيتن ۾ مارئي جي
مائٽاڻي ماڳ مڪان جا جيڪي اهڃاڻ ملن ٿا، تن ۾ گهڻي ڪان
ڪان گهڻو ذڪر پاڏر يا ڪاڏڙ جو ئي آهي (۱). مثلاً

'ڪاڏڙ' پين ڪير، جـــي امانت آت وڃـي
(ڀٽائي صاحب)

---

هن ڪي لوهه لطيف چئي، هو 'ڪاڏڙ' منجهه ڪلڻ
(ڀٽائي صاحب)

---

ڏيه ڏونـــه آيـــي ڏي، سنيها، سيد چئي
نياپا نيه ڪاڏئان، ڪو 'پاڏر' پـــانڌي ني
(شاه عنات)

---

پاڏر، پسايو، ميرجهپ، اي وطن ويـڙهيچن
(شاه عنات)

---

آهس 'پـــاڏـر' پـــار جو ڪجڻ ۽ ڪپت
(ڀٽائي صاحب)

---

(۱) ويڙهي جهپ، ڪاروڙئي ۽ پين ڪن ماڳن جا نالا (خاص طرح مييڻ شاه عنات جي بيتن ۾) اچن ٿا، پر انهن جو نالو ڪو هڪ پيرو ئي اچي ٿو.

ستي سيٺي ساريا، جي 'ٻاڏر' جا پنهوار
(ڀٽائي صاحب)

---

سيٺي سڪان سارين، پڇان 'ٻاڏر' پور
(ڀٽائي صاحب)

---

آت اُڪنڊي آهيان، 'ٻاڏر' ۾ پرين
(ڀٽائي صاحب)

---

ڀٽي ساڻ ڀتار، 'ٻاڏر' ٻيرون چونديان
(ڀٽائي صاحب)

ڪاڏڙ يا ڪاهڙ وارو علائقو عمرڪوٽ کان ڏهن ٻارهن ڪوهن اندر آهي، جنهن ۾ 'گيڙو، ڏاهلي ۽ ٻارٽو ٽپا اچي وڃن ٿا، جيڪي عمرڪوٽ تعلقي جي تپن ڪپلور ۽ ڏينور سان لاڳو آهن. عمرڪوٽ کان اها ويجهائي به هڪ دليل آهي تہ شايد مارئي اتي جي هجي، ڇاڪاڻ تہ عمر بادشاه سومهين سان گڏ ڏهن ٻارهن ڪوهن تائين آيو هوندو. هوڏانهن 'ٻالوا' عمرڪوٽ کان چاليهہ ڪوه کن پري آهي. ڀٽائي صاحب جي بيتن جا ٻيا ڪي ٽانا پڻ 'ڪاڏڙ' واري جڳهہ سان لڳن ٿا. مثلاً:

سينجهي سنجهي ڪوهڙا، ويڙهي ويسا ورت

---

وجهي جر جنڊن ۾ ڪوڏان ڪن ڪهون

ڦهرڻ سٽ وارو لفظ سَنجي (س جي زير) پڙهجي تہ پوءِ 'سَنجهہ' معنيٰ ڏوري پاڻي واري کوه جي نارن مان سمنڊڙ پاڻي سينجي سنجهي يعني ڇڪائي گڏ ڪري ڪيڻ. ڪاهڙ واري ترجا کوه اڪثر پار-اجهاڳ يا 'پاتاريا' نہ آهن پر 'ريجاوان' آهن، جن ۾ نارن جي سيمي وارو پاڻي گڏ ٿئي ٿو. ٻيءَ سٽ ۾ 'جنڊن' جو ذڪر

املهه ماڻڪ اچلايو ۽ پهرايو پنهوار
زال ماڻهو ضائفان، ڪنئي جو خمار
هو چڙهيو شوق شڪار تي هڪ ڇٽو هسوار
پاڻيءَ جي پيچ لاءِ اني ڪيائين آر
منهن ۾ گڏيس مارئي، ڪيائين گويون ۽ گفتار
سڃاتي عمر سومري پري کان پنهوار
چاڙهي عمر اٺ تي، تڪ ڪري ويو تار
عالم انهيءَ ڳالهه جا ڪا ڏيئين تو ٻار
ڪئي سڄي چار ستار، پر لينگهو اٽ لڱي ويوه

عالم ٻلي جواب ۾ بيت چيو ته:

مغل! رڪج ڪام ڪا مارئي تي ميار
مرد ويا هئا مال مان، اٽ نه هو ٻوڪيوار نه ٻار
عمر سڃيو ٿي سومرو، جنهن جو ڏيهن ۾ ڌڪار
هو چڙهيو شوق شڪار تي، ٻڌي هوڏ هٿيار
واڇيندو آيو ويڙ ۾، جتي پنوڻ سندي پنڪار
سٽي پنڪو پنوڻ جو، موڙيئين ميي جي مهار
سانگياڻيءَ کي سڄ ۾ هٿ ي ڏني سونهن ستار
منهن مٿي، محبت پري، پاڻئون ڪليو ڪري ڪيڪار
چوڙي هن جي چلتو لايو، سو سڙهيو ڪنهن مڙهيار
اڇي ڏرت ڏندن تي، هن کي ڏني هٿي ڏاتار
نڪ ته سندس نيلوفر جو، نرتو منجهه نراڙ
جيئن لڱي گوهر گرنار ۾، تيئن هن جو ٽم ڇمار
آرسين آهاءَ ڪيو چوليءَ کي ڇوڏار
تڏ خان ڪٽي ويو ڪوهه تان مارئي مٺيادار
هن وس ڪندي واڪا ڪيا، سي ٻڌي نڪتا ٻار
ڊوڙي چڙهيا ڊڀن تي رڙيون ڪري ريدار
ته سومرو سردار، اسان جي خان ڪٽيو وڃي ڪوه تان!

ڀٽائي صاحب پڻ پنهنجن بيتن ۾ عمر بادشاه جي انصاف جا اهڃاڻ ڏنا آهن ته:

عمر ڪيو انصاف، ڪوجهو ٽورو تــــر تي!
ستت پتيلي سومري جيڏيــــن وچ جهلياس
آڻـــي عمرڪوٽ ۾ ڪونيين قيد ڪياس
ڳاٽيهون ڳوٺ ڪنداس، عمر جي انصاف جون.

---

عمر جي انصاف جـــو پيس ڪـــڻ پڙاءُ
ويٺي چوءِ الله، مون تي مٽ نه موٽياءِ

---

پاندي پرين پنهوار کي ساري ڏيـــج سلام
سيل نــــه ڀڳو سومري مٿس نـــاه مـــــلام
مندي امت ڄام، رکيو پـڻ پنهوار جو.

---

عمر اچائي توکي، توڙان لکي توڙ کـــان
جئن تو سامائي، مام نــــه ڀڳي ماروئين،

---

جئن عمر اچو تون، تئن آءُ مرڪان منجهه مارئين
مٺهن نــــه ميرو مون، سيل تنهنجي سومرا.

مطلب ته سنڌ جي هڪ عادل بادشاه پنهنجي سيل ست ۽ ساک پت، احسان ۽ انصاف جو جيڪو مثال قائم ڪيو، سو دنيا ۾ بي مثال آهي.

**ن.ب**

# روايت [١]

## عمر جو ﭾارئيءَ کي زوري کڻڻ ۽ مارئيءَ جي ست ۽ ٻرڪا واري آڳاٽي روايت

عمر ۽ مارئيءَ جي قصي جي هيءَ روايت عام مشهور آهي، جنهن جا خاص نڪتا هي آهن ته: عمر، مارئيءَ کي زوري کوهه تان کڻي عمرڪوٽ ۾ آيو ۽ ساڻس شادي ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريائين، پر مارئي پنهنجي ست تي قائم رهي، عمر جي آڇن کي ٺڪرائي ڇڏيو. آخر عمر سندس سڌيا ڏسي، کيس وطن ڏانهن موٽايو. مارئي جي مڙس کيت، مارئي جي پاڪدامني ۾ شڪ آندو، تڏهن مارئي ٻرڪا ڏيئي ست سيل واري ثابت ٿي. انهيءَ سٽاءَ تي سڄي سنڌ مان نثر ۽ نظم ۾ مليل ڳالهيون هن بعد شامل ڪيون ويون آهن.

—

ڳالهه دل سان ٻڌائين ۽ ڏاڍو پڇتايائين. لشڪر کي واپس گهرايائين، ان سان گڏ مارئي جي مڱيندي اڳيان قسم سنهن کنيائين، جيئن ان جي دل سان غير نڪري وڃي.

پوءِ ان ستياوان زال مارئي به هندو دستور موجب پاڻ تي قسم جي پرکا قبول ڪئي، جيئن سچي ڪڙم تان بدنامي جو ٽڪو ميسارجي وڃي. فيصلو ڪيائون ته مارئي جي پرکا وٺجي. باهه ۾ لوهه تپائي ان جي گردن ۾ وجهجي. جي هن کي ڪا لهس نه اچي، ته سمجهبو ته پاڪ آهي، پوءِ ان کي الزام ڏيڻ کان باز رهجي، جيئن اهو داغ هميشه لاءِ مٿانئس لهي وڃي.

جڏهن اها حقيقت مارئي کي ملي، ته ان خوشيءَ سان انهيءَ آزمائش کي قبول ڪيو. سچ جو ٻيڙو لڏندو، پر هرگز نه ٻڏندو ۽ آئينده ڪوبه اهڙو جرم نه ڪري سگهندو. پوءِ ميڙ جي گڏجي مچ ٻاريو. مارئي طوق پاڻ جي بجاءِ، پنهنجي پروردگار جي آسري تي باهه جي هڪ چيڙي کان ٻئي تائين، ٽانڊن مٿان اڪري وئي ۽ ان جو وار به ونگو نه ٿيو. پوءِ عمر جو اڳي شرمسار ٿيو ويٺو هو، سو خوش ٿيو، جو ته مٿانئس ملامت لهي وئي ۽ مارئي جي مڙس جي دل به صفا ٿي وئي.

---

بيٺو. هائي ٻڌس خواهه مائهن جي، عمر ۽ مارئيءَ ۾ ٿيل بدگماني بلڪل دور ٿي ويئي.

بيشڪ، مارئيءَ جي سچائيءَ ۽ پاڪدامنيءَ تي به آفرين آهي، پر هزارين آفرينون عمر جي خود- روڪ لالچ کي دٻائڻ تي آهن، جو هھڙيءَ سفت ۾ هٿ آيل پريءَ کي سندس مرضيءَ کان سواءِ هٿ نه لاتائين.

—

# آڳاٽن شاعرن جي ڪلام مان اهڃاڻ

سنڌ جي آڳاٽن شاعرن، مثلاً شاهه عنات، شاهه عبداللطيف ۽ خليفي نبي بخش جي بيتن مان عمر مارئيءَ جي ڳالهه بابت جيڪي ثابتيون ۽ اهڃاڻ ملن ٿا، سي هن ريت آهن: مارو، ٿر ۾ ملير جا ويٺل هئا ۽ عمر سومرو، عمرڪوٽ جو بادشاهه هو. مارئي تمام حسين هئي، عمر سومرو سندس سونهن جي ساراهه ٻڌي ملير ۾ ويو ۽ مارئيءَ کي کوهه تان کڻي عمرڪوٽ ۾ آيو. مارئيءَ کي ويس وڳن ۽ محلاتن تي لالچائي شادي ڪرڻ لاءِ چيائين، پر مارئي اڳئي پرڻيل هئي، تنهن انڪار ڪيو ۽ عمر سومري کان واپس وطن وڃڻ جي گهر ڪيائين، جا عمر نه قبولي ۽ مارئي کي قلعي اندر حفاظت مان رهايائين. مارئي پنهنجي وطن جي سڪ ۾ ماڙيءَ تي چڙهي، مارن کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙيندي هئي، وطن ڏانهن سندس سڪ ۽ مارن مان سچائي ڏسي، آخرڪار عمر کيس وطن وڃڻ جي موڪل ڏني ۽ مارن ڏانهن اماڻيائين.

مارو ۽ مارئي ملير جا هئا

---

وطن سون ملير، قضا آنديس ڪوٽ ۾
چانڪ پيئنديس پرينءَ سين، پاڻيءَ جو پير
هاڃو ڪيو حمير، بالله نئي تو بند ۾.
[شاهه لطيف]

مارو مٽ ملير جا، ماريم سيئي
حب الوطن من الايمان، اندر اهيئي
پکن ۾ پيهي، پسان شال پنهوار کي.
[شاهه لطيف]

ملير تان محصول وغيره معاف هو ۽ مارو خوشحال هئا

نڪا جهل نه پل، نڪو رائر ڏيهه ۾
آڻيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گل
مارو پاڻ امل، مليرون مرڪٽو.
[شاه لطيف]

مارئي تمام سهڻي هئي

آيي جوهي جهوپڙين، سڻ ڏيئي سر جهل
پدمڻ جو پدرو ٿيو، تنهين منهن مهل
وچون وسڻ آئيون، اِن اباڻي اهل
ڪامل ٿئي ڪهل، سورج جي سرماڻ جي.
[شاه عنات]

سڻ ڏيو سر جهوپڙين، آيي جوهي جوءِ
ما وچون پسي وماسيون، جا سونهن سندپامي هوءِ
اوهس پسڻو آتهين، پتنگ سيڪو پوءِ
جڏ مارئي مٿو ڌوءِ، تڏ سورج سونهن جهڪو ٿئي.
[شاه عنات]

سڻ ڏيو سر جهوپڙين، آيي آجوهي
اگڻ منجهه، عنات چئي، پٽي پاپوهي
ڪيوٽي پانهون ڏي، لوڪان ليکي وچڙي.
[شاه عنات]

عمر بادشاه هو ۽ مارئيءَ جي سونهن جي هاڪ پڌي ملير ۾ آيو

عمر آئين اوچتو، ڪهڙي حاج حمير
تو ڏني مون پؤ ٿئي، سڱڪو منجهه سرير
ميان منجهه ملير، اڳي نه ڏنيم ڪڏهين.
[شاه لطيف]

عمر بادشاهہ، مارئيءَ کي ڪوٽ تان ڪڍي ڇڏيو

آڏيءَ آئين تـي، جيلانہ پاڻـي پاتـارن ۾
وارو ويسرين ڪـي، ڏينهان ڪـونہ ڏي
مون ڪميڻيءَ ڪي، مٿان ڪوٽ ڪڍي ڇڏيـا.
[شاه لطيف]

عمر جي ڏاڏائي سببان مارو ملير مان لڏي ٿر ۾ ڏورانهين

هنڌ تي هليا ويا

هڪل مير حمير جي، جڏهن ٻڌائـون
تنهين ويل ملير مان ڪرجينون ڪنيائـون
ان اوسيڙي، عنات چئي، لڏ نہ لاٿائون
ڪنبندي ڪٽيائون، جيڪي هئن حياتي ڏينهڙا.
[شاه عنات]

لنگهي ڪالهہ، قطب چئي، ڪنهن اونهي ٿر ٿيا
هيبتـان حـمير جـي وري ويـڙ ويـا
جن ريءَ ساعت نہ سري، پهر تن پيا
سـنيهـا سيڻـن جـا پڇن ڪيـن پـيا
اوءَ هلـي هنڌ رهيا، شرم هٿيڪي سومرا.
[قطب]

ڪاهڙيان ڪڍي ويـا، ٿر ڪيائون ٿاڪ
سانگي لڏايـا سومـري ڪري من مذاق
جڪس پروڙيا پـاڪ، اسر اباڻن سين.
[شاه لطيف]

ڪـاهڙيان ڪڍي ويـا، رهيا ڏيٿـان دور
سپ لڏايـا سومـري، عمـر ڪري آور
وڏي ڪنهن ضرور، مارن ملير ڇڏيو.
[شاه لطيف]

ڪنيائون ڪانئڙ ڏي، سارج هاج هيا
لائي لڏ لطيف چئي، پرئين ٿر ٿيا
چنڊي ڳيڙ ويا، ماروئڙا ملير ۾.
[شاه لطيف]

عمر مارئيءَ کي محلاتن، پوشاڪن ۽ طعامن جي لالچ ڏيئي

شاديءَ لاءِ چيو

در، دروازا، دريون، هاٿي هتي هو
ڪوڙين اڏيان ڪيترا، طنبو مٿان تو
جي مُل نه آيا مارئي، تنين رڙ ۾ رو
ڪوڪٽ آهي ڪو، پسي پنهوارن ۾.
[شاه لطيف]

مارئيءَ، عمر کي جواب ڏنو ته آءٌ اڳيئي پرڻيل آهيان، پيو ور

نه ڪنديس ۽ تنهنجا هنڌ وچاڻا، ويس وڳا نه قبوليندس

مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون
سون برابر سڳڙا، مون کي پانهن پڌائون
عمر جو آئون، پٽ ڪيئن پرهيان سومرا.
[شاه لطيف]

کوءِ کهنما، ٻن پانڌئا، کوءِ پٽولا پٽ چير
مون ماروءَ سين لڏيون، لائون منجهه لوير
قاسم ٿين ڪبير، جي سالون اوڍيان سومرا.
[خليفو نبي بخش]

پٽ نه پرهيان سومرا، جانڪيتان جيان
آءٌ ڪيئن لوئي لاهيان ڪارڻ ٻن ڏينهان
جانسين ٿي جيان، ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻيو.
[شاه لطيف]

آءُ ڪيئن سوڙيين سمهان، مون ور گهاري ولهه
ڪنيريءَ تان ڪل، عمر! ڪج نہ اهڙي.
[شاه لطيف]

آءُ ڪيئن سوڙيين سمهان، مون ور گهاري سيج
ور اباڻن سين اڄ، ڪهه شربت تنهنجو سومرا.
[شاه لطيف]

ايءَ نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين مون تي
اچي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانہ ڪريت
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نہ مٽيان.
[شاه لطيف]

مارئي، عمر سومري جي ڪوٽ ۾ ڏينهن ڪاٽيندي، پاڻ پهرڻ ۽ ڪاڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو. بکن ۽ ڏکن سونهن وڃائي ڇڏيس، پر پرم نہ پڳائين ۽ عمر بادشاه کي وطن ورڻ لاءِ پٽي ستايائين

ڪاٽياريون ڪيئن ڪن، عمر! اڇا ڪپڙا
جني جا تن ۾ ور ٿا وڃڻ سهن.
[شاه ڪريم]

اٽيا سٽيا نہ ڪري، سونهن وڃايس سور
پيئس لوهہ لطيف چئي، لٿس ڪوڏ ڪپور
چت جن جا چور، سي مکي مرڪ نہ ڪنديون.
[شاه لطيف]

سينڌا ڏوءِ نہ مارئي، پيئس پنهواريون چت
راڄ رڻاري، هنجهون هاري، هيءَ هتي جي هت
آهس پائر پار جو ڪڄڻ ۽ ڪپت
وينگس ويڙهيچن ري، سس سٽي ڪا ست
سومرا سپت، ڪر تہ ڪونيان نڪري.
[شاه لطيف]

سونهن وڃايم سومرا، عمر! ٿيس اسير
مارو منجهه ملير، مون سين هٿ هيئن ٿيو.
[شاه لطيف]

مارئي ملير ڏانهن منهن ڪري روزانو پئي گوڙها ڳاڙيا ۽ سانگي ساري پئي عمر بادشاه کي سنئون ڪيائين ته ڪيس واپس وطن وڃڻ جي اجازت ڏئي

اڪنڊيون ملير ۾، جنهن راتو ڏينهن
عمر آماڻين سينءَ، هاڻي ڪندي ڪيئن.
[شاه ڪريم]

صورت ليکي هٿ، معني ليکي مارئين
عمر! مون جي چت، اوطاقون ترن ۾.
[شاه ڪريم]

ڪريو مهاڙ ملير ڏي، روءِ آئي چوءِ
منهنجي سوري پانئيان، سومرا سندوءِ
ملڪ ماروءَ جي آهيان، زور نه ٿيان جوءِ
سو قلب ڪوٽ نه هوءِ، جو هٿين جڻ هٿ ڪيو.
[شاه لطيف]

ڏهم ڏونه آئي ڏي، سنيها سيد چئي
نياپا نينهڻ ڳاڏڻان، ڪو پاندر پاندي نئي
آن پرڻ تنهين کي، چنديان ڪهه اکين سين.
[شاه عنات]

قسمت قيد قوي، نا ته ڪير اچي هڻ ڪوٽ ۾
لکئي آئي لوح جي، هند ڏيکاريس هيءُ
پرچي ڪين پنهوار ري، جان جسو ۽ جيءُ
راجا راضي ٿيءُ، ته مارن ملي مارئي.
[شاه لطيف]

چڏ سپرايون سومرا، عمر لڳ الله
ٿيم نہ ٿورا ڏينهڙا، ماڙئين ڳاريم ماه
سڪ منهنجي ساه، ماروءَ جي مس لهي.
[شاه لطيف]

مارئي، ملير ڏانهن ڪنوڻ ڏسي، روئي رات گذاري

جت پنگا، پنون، پيٺيون، تنهن ڪنوڻ ٿي ڪنواءِ
ساوج پسيو وندران، مون روئندي رات وهاءِ
سيليتين سهاءِ، سارو جو ملير جو.
[شاه لطيف]

مارئي، مارن ڪان پانڌي اچڻ جو انتظار ڪيو، پر ويڙهيچڻ منديس ڪل ڪانہ لڌي

ڪيم مهاڙ ملير ڏي، مٿي ڪوٽ چڙهي
نت نهاري ڏيهہ ڏي، ڳوڙها پيم ڳڙي
نگي ڪوڪ قلب سان، سنجهان روح رڙي
ويڙهيچڻ وري، ڪر نہ لڌي ڪڏهين.
[شاه لطيف]

نڪو اير نہ پير، نڪو اوٺي آئيو
سون وٽ آيو ڪونڪو پاڙنئون پري پير
ڪتابتون ڪير، آئي ڏيندم ان جون.
[شاه لطيف]

مارئي خواب ۾، ملير ۾ سينهن وسندي ڏٺو

ستي لـــڌم سهڻو، ڪشيءَ ۾ خاصـــو
وٺا سينهن ملير ۾، ٿيو تڙ تڙ تماشو
چوريان مان پاسو، تا جسو جنجيرن ۾.
[شاه لطيف]

سـتـي لـــڏم سـهـڻـو، لـوئـيءَ ۾ لـيـٿـي
تہ منڊي پـايـو سـٽ ۾، ولـوڙيـان ويٺي
پـڪـي آءٌ پـهـٺي، كـيـرون ڏيـنـم جـيـڏيـون.
[شاه لطيف]

سـتـي لڏم سهڻو، ڪٿيءَ ۾ خـاصـو
لا تقنطوا من رحمة الله، تيو دل کي دلاسو
سمهي ڏج سنگهار کـي، پـاسـي سين پـاسـو
سـا سـٽـنـدي ڳـالـهـڙي، وڏئـو وسـواسـو
ڇـري ڇـؤمـاسـو، مـوهـر ڏٺـي مـوٽـيـا.
[خليفو صاحب]

آخرڪار پيغام پهتس پر سرتين ويڻ چوائي موڪليس

جو ڏيهہ ڏاڏاڻيان آئيو، ڏنم تنهن طعنو
پـائـي ويهہ مَ پلنگين، ڳچيءَ سر ڳانو
مٿان لڪ لطيف چئي، ڪـاءَ مَ خـزانـو
سرتين سيل چـوائيو، زور هڻي جانـو
تيو سڌ سمانـو، حرف لٿي هيڪڙي.
[شاه لطيف]

اج ادنگا ويڻ، مون کي مُـڪا جيڏئين
هاري حميرن جا، جيڪس ڪاڏي ڪيڻ
سانيڙا ۽ سيڻ، ڪ تو ويا وسـري.
[شاه لطيف]

مارئي بہ مارن ڏي چڙائي موڪليو تہ:

پانڌي پرينءَ پنهوار کـــي چيم تيئن چئيج
ســـدا سنگت ڏينهـڙا ور مَ وساريـــج
ڪونيئن ڪٽي آهيان، سگهي ســـار لهيج
مُـٺ ساندائي سنجيج، تہ نيمَرن ۾ نتون ڪريان.
[شاه لطيف]

'نيڪون' فدا ڪري، کهيائين سين 'مڪڻ'
تعظيماً تمام ڪري، ڀوء پٿريائين پُون
مارو ٿڌائين سون، پيئڙ پاڳي آئيو.
[شاه لطيف]

قسمت قيد ڪياس، نه ته ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
و نحن اقرب اليه من حبل الوريد، وطن آءُ وينديَاس
مارن کي ملنديَاس، ڪونيون ڇڏي ڪڏهين
[شاه لطيف]

مارن وٽان اوٺي آيو ۽ مارئيءَ کي دلاسي جو نياپو ڏنائين

اُتان اوٺي آئيو، ڪٿي خير ايءَ ڪري
وسارج مَ ور ڪي، پنج منڌ سري
وينديئن اُت وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾
[شاه لطيف]

پانڌي پريئڙ پنهوار جو، سون وٽ جه آيو
ته وٺا مينهن ملير ۾، سڀ ڏيهه سوايو
ٻاجهر پڪي ٻاجهه ٿي، لٿو ڏولائو
سو سرتين ساڃائو، سو هنيون هت نه وندري
[شاه لطيف]

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾، لوڻي هڏ مَ لاهه
ڪاڻ تنهنجي ڪُر جي ايءَ آڏ وڏائي آهه
سَٽي سِيل نباهه، ملير وينديئن مارئي.
[شاه لطيف]

آيم اجڙ وال، ٿاريلا ٿر ڏٿي
لاٿائون. لطف سان، مٿان قيد ڪنگال
سون ٿي وريا واهرو، لٿو بند بنبال
سٿي سڌ سوال، موهر ڏٿي موٽيا
[خليفو]

مليران مارو، پکي پنهي آئيو
وريا واهارو، هاٺو سپ هيٺا ٿيا.
[شاه لطيف]

مارئي، عمر کي چيو ته مران ته منهنجو مڙهه ملير ۾ نجو

---

واجهائي وطن کي ساري ڏيان ساهه
بُت منهنجو بند ۾، قيد ۾ ڪريجاه
پر ڏيهياڻي پرينءَ ري ڏار ۾ ڏريجاه
ٿڌي مٽي ٿر جي ولهيءَ وسائيجاه
پويون ٿئي پساهه، ته نجاه مڙهه ملير ڏي.
[شاه لطيف]
واجهائي وطن کي ساري ساهه ڏيان
هيءَ مرُ ساٿيهه سامهون منهنجو نج ميان
مقاميائي مارئين وچي ٿر ٿيان
مُيائي جيان، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.
[شاه لطيف]
الا! ايئن ۾ هوءِ، جيئن آءٌ مران بند ۾
جُسو جنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ
پهرين وچان لوءِ، پوءِ مر پڇنم ڏينهڙا
[شاه لطيف]

عمر، مارئيءَ جي سچائي ڏسي، مٿانئس بند لاٿو ۽ کيس ويڙهيچن
وڃڻ جي موڪل ڏني

---

مَ ڪي رو، مَ رڙ ڪي، هنجون هڻ مَ هار
توتان بند بِدا ٿيو، پيڙيون نيئي پار
پهچندئن پنوهار، سگهي سنگهارن کي.
[شاه لطيف]

قيد سنجهہ قطب چئي، وڏو فيض ٿيو
صلح واريو سومري، ايءُ قادر ڪم ڪيو
پوندو ڪونہ پيو، اڀو اجڙين ڪي.
[قطب شاه]

عمر، مارئيءَ کي مارن ۾ اُسائي آيو

عمر اُسائي، آيو سام، سيد چئي
ٿانھر ٿي ٿرن ۾، پئو لنو پائي
مارئي ملي سائنين، ڏکي ڏاڏائي
هيتان هائي، چئنو ملڪ ملير جو.
[شاه عنات]

مارئي ملير ۾ موٽي آئي

ڪلو، خير ٿيو، ماروئڙا ملير ۾
صلح وارئو سومري، وچان وير وئو
الاهي عنات چئي، ڏسن ڪونہ ڏٺو
اِي ڏن ڏوٽيڙن کي، پوندو ڪونہ پئو
سرهو سڀ هئو، وطن ويڙهيچن جو.
[شاه عنات]

مارن، مارئي جي پاڪدامني تي شڪ ڪيو، تڏهن مارئي طعنو هنين تہ

هِتي ويٺيون وڏيون، هُتي تان نہ هئا
پُڏي تان نہ سُئا، پاڻي پاڻي پات ۾.
[شاه جو رسالو]

عمر ۽ مارئي ٻئي پاڪدامن هئا

جيئن عمر! اڇو تون، تيئن آءٌ مرڪان وچ مارئين
سُنهن نہ سيرو مون، سِيل تنهنجي سوسرا.
[شاه لطيف]

تہ: اديون! هيءُ اٿ ڪهڙو آهي؟ تڏهن سومرين چيس تہ: اڳي پڻ تون اٿ تي چڙهي آئي هئينءَ؛ هاڻي پڻ هيءُ اٿ تنهنجي چڙهڻ جي لائق آهي، تنهن تي چڙهي وڃ. تڏهن ڏڪنديءَ اٺ تي پيلهہ پنهنجي ور مان وچي چڙهي ۽ اچي مارن سان ملي ۽ اتي خوش ٿي اچي ويٺي.

ملير آئـي مارئـي، ماڙس مڪــــ ٿيا
صلح جا سلطان کي، پسو جي پهہ پيا
رهيا ريلڻ راج ڪري، وڇان وير ويا
چونـديـو اچـن چاڳليون، منداڻتا مٺا
ڪوڙين ڪاج ٿيا، جيئن سنڌ ملي کي مارئين.

——

ڏسي، دريءَ وٽ ويهي وطن جي سڪ ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. عمر سومري مارئيءَ جي ايذي اڪير ڏسي، ڪيس پنهنجي پڻ ڪري گندي ڏڪائي، اٺ تي چاڙهي پنهنجي ملڪ ڇڏي آيو. مارئيءَ جي ملير پهچڻ تي منگهارن ۾ سرهائي ٿي، مگر ڪن ماڻهن مارئيءَ تي گمان آندو. اها خبر جڏهن عمر جي ڪن پيئي، تڏهن وڏو لشڪر وٺي ملير تي ڪاهي آيو. مارئي ڏٺو ته هائي اجايو لڙائي ٿيندي ۽ مفت ۾ ماڻهو مرندا، تنهن هڪ وڏو آڙاهه تيار ڪرايو ۽ مچ جي آر پار چار دفعا لنگهي ويئي. ڪيس صحيح سلامت ڏسي سڀ ماڻهو، مارئي کي پاڪدامن سمجهڻ لڳا.

———

# تعلقي ڇهوڻڻ (جوڌپور) جي شاعر خير محمد درس جي مثنوي*

ڪٿيرين سان گڏجي ويس ڪوهه تي
وڇوڙي جي وائي نه ڪا روح تي
هيم آس دل ۾، سدا گڏ سندي
وجهي هي وڇوڙو قضا هيئن ڪندي
اها يادگيري نه ڪا دل مٿي
اچي اوچتو ڪو عمر تو جهٽي
ڏيئي لوهه لغڙ جيئن جهڙپ سان جهٽي
اچي اوچتي وٺي مٿم ڪا چٽي
هلي زور زاري اڳيان نا عمر
آزي ۽ نيازي مڃي نا سپر
ڪيم روج راڙو ۽ واڪا وڏا
سنگهارن سڻيا ڪين منهنجا سڏا
ويو هوش نڪري مان جيڏين جگر
ڪيئون ڪانه مارن ڪي ڊوڙي خبر
اچي امر جنهن تي تو تقدير جو
هلي ڪونه حيلو ڪو تدبير جو
ڦٽي ڪرم جنهن جو تو طالع بخت
وجهي تنهن وڇوڙا وڏا تو سخت
نه حيلو وسيلو تنهين سان هلي
اچي اوچتو تو پٽي منجهه ڳلي

---

* خير محمد پٽ محمد عالم درس، عمر ٥٥ سال ڪن، اصل وينل ڳوٺ ڏيپلو، تعلقو ڇهوڻڻ، جوڌپور رياست. سال ١٩٦٥ع واري پاڪستان-هندوستان لڙائي ۾ بي گهر ٿي لڏي آيو. حال رهندڙ ڳوٺ ولي محمد درس تعلقو ٽنڊو الهيار.

قابو قيد ۾ مون ڪيائين بندي
ويچاري وڃڙهيچي ڦاسائي ڦندي
ڪئين ظلم زوريون عمر جا اڪر
ستم سڀ سر تي مون ظالم ڙبر
ريجهي روح منهنجو هري نا همير
نڪي آچ سون کي عنبر تون امير
تنهنجا محل ماڙيون پانيان ڙيل تي
قيامت قبر جو وڃو وَيل ٿي
ڏسيو ڪوٽ تنهنجو ڏڪي ڏيل ٿو
ڏکيو مون کي ڏاڍو سانڍڻ سيل ٿيو
ڏسي ڪوٽ ڪنگرا ڦِسي دل ڦِٽي
آلائي آهي کهڙي عمر تو رِٺي
ڪريو سچ ماڙيون دکن دل مٿي
ڪٿي ديس منهنجو، بندي آءٌ ڪٿي
رتائون رتيل جي رهيون روح ۾
وڌيون عمر اڇلي سيني ڪوهه ۾
آمدن جي ماڙي اندر ۾ اڏي
ڪري ترت ٽڪڙي مٽيءَ ۾ گڏي
هڪو اڳ وچوڙو مون کي ديس جو
پيو ڦلم قهري عمر ڪيس جو
مٿي تي مگايل مون ماروءَ ڪٿي
سنگهارين سرتين هيم جا ڪٿي
لچايان نه لوئي آبانا عمر
نڪي ديس پنهنجو، نڪي آءٌ وڳر
آهيان ڪيت جي آءٌ مگايل مگ
عمر ڪين ملندو اهو توکي سگ
هزارين هلائين ستم جي ظلم
قبوليان نه توکي، خدا جو قسم

ڏکڻ ۾ بکڻ ۾ وچان جي پچي
ذرو ڪين مارن ڪنديس آءٌ ڪچي
ڏيان ڪين ڏوٿين ذرو عيب تل
عمر مون کي آڇين حڪومت ڪل
ڏيان ڪين ڏيهين، ذرو ڪو ٽڪو
لهي داغ ڏوٽي ڦٽي نا ڦڪو
ويندءِ قيد ۾ آءٌ ڳري ۽ مري
ڪٿان ڪين خواري، مٿي تي پري
وٺن ڪين تنهنجا مون کي ڪيڻ ٿا
وڃن سي ويچاريءَ تنهنجا وين ٿا
هجي مر لڳن تي سا لوئي لٽي
اوڍيان ڪين اطلس نه پايان پٽي
ڏسو جاڙ جيڏين سهلين ڪٽي
پچڻ ڪين آئون وچوڙي پٽي
مڪو ڪونه مارن سنيهو سلام
نياپو نشاني نه قاصد ڪلام
وڙهيچا وساري ويٺا مون وڃي
ڪٽيان قيد ۾ تي ٻکي ۽ اڃي
لڏي مار سانگين نڪا ڪيائون نهار
ستان ڏوهه مون تي ڏنائون ميار
انهيءَ درد دوکي وڏي دل ڦٽي
ويٺا چو ويڙهيچا سي مارو سٽي
سندم مڪ سائيهه سڪايو سربر
لکيو ڪونه لاهي پڙهيو توڙي پير
قلم ريت جنهن سان قضائي وهيو
چڱائي مدائي ٻهانو نهيو
عمر پاءُ توکي سڏيان ٿي ادا
هوندءِ من سيري تہ ڏسندءِ خدا

ٻڌي ٻاس ٻاسي مون تان پير جي
لهن لوهه مون تان ڪندس ڪير جي
سنيارين ۽ سارين منگهارن گهڙيو
لکيو قيد ۾ مون عمر وٽ ڪڙو
هجي آنءَ پاڻي اٻاڻو لکيل
سمهان ڪيئن ساعت هتي آءٌ ٻکل
ڪاٺيم قيد ڪاڙها، ٻڌن ۾ ٻکون
سانگياڻيءَ جي سر تي ڏيهاڻي ڏکون
نڪو موت منهنجو آهه ويجهو مرڻ
نڪو ڇوٽڪارو نه پوٺتي ورڻ
انهيءَ درد دل کي وروءَ ۾ وڌي
رسي روح جي ساڻ ماروءَ ٻڌي
وساري نه وسرن وطن مون کي وڻ
آهي ماڳ ماٺهو، ڏناريون ۽ ڏڻ
سدا مون سيباڻن ڇنگهارون ڇڙن
پنوهاريون پياريون تنواريو تڙن
ٿڏا ريٽ ريلون سمهڻ ۾ سٿو
ڪري ڪيئن آرام، انهن تي ڏٿو
سمهين ڪيئن سيجن مٿي ڪٽ تي
وڇاڻو وڇائي ڏسين پٽ تي
ڪريو ياد جيڏيون پون پور سي
وڏيس ٿا ويچاري سائيهه سور سي
ويا جي ويڙهيچا ڪاهي مال کي
وڃي ڏينهن ويجها ٿيا سال کي
مندون موٽي آيون وري مينهن وٺا
ڪاهي مال مارو، ڪلي ٿيا ڪٺا
مون جيڏيون مليرم، وطن ويس ۾
آءٌ هت ٻنديائي عمر ڪيس ۾

حياتي ۾ هيڪر جي مارن ملان
وڃي درد دل جو سمورو سلان
ڀڙاڏو ڪنوڻ جو ڀري ڪان پسي
سٺا سُور جاڳيا ڦٽي دل ڦسي
وڻا مينهن مارن سندي ڏيهه ۾
اباڻن غريبن سندي ديهه ۾
ڪيا دور در تي عجب رنگ ڪلي
آپاري سي اوڀڙ قسم سڀ ڪلي
سونهي واهه ساوڪ در تي سٽي
ڳنڊيرون ڳموڙون پڀا پٽ ڦٽي
مڪڙي ، مانڌاڻي ، مريڙو ، مرٽ
پٽڻ پاس پنگرو ۽ پنگري پرٽ
ڪنڊا ۽ ڪنڀيون ٿيا ڪوڙ سي
ڦٽيو ڀڻ ڀڀڻ جا رتن ڀوڙ سي
اڪرو ، بڪرو ، آسونٽا اپر
ڪڍي سنگ سٽون ، ٿيون سڙون سٽر
ڪڍيو هٽ ڪونڊير ڪڻن ٿا رڏي
ورهائين ويڙهيچون ويچاريون وڏي
ٿيا خوب ڪرمڻ ، ڀورهاڙا ڀهون
چرن ٿيون چڪن ۾ پنهوارن ڀهون
ڪلورا ۽ ڪوري ۽ ويڪر وليون
سونهن ٿيون سوايون چپر سان چنيون
سڪي ساهه منهنجو پيئڻ لاءِ پلر
ڪيئڻ منجهه خاصو آهي لوڏڪ للر
سڪا وڻ ساوا جي سائيهه سندا
ڪري سگر ساڏو ڪري پيا ڪندا
ٿيا ڀاڪ پيرون ۽ پسيون پڪا
سڪائي سنگهارن نه مان ڏي مڪا

پڇي پٽ پئڙا ڪلي سڀ قسم
سنڀالي مڱڻهان نا تني جا اسم
اهي سڀ آسون آسيدون اتم
ڪري مهر قادر ڪا سالڪ مٿم
عمر قيد ڪڙڪي سهان ڪو مٿي
سانگياڻي ڪي ساڙو ڏنو ڇو اٿي
ويندي آهه عرشن مٿي مون چڙهي
”رب انّي مغلوبٌ“ پڇائيم پڙهي
بندين بي ڏوهيون تون ورن ڪان وٺي
اهيا آهه عبادت سدان تو مٿي
خدا پاڪ ماريو پڇي تو خبر
هجي مر هيٺو ڪي ظالم سدر
سڏائين تو سلطان، بالا تو بخت
عدل ڪونه آهي تون ظالم سخت
هتي ظلم زورا جني ٿي ڪيا
آسڻ ۾ اوطاقي وڃي سي ٿيا
هزارين هليا ويا ڇڏي دولتون
ڪئين باغ بنگلا سٺيون عورتون
ستا سيج ڪريو مٿي ڪٽ جي
وڃي تن وسايا ڪلر پٽ جي
سڪندر ۽ دارا هليا ويا هتان
رهڻ جو رايو رکين دل ستان
اجل اوچتو تو سٽل ڪي سڏي
وڃهيو سو وڇوڙا ڳوندر ڳڏي
هٿا هاء هاڃا ڪيا قهر جن
نه پويان نشاني لڀي ڪاٻه تن
نشاني آهه نيڪي هميشه حيات
پيو سڀ فاني سوا ذات پاڪ

ڪيا ظالم زورا جني قهر ٽي
لڏايا ڇڏايا جني شهر ٽي
ويا اوءِ خالي ويچارا سڀا
بکڻ ۾ ڏکڻ ۾ اگهاڙا اڃا
ڪني کي ڪفن هو لکيو نا لکيو
ڪني آءِ مليو ٽي ڏکيو ۾ سکيو
ڪٿان آئي قادر مڪرلي سڀني
ڪٿان توڙئون تقدير منهنجي ڦٽي
پري مٿ ملڪي جي مڪرلي ملڪ
ڪٿي رب پيدا ٿنهين مان خلق
جنهن جي مٽي آ، جني ڪان ڪٽي
اها صورت اتهين وڃي ٿي ڊهي
متاڻ مون مٽي آ ڪٽي ڪوٽ ڪان
عمر مير واري انهيءَ ڳوٺ ڪان
قضا قيد آئي ٿڌهن هت ڪيو
نبيرو نياءَ جو نه ڪنهن ڪان ٿيو
ڇني ۾ ڇني ڪا لکي سور جي
ويا در سندا داد اڄ پورجي
ڪٿي ديس منهنجو، ڪٿي مٿ سندم
خبر ڪانه آهي قبر ڪٿ ڪندم
پاڻيان پالوا ڏي وڃان آءِ وري
مٽي هت سورن ۾ ٿينديس آءِ ڇري
سوين سال سڪندي ٿيا ڪوٽ ۾
ڏکن جي ڏيهاڙي آهيان ڇوٽ ۾
نه آيم ابانا نکي لوهه لٿا
مري هاڻ وينديس عمر تو هٿا
مري منجهه ماڙين پڇن مون پساه
عمر آهي توکي اها التجاءِ

ڪفن سون ڪٽيءَ جو ڏيکج لاش کي
ٻورهاڙي، پيرين جا ڏيئي واس کي
ڏجان لاش سنهنجو، سنگهارن سندي
متان تون اڙائين تني کي قدي
تڏهن موت منهنجو موچارو ٿئي
وري مڙه ملير ۾ ويچارو ٿئي
گهرائج سرتيون سنگهاريون سندم
غسل ۽ ڪفن جي پاڻهي مي ڪندم
پلر ۾ پسائج مليري مٽي
ڪنان سيٽ جي سون گهٽي آ سٽي
پڙهن تان نمازون مڙئي مِٽ مٽم
پچاڙي جي پارت اِهائي اٿم
لٽن لاش منهنجو ڏري جي ڏنار
وڃن غم گوندر ٿهي سڀ لاچار
ڏين خير ختما پڙهي ڪُل قريب
ڪري مهر مالڪ چئي مَن غريب
حيلا ۽ وسيلا ڇڏيائين سڀ ڪٿي
ڏيکي سر ڏياور پڪارئين ڏٿي
کٽي هٿ خدا ڏي پنيائين دعا
ويچاريءَ جا واحد مڏڙا سٽا
ميٽي ڪير مس اِي لکيو لوح جو
نه بخشيندڙ تو ڪان سواءِ ڏوهه جو
منهنجون بخش باري خطائون ڪمي
لاهين لوهه مون تان هي گوندر غمي
سلائج مارن سان سائيهه ۾ سگهي
ٿئي آس پوري لهي تن تنگهي
حجت ڪين هيٺي ڪا قادر ڪري
"استغفر الله ربي" پڪاريو پڙهي

ويا قيد ڪنجي لهي لوهہ سي
ڪيس معاف مالڪ سندس ڏوهہ جي
عمر ڪان ٿي آجي وطن ڏي وري
ڏسي وڻ ويڙهيون ڦوڳڻ ۾ ڦري
ڪئيا قيد قادر ٿي ڪلمون پڙهي
پڙهي ڏس مؤمن، رهي نا آڙي
ڪيم درد دل جو نظم ۾ نقل
سمجهن ڪي مالڪ دانائي عقل
نہ ايذاء عمر جو سون مارئيءَ ڇيو
پنهنجو درد دل جو سون ظاهر ڪيو
اچي درد دل ٿي سو زورو ڪيو
ڪڍي آه اندرين سون ٿورو ڪيو
ڏسي حال هيٺو دکويل "درس"
ڪندو مهر مالڪ مٿم رب ترس
پيو مير مرسل محمد نبي
ڇپر ۾ ڇڏيندو نہ ڪامل ڪپي
سچا يار صادق ٿيا چارئي چڱا
صحابي انهن جي مهر تو مڱا
امام ۽ اصحاب ۽ طابع تني
پلؤ توکي پايان جو مڙني غني
گهران دان ايمان بخشش امن
ديني ۽ دنياوي سيني ڪمن
دران تنهنجي داور نہ خالي ويو
جهليو يان جهولي پڪاري پيو
'خير محمد' خطائون ڪندو معاف ڪل
پڙهو پاڪ ڪلمون، رکي صاف دل
لا إلا الاالله محمد رسول الله

———

## تعلقي ساماري جي شاعر حاجي ابراهيم دل جي +

### چيل مثنوي *

سخن جي شهر جو در لاهجي ٿو
قصو مارئي عمر جو ناهجي ٿو
هڪ هو بادشاهه والي عمرڪوٽ
ولايت سنڌ ۾ اظهر عمرڪوٽ
ڪنا نڪ سومرن اسم عمر چام
بلند اقبال عالي نيڪ فرجام ....
زماني تنهن عمر جي منجهه مليا ٿي
ٻڪر ۽ شينهن هيڪاندا هليا ٿي
عدالت مان ملڪ آباد ڪيائين
ظلم زورو همه برباد ڪيائين ....
هئا منجهه ملڪ ٿر جي ذات مارو
گهڻو خوشحال پنهنجي حال سارو
مدامي مال ۾ سنگهار سانگي
وڻيو وينا هئا ولهار سانگي
انهن ۾ مرد نالي 'پالڻي' هو
زياده شان وڏي گهر جو ڌڻي هو
خدا ان کي ڏني خوش خلق عورت
هئي منجهه حسن ويتر خوبصورت

* هي نظم چيپل ڪتابڙي "عمر ۽ مارئي"، مطبوع رباني پريس حيدرآباد، سنه ١٩٥٣ع، ڇاپو ٽيون، تان ورتل آهي. مثنويءَ مان فقط قصي جي اهڃاڻن وارا شعر کنيا ويا آهن، باقي شعر ڇڏيا ويا آهن.
+ مرحوم حافظ حاجي ابراهيم دل، ويٺل پروڙ، متصل ٻريجي، تعلقو ساماري. هي قصو ٨- ذوالقعد ١٣٠٧ هه تي جوڙي راس ڪيائين.

سندس دختر پياري نام مارئي
صنوبر قد ۽ گل نام مارئي
وڏي ويئي تہ ان جي حسن جي هاڪ
ڏني جنهن، تنهن اندر ۾ ٿي چڪيا چاڪ
سندس پاڙي ۾ نالي ڦوڳ چوڪر
ٿيو ننڍپڻ کان مارئي لاءِ مضطر
چڙهڻ رسيو بلوغت کي جوانو
مٿي ٿيو مارئي عاشق ديوانو
ٿيو بيخود گهڻو مانند مجنون
پريشان حال ڪئڙو عشق مفتون
اڙي بيوس پيو منجهہ عشق ڦاهي
ڪيائين دمبدم ٿي ياد ماهي
وٺا ڪيو عشق بيحد ڦوڳ ماري
ويو ڪم خواب کل وسري ويچاري
ڏسي تان چال مارئي چور ٿڙو
نشي منجهہ نينهن جي مخمور ٿڙو
ڪيائين روز شب فرياد بيحد
کلڻ ۽ کيڻ کان ناشاد بيحد
لڳي بيوس ويچاري تار ڏاڍي
ڪثر کل کان محبت مار ڏاڍي
ڪيئين حيلا ملي من مونکي محبوب
نہ حاصل ٿيو ڪٿس کو سبب مطلوب
چيائين پالٿي ڏي سگ مونکي
وصال يار جو پڻ رگ مونکي
سدائين مارئي لئي آءٌ مران تو
عشق جي بحر ۾ گهڙندو گهران ٿو
ڏيندو تو کي اجر داور ڏٿي پڻ
اندر هر دو جهان عزت گهڻي پڻ

ڪئي هئي پالڻي سڱ جي سڱائي
اصل تنهن ڪيت سان مارئي مڱائي
تڏهن پالڻي اڳيان ان کي چيو تان
گهٽي ڪارڻ ڏمر ان تي ڪيو تان
م ڪر اي خيال بلڪل ڦوڳ دل ۾
وڌو شيطان توکي روڳ دل ۾
ڏنم سڱ مارئي جو ڪيت کي جو
نه ڪريان دخل اڄ پڻ مور ٻي جو
نڪي آهين اسان جي ذات اي ڦوڳ
ڦٽي ڪر اي اجائي بات اي ڦوڳ
فڪر منجهه ڦوڳ پيو افسوس بيحد
ٿيو من ۾ تڏهن مايوس بيحد
پڇي ڪامي مثل ٻي جان ٽيڙو
اڀر اوندهه غم ارمان ٽيڙو
پيالو فڪر جو پيتوس سن ۾
پيس هي مصلحت تدبير تن ۾
مون ڪان ٻيوس ته ويٺي مارئي ما
پري توڙي اگر اوڏي هئي ما
ڪيايمان مارئي کي پالڻي ڪان
ڇڏايان ڪيت پنهنجي گهر ڏٺي ڪان
وڃي ڏيهه جي وٽن ڪان ڏور ٿيٺي
پٽس ۽ ڪيت کي پڻ مر ٿيٺي ....
ٿيو جلدي روانو ڦوڳ آتهين
وڃي پهتو عمر جو ڪوٽ جتهين
ڪيو حاجب رجوع سو در حضوري
مقابل ميان عمر جي نزد نوري
چيائين بادشاه سڻ عرض منهنجو
رکي دل ۾ جو آيس غرض سنهنجو

هُئَي دائم هميشه تخت تنهنجو
هُئَي قائم هميشه بخت تنهنجو
مثل گل غنچه شه کوليو زبان کي
در عدني منجهان پريئين دهان کي
چيائين بي شبه احوال چؤ تون
کڍي دل مان سمورو خوف پؤ تون
م کر تون دير ڪجهه وهلو شتابي
ملي توکي مون وٽان ڪاميابي
چيائين شاهه گجهڙو راز آهي
ٻڌائڻ جو ٻئي آواز ناهي
ٿيو پردي اندر گوشي نشين پڻ
قصو کريان اگيان تنهنجي مبين پڻ
حڪم ڪيو شاهه ڪريو جاء واندي
مٿان جمڪا خبر هن مرد آندي
خالي ڪي نوڪرن سا جاء دم ۾
عمر ۽ ڦوگ ٿيا مشغول ڪم ۾
اتي آغاز ڪيو عارض بيان کي
اپٽيو ڦوگ پڻ پنهنجي زبان کي
ڪ اي شاهه جهان فرخنده آثار
مٿج اي شاهه ڏيئي گوش گفتار
مليري ملڪ ۾ منڊ مارئي آه
پنهوارن ۾ پري آن ڪا سئي آه
منجهان گهر پالڻي جي آه سائي
مثل ان ساڙ ۾ منڊ ناهي ڪائي
سرخ چشما، لمع رنگ، مهرو
صفا سهڻي صنم گلزار گلڙو
مبارڪ منهن ڪري ٿو نور چمڪار
مهه و خورشيد اگيان ان شرمسار

جهنگل ۾ هيڪلي گهڻا گهمائي
سهيلين جي سنگت پيرون پنائي
سدا خوشحال مارن ساڻ هردم
سونهي منجهه سرتين سينگار بي غم
نه لائق ڀانهن ڪنهن ٻڪرار جي آه
عمر هي ڳالهه مچ تڪرار جي آه
نڪو تنهنجي سوا تنهن ست نه ثاني
پيو ان جو جهان ۾ جوڙ جاني
وهڻ واجب تهين کي ڳوٺ تنهنجي
رهي دائم اها شل ڪوٽ تنهنجي ....
عمر ڪيو پهه پسند جو ڦوڳ ڪيڙو
عقل ۽ روع اتڪي پوڳ ڪيڙو
عمر اُٺ تي چڙهيو ٽيو ڦوڳ اڳ ۾
نه ترسيا ساعت هڪڙي دير ڏڳ ۾
عمر احمق ڪنيو سونهون منپائي
حرامي ڏس ڪڪن کي باهه لائي
ويا منزل به منزل ملڪ ٿر ۾
وجي ويٺا لهن ڪنهن ويڙ ور ۾
اول مارئي اٿي سعيي ڪرڻ لاءِ
سهيلين سان هلي پاڻي ڀرڻ لاءِ
جڏهن پهتيون اچي کوهه جي ڪناري
سُهڻن چوگرد تارا چنڊ ڏاري ....
ڀڪاريو ڦوڳ سائين وجهه آهي
عمر سمجهيو ته ڏاڍو سجهه آهي
جڏهن سو کوهه کي نزديڪ ويڙو
مٽي پوشاڪ بي اظهار ٽيڙو
لڪي ات ڦوڳ ويٺو بي ڏيانو
عمر اُٺ تي ٿيو ان ڏانهن روانو

ڏسي مارئي چيو تان ڪير آهي
ايهو اوٺي فقير ڪ پير آهي.
ڏٺم ساري عمر ۾ ڪونه اهڙو
هتي آهس خبر نہ تہ ڪم ڪهڙو.
انهي صورت سندم هيڏڙو ڪنبايو
رنو مارئي گهڻو ماتم مچايو.
چيو سرتيون 'ادي ڙي ڪيم دڄ تون
وڃي جو رهه وٺي تنهن ڪان نہ ڀڄ تون'.
ڏٺي وئي دهلجي ڏاڍو ڏسي اُت
زمين تان پير ويا مارئي ڪسي اُت.
ويچاري لاءِ ڪو عزرائيل آيو
تمام اعضا ڏکڻ ۾ ڏيل آيو.
اول پڇيو عمر آن ڪير جو يون
چيو مائڻ تہ مارو لوڪ آهيون.
عمر اُٺ تان لهي اوڏو ڪچيو اُت
ميان تون ڪير آهين سرتين پڇيو اُت.
چيئين آيو اگهيان بر سيج سونکي
ماري ساندو ڪيو ات اڄ سونکي.
اول نام خدا پاڻي پياريوم
سئي دلڙي وري جيڪر جياريوم.
سڻايان پوءِ آن کي حال سارو
حقيقت هوش ويلي قال سارو.
عمر ڪي مارئي پاڻي ڏنو تي
سهيلين کان سنگت بيوس چنو تي.
عمر پانهون جهلي اٺ تي وڌي ما
وَر ڪي ويسلي پانهن ٻڌي ما.
چنبن ۾ باز ڪر جهرڪي جهٽي ويو
شجر، طوفان ڪر پاڙون پٽي ويو.

ڪئيري ڪاهــڙون خــوشيان ڪٽي ويو
ڏتــاري دمــبــدم ڏاڙو هٽــي ويــو ....
ڪيو ماتـــام مـــارن مـــارئــــي جو
هُئي جيئري تـــہ پـــڻ جهڙو سُئي جو.
منگهارن ڪــــي انـــدر ۾ سور تــيــڙو
ڇــڄــي پيونـــد دلين جو دور تــيــڙو.
رنـــا مـــائٽ قبيلو خـــويش پـــائي
پيئي قضيي ڪـنـا جڳـ ۾ جـــدائي.
پڇـي ڪـــاســـي ويـــا سڀ ذات مارو
نـــہ پــهــتــا ســـاڻ ڏاڍي وات مارو ....
جــڏهــــن پهتو عمر منجهہ شهر پنهنجي
ڪيـــائين مـــارئي ڪان پهر پنهنجي.
وهـــاري محل ۾ آڻـــي عمر آت
ٻڌي تنهن لاءِ پرٺي جي ڪمر آت.
مندي نيت نہ سن ۾ سور ان کي
نہ هو حرص و هوا جو پور اُن کي.
طماعي پرڻجڻ جــي هئي عمر کي
ســـدا تـــابـــع شريعت جي امر کي.
عمر ڀانيو تڏهن مـــون ساڻ راضي
ڪريان پنهنجي مدعا جـــي ڪارساري ....
ڪيم حيلا هـــزاريـــن هنر تـــوکي
نڪو تڏهن تو انـــدر ۾ اثر توکي.
ڪيم لکـ ميڙيــون پيا عرض تـوکي
نہ نڪر جو ڇڏي تو مــرض توکي ....
وري ايندي نـــہ هـــي هٿ ويل توکي
نڪي ملندو پـــروڪو هـيـل تـوکي.
اتي ويندينءَ انـــدر گهٽي گهـــري تون
فنا ٿيندينءَ انهين ماڳين مـري تـــون ....

جهلي بند ۾ وهارين سال مونکي
نکو ان ڳالهه جو پڻ خيال مونکي.
ڪري ٿورو ڏيو جيڪر اجازت
ٿئي درجو وڏو احسان عنايت.
وڳر نت لڳ خدا هي سوال منهنجو
مٺو سالم عمر پڻ حال منهنجو.
ٿئي منهنجي هتي پوري حياتي
ته ڪريان جي ڪٿي ورنه وفاتي.
ميت منهنجو روانو ملڪ مارن
ڪجو جلدي طرف ان ملڪ مارن ....
عمر اهڙي ڪريان جيئري وصيت
رکج سا ياد دل ۾ سڀ نصيحت.
هتي رکندين ته ٿيندي هيڪلي پڻ
هجان هُت ڳوٺ پيڙي منجهه ڳلي پڻ ....
سڻج منهنجي سچي گفتار مارئي
اول واري ڪريان اظهار مارئي.
اوهان جو ڏيهه ماڻهو ڦرڳ ڦالي
آيو مون لاءِ اتهين چوڳ ٻالي.
اچي دل جو سمورو حال ڪيائين
سچي تنهنجي حسن جي ڳالهه ڪيائين ....
عدو جو سنڌ سڻي احوال ان جاءِ
ٿيس غم ۽ وهم جنجال جي جاءِ.
چيائين سڻ الله لڳ عرض سائين
نکو ڪنهن جو ڪڍيو تو غرض سائين ....
جهڻي آئي جهنگل مان ڪوٺ پنهنجي
امانت هي وهاري ڳوٺ پنهنجي.
نکو آهي حرف تي حاڪمن تن
سندو هيڻن ضعيفن پڻ پهنوارن.

هلين ٿو حال منهنجي تي سدا شاهه
اڃان ونتي نه تو ٻي طرح جي راهه ....
تڏهن ڪي پاڻ ۾ مارن مصلحت
سڀ سڀ پاڏرو هن پر حقيقت.
عمر اٿ تي کڻي مارئي ڳڻي ويو
ڪري زور و ظلم چوري ڇني ويو.
خبر ناهي ته ڪهڙي حال هوندي
مٽي جيٽري ڪ خوش ڪري جال روئندي.
لهڻ گهرجي تنهين جي سار سيني
ايهو ڪيو پاڻ ۾ آچار سيني.
پسند ڪي ڳالهه سيني، ڪيت سنيريو
چڙهي ڏاڙيل اٺ تي پهر نڪتو.
سڻي مارئي سندو سن حال سمجهي
پڇي ڳاڇي ڳجهيري ڳالهه سمجهي.
ڪيو محڪم پڌي پڻ ڪيت وڏڙو
عمر جي ڪوٽ ڏانهن سو پند پيڙو.
وڃي پهتو عمر جي ڪوٽ ڪيتو
ڪندو هو مارئي جي اوٽ ڪيتو.
مُڪي مارئي طرف ڏُوتي ڳجهان ڳجهه
وٺي اچ تنهن سندو سائي پڇي منجهه.
ڳڻو ڏيندس ڪري انعام مائي
اها ڪرئين الله لڳ جي پلائي.
ويئي وٽ مارئي مائي سنهاري
چيائين مارئي چند بيقراري.
شڪر ڪر رب جو اڄ ڪيت آيو
سڻي مارئي تڏهن چت چيت آيو ....
ڏنو مارئي گهڻو انعام مائي
چيائين سڄ بيان و سام مائي.

وچي ڏي ڪيت ڪي هن پر نياپا
چنچ سالم سڄڻ جيءَ جا جياپاء
مڱو تو ڏانهن مارئي هي ته مذڪور
مقامي سومرن جو آهه مشهور،
فلاڻي ڏينهن اٿ سوڏو انهين جاء
وچي ٻيهڄ مٿان ڪرئين فڪر ڏاء.
زيارت جي بهاني عورتن سان
هلي اينديس اتي پڻ سومرين سان.
هلي مارئي وٽان مائي ويچاري
سڻايئين ڪيت کي گفتار ساري.
سڻي اي ڳالهه ٿيڙو ڪيت خوش جان
چيائين الحمد يا ربّ رحمان.
ٻڌو تنهن سان پڪو انجام مارئي
تڏهن آيو اتي آرام مارئي.
سڻو مون راوين ڪان هن امر کي
ڪيو مارئي عرض اهڙو عمر کي.
اصل مجتا مجي مون شاهه سائين
مٿي آنهنجي مقام آهه سائين.
ڏيو موڪل وڃي ڪريان زيارت
ملي سونکي سندي مطلب بشارت.
ڪنا تنهنجي قبيلي چار جوڙون
هلن همراهه منهنجي ڏار جوڙون.
هلن پيرين پيادين پنڌ ڪري سي
نه ٿينديون هڪ گهڙي مون کان پري سي.
عمر رخصت ڏني اچجو شتابي
نه گهرجي ڪرڻ ڪنهن کي بي حجابي.
هليون چارئي چڙيون همراهه مارئي
ڪيو هوڏانهن هلڻ جو ناهه مارئي.

مقامي تـــي جڏهن سڀ پهتيون ســـي
ڪري زيـارت وڃـــي فارغ ٿيون سي.
سڄاتـــا مـــارئـــي اڻ ڪيت پيئي
وقت تنهن ڪيت ڪي پـــڻ سرت پيئي.
پـلاڻــي اڻ ڪـــي اظهـــار ٿيڙو
هلڻ جي لاءِ ســـو هوشيار ٿيڙو.
طرف تنهن ڪيت جـو خوشيان نظر ڪيڙو
تڏهن ان ڪي ڏســي اٺ عجب ٿيڙو.
ڇيو ڇوڙن ادي ڙڻي مارئي تـــون
اصل اٺ تي چڙهي آئي هئين ۽ تون.
هُئي تو ڪي خوشي ڪر اٺ سواري
ڪريـون تـولاءِ ڪم تنهنجي تياري.
مليو پيغام اڪنڊي ڪـــي اڇڻ جو
ڪنا پـرور پني حيلو هلڻ جــو.
چڙهي پيلاس اٺ تي ڪيت ور سان
هلي پنهنجي وطن مارئي هنر سـان.
ڪري قـابـــو جڻا مضبوط ويـنـا
بـــڌي منـدرا صحي ثابـــوت ويـنـا.
ڏئي مهميز اٺ ڪـي ڪيت ڇوريـو
ڪري ڪڏڪار ڀاڻي ڀت ڊوڙيـو.
وطن جي طرف ٿيو اٺ ڪي امـارو
سبق سمجهيو ميي مشڪي اشـــارو.
اڏاڻـــو ڪر پکي رهــدار ڪرهـو
پُرڻلو پنڌ تي نسنگ نروار ڪرهو.
چڪي قسمت عنان ڪرهـي لڳي ڪام
پلڪ ۾ پنڌ ڪري پهتو ڳنگـو ڳـام.
ڪيو ڪرهـــي اکين ســاٿيهه پنهنجو
وڃي منزل ڏٺـــائين ڏيـهـ پنهنجو.

ڏنا ات ڏيهه جا ونڻ واهه مارئي
ٿيو تنهن وقت سرهو ساهه مارئي.
لٿس ڪٿ قلب تان دلشاد ٿيڙي
ملڻ جي سيڻهن سان آباد ٿيڙي.
ملير ملڪ آئي مارئي آت
سڻ مارن خبر سرتين سڻي ات.
ملي مارئي، ٿيا خوشحال مارو
پڇن تنهن کان عمر جي ڳالهه مارو.
شڪر شاديون ٿيون ساڻيهه آئي
ڪيي سا ڪوٽ کان الله ملائي.
ملير ملڪ ۾ مارئي ماي سا
ڏسي سرتيون سگهر خوش ٿي ڪلي سا.
وڇوڙيل جي مليا محبوب سيڻي
سڄڻ سانگي ٿيا سرها سيڻي....
جهليو مارئي جڏهن ايمان پنهنجو
خدا ڪل ڪم ڪيو آسان تنهن جو.
سچائي جي سبب لڄ شرم ان جو
رکيو منجهه ڪوٽ باري پرم ان جو....

---

# تعلقي ساماري سان مليل سمي شاعر جا بيت *

[ هنن بيتن ۾ شاعر، مارئيءَ جي ملڪ جا اهڃاڻ ڏنا آهن ]

١ـ عمر اسان جي ڏيهه ڏي، اڄ ڇهڪن تيون ڇڙيون
هيٺ باداميون باغن ۾، هُت ڳاگن پاس ڳڙيون
هي اٿئي مالڪ ميڙ، سمون چئي، ڪرڦئون لاهه ڪڙيون
پوءِ ڀرون پٽ ڇڙهيون، عمر! اباڻن جون.

٢ـ عمر اسان جي ڏيهه ڏي، گڱنگا ٿا ٻه ڳڙن
ڇڙيون 'ڇوڙيي' 'ڀرائي' جون ٿيون 'ننگر' تي ٻه نوَن
ڪوٺين ڪانئي آهيان، هُو جي 'ويرا واهه' وسن
وڃون پوءِ پون، آءٌ اڳيي اباڻن وچان.

---

* راوي ڏٽي بخش ڏؤنڪائي وينل ڳوٺ پنهنجو، لڳ ساماروِ سندس زباني هي بيت ڪڇهري ساسارو بنگلو ۾ ١٩٦٤ ۾ قلمبند ڪيا ويا، ان وقت سندس عمر اندازاً ٧٠ ورهيه هئي.

٢- "چوڙيو" ۽ "ڀرائو" ٻه ڳوٺ ننگرپارڪر کان اتر اوڀر ۾ پنجن ڪوهن جي مفاصلي تي آهن.

# تعلقي عمرڪوٽ مان مليل ڳالهہ *

مليرَ ۾ ”سنگهار“ نالي هڪ شخص ذات جو ”ڏوهٽ“ يا ”ڏهٽ“ رهندو هو (١). هو ڳوٺ ۽ راڄ جو چڱو مڙس هو. تمام سخي ۽ رحمدل هوندو هو. ڪيترن ئي يتيم ٻارن ۽ بيوه عورتن جي پالنا ڪندو هو. انهيءَ ڪري ڪيس ماڻهو ”پالڻو“ سڏڻ لڳا، نيٺ ”پالڻي“ جي نالي سان ئي مشهور ٿي ويو. سندس زال جو نالو ”اوڍائي“ هو (٢). ڪين ”مارئي“ نالي تمام سهڻي ڌيءَ هئي.

پالڻي، ”ڦوڳ“ نالي هڪڙو يتيم ڇوڪرو پاليو هو، جو مارئيءَ تي عاشق هو. جڏهن مارئي وڏي ٿي، تڏهن ڦوڳ سندس سڱ گهريو. پالڻي ڦوڳ کي سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪري، مارئي پنهنجي هڪ مائٽ ”کيت“ سان پرڻائي ڇڏي. تنهن تان ڦوڳ ڪاوڙجي عمرڪوٽ ۾ آيو ۽ عمر سومري جي نوڪرن سان سنگت رکيائين. گهڻي گهرائيءَ بعد انهن کي چيائين تہ: ٿر ۾ هڪڙي حسين ڇوڪري آهي، اسين جيڪڏهن آڻي ڪٽي آڻي عمر کي ڏيون تہ امان تي هوند ڏادو راضي ٿئي.

اهڙيءَ طرح ڦوڳ جي چئي تي عمر جا ماڻهو ڦوڳ سان گڏجي ويا، وڃي مارئيءَ کي کڻي آيا، ۽ ان کي عمر جي حوالي ڪري چيائون تہ امان هيءَ ڇوڪري جهنگ مان لڌي آهي. سندس سونهن ڏسي صلاح ڪئي سين تہ هيءَ راڻي سونهين، سو تو وٽ وٺي آيا آهيون. اتي ڦوڳ بہ ڳالهايو ۽ چيائين تہ:

---

* هيءَ ڳالهہ محمد عمر ”معمور“ يوسفاڻي (تعلقو عمرڪوٽ) کان ملي.

(١) ٻي روايت: پالڻو ذات جو ”رباري“ هو. (٢) ٻي روايت: مارئي جي ماءُ جو نالو ”ماڏوئي“ هو.

اِها ڇوڪري اصل ۾ سنھنجي مڱ آهي، جا سون ڪان ڪسي ٻئي کي ڏني اٿن. هاڻي مونکي ملڻ گھرجي.

جيئن ته عمر هڪ عادل بادشاه هو، تنهن محلات ۾ وڃي مارئيءَ کان حقيقت پڇي. مارئي ويچاري سڄو داستان ٻڌائي روئي ڏنو، ۽ عمر کي چيائين ته: ڦوڳ نالائق ۽ ڪِني چور انسان آهي، جنهن کي اُٺان جي چڱن مڙسن ڪڍي ڇڏيو آهي، ۽ هي جيڪي چوي ٿو، سو ڪوڙ آهي. مارئيءَ جي واتان حقيقت ٻڌي، عمر ڦوڳ ۽ نوڪرن کي سزا ڏيئي، ملڪ نيڪالي ڏني، ۽ مارئيءَ کي مائٽن ڏانهن موٽائي موڪليائين.

# تعلقي سنجهوري جي شاعر محمد بخش خاصخيلي

## جا بيت *

۱- ساراهيان سچو ڌڻي، ساراهيان محمد مير
چارن ۾ چانئي، مارئي منجهه ملير
سنگهارن سان ساڻيهه ۾، ڪلي پيتائين ڪير
عمر چام اسير، ڪٺي آيو ڪوهه تان.

۲- ڪٺي آئين ڪوهه تان، مون کي کهڙيءَ پهه پٺي
ميٺي ڪرين ها مارئڙن سان، چڱيءَ طرح اچني
مارو ڏينڊو مهڻا، سرتيون سپيئي
نندي ٿي آهيان نپني ڪاج ڪنيون ڪاٺي
مارئڙيءَ تي محمد بخش چئي، ڪر عمر ڀلائي
آءٌ پيئي تون پائي، موڪل ڏي ته ملير وڃان.

۳- مارئي ملير ۾، توکي چئدي ڪير
منهنجو مارئڙن سان آهي ماڻئاٽو وير
کلي چڙهه ڪٿ تي دم نه لائج دير
ڪيڏي سنهن سنجهان سير، سڻي ڪر مارئي.

۴- ميٺي ڪيئن ڪريان توسان، ثابت رک سير
حاڪم ٿو هلائون ڪرين، عمر چام اسير
بن پونئي ڪومچا، ڪندون تنهنجا ڪير

---

* هيءَ روايت علي اڪبر لغاري، تعلقو سنجهورو کان ملي.
محمد بخش پٽ ڪالو خاصخيلي، وينل ڳوٺ تارومل تعلقو سنجهورو ضلعو سانگهڙ. بيت، ڏور ۽ ڪافيون چيل اٿس. اڻ پڙهيل آهي. عام طور ڪيس "محمدو" جي نالي سان سڏين.

قسمت سان قيد ڪيئي، نيڻين وهن ٿا نير
ڏسان ڏيهہ ڏاڏاڻو، مون تان جيئري لاهہ زنجير
هي لوڏي ٿي اٿم لير، موڪل ڏي تہ ملير وڃان.

٥- مارئي ملير ۾، تنهنجو آت چاهي
ڪل هيم ڪانڪا، ڏس ڏنو هئم ڏاهي
ڪٿي آيو هئين ڪوهہ تان ڪرهو ڪڏائي
ماڙيءَ ۾، محمد بخش چئي، ويهہ لاڳاپا لاهي
تو ڪي ٿو صاحب سمجهائي، مانُ ڪري ويهہ مارئي.

٦- ادا عمر! ماڙيـن ۾ ڪڏهن وهنديس ڪين
ڏاريلا تر ۾ منهنجا مارو مسڪين
ونديو ورهايو پاڻ ۾ ڏونرن ڏيون ڏين
هاڻي مٺ، محمد بخش چئي، مون ڪي مارو نين
اجائي آهين، ڪي ۾ تي ڏينهن ڏهاڳ جا.

٧- مارئي! چڏ مقابلو، تـون منهنجي مڃ خبر
ڪل هيم ڪانڪا، ڏني هئي ڪيت خبر
مارئي نانءُ ملير ۾ اٿس سونهن سڌر
ڪٿي اچ ڪريب سان، وئي نال نينگر
جائي پاڪ ڏٺي پرور، مون ڪي مدي نہ هئي منڍ۾.

٨- ادا عمر! مدي نہ اٿئي مڻ ۾، سڻ سوال منهنجو
قضا آندي آهيان ڪوٽ ۾، ناهي ڏوهہ ڪنهن جو
بيوس آهيان بند ۾ ناهي وس منهنجو
عمر! ڪر عدالت، آهين راجا رعيت جو
ڪيد بنديائي بند مان، اٿئي پلؤ پرور جو
هاڻـــي مـوڪل ڏي، محمد بخش چئي،
ڏسان سائيهہ سنگهار جو
اڏر عربي جـام اجهو، مون ڪي لهر
لـــوڏيندي ڪـانڪا.

٩- مارئي! چنڊ مقابلو، تون ڪاج سيوئي ڪاءُ
سوڪليان ميڙ مارن ڏي ڪريان پنهوارن سان پر چاءُ
ويهه ڪلي چڙهه ڪٽ تي، ڪر مون سان تيڪ نڪاح
چائي هيڪ الله، ڏينڌس ماڙيون مارن ڪي.

هِت وهڻ ڪرت وجود ۾ ، جيئن گهمن تا گهاڻا
هُت خوش گذاريم ڪاهڙ ۾ ، اتم سانگي سيباڻا
هِت ڪوٽ قنداري ڪنگرا، هُت ڇپر ۾ ڇاڻا
هِت آءٌ ڪڙهان پئي ڪوٽن ۾، هُت آيل اولاڻا
هِت حجت هلي ٿي ڪانم ڪا، هُت ڪيم ٿي ماڻا
هِت عمر ٿو ارڏايون ڪري، هُت پچندا پچاڻا
هُت سدا وَسي سي سومرا، ڪڻ مينهن ماندڻا
ادا! تن ۾ تاڻا، اٿئي لعلڻ لا ڪيئن جا.

٢٣- ماڙي چڙهي مارئي، ٿي پرهه نهاري پٽ
ڪٿي جهوپا، ڪٿي جهانگي، ڪٿي سرتيون، ڪٿي سانگي،
ڪٿي مانڊائيون مٽ
ڪٿي پکا، ڪٿي پيهي، ڪٿي ڏونرا، ڪٿي ڏيهي، ڪٿي
مکئيون مرٽ مرٽ
ڪٿي ٻڪر، ڪٿي ليلا، ڪٿي ڇانگون، ڪٿي ڇيلا،
ڪٿي ٻوهه ٻرٽ
ڪٿي ڪڪر آهن ڪارا، ڪٿي وڇون ڪٿي وارا،
ڪٿي اوهيرا الهٽ
ڪٿي مارو، ڪٿي مير، ڪٿي ڪاهڙ، ڪٿي ڪير،
ڪٿي ساهيڙيون سلهٽ
ڪٿي مارو، ڪٿي مال، ڪٿي ڇانهيون، ڪٿي ڇال،
ڪٿي آن ارٽ
ڪٿي مارو، ڪٿي ماڳ، ڪٿي وطن، ڪٿي واڳ،
ڪٿي قيدن ويهي ڪٽ
ڪٿي توڏا، ڪٿي تاڙا، ڪٿي ولر، ڪٿي واڙا،
ڪٿي ڦوڳ ڦرٽ
ڪٿي ڇانيا، ڪٿي چاريون، ڪٿي ڪبڙ، ڪٿي ڪاريون،
ڪٿي جهور جهُمٽ

٣٢- ويهي ويڙهيچڻ پاڻ ۾، ڪيون روئي رڻائون
ته آڏيو منڌ ملير ۾، سي ماڻهو مڪائون
قبر تنهن ڪامڻ جي، وري ڪولي کنيائون
ٻڌي بيراڳڻ جي، سا پوريل پنيائون
ڪڙي تنهن ڪاچي تي، وري لعلڻ لڏيائون
واپس ويڙهيچن ڏي، سا اسر آنڊائون
پاڙي پهنوارن جي، وجي لاش ٻه لاٿائون
ٻڌي ڳالهه ٻروچ چئي، تي سينا سٽيائون
حشر پيو هڪ جيڏين ۾، آٿي پٽر پنيائون
ڪري ڪوڪون ڪامڻ لئي، سو رت ٻه رنائون
ڪولي منهن مسڪين جو، وري ڏوٿڻ ڏٺائون
ڏسي ڏيل ڏري پيا، ڪٿي چتا چوڙيائون
پري ٻڪ ٻروچ چئي، پٽي واري وڌائون
لاڙي لڙڪ اکين سان، تي چپر چنائون
سنيون ڏيئي مسڪين کي، تي چوٽيون چمائون
اها سرڪائي آئي ملير کي، لهي لوئيءَ ۾ لائون
ڪٿي خوشبو ڪاهڙ سان، سو چٽڪي چٽيائون
ميڙي مشڪ ملير مان، وري عطر آنڊائون
پٽيون تنهن پهنوار کي، وري پيهر ٻڌائون
ڏيئي ڏاج ڏکن جو، پئي سرهو سٽيائون
وڳا وچوڙن جا، سي پٽر پاڙائون
ماتم ماروئڙن ۾، تي ڪربل ڪيائون
اچا اوڍن ڪينڪي، ڪارا ڪيائون
ڪلها قريبڻ تي، اچي ڏوٿڻ ڏٺائون
اها سوءِ رهي سنگهارن ۾، وري لاڳ نه لاٿائون
وجي لعلڻ لٽيائون، سا مارئي ملڪ ملير ۾.

---

تہ سسي تنھنجي سومرا، ويا لحظي منجھہ لٹي
ڏنارن مان ڏٺي، تون ڪٹي آئين ڪوھہ تان.

٧ـ ڪٹي آئين ڪوھہ تان، تون راڄن مان راٹي
ڪٹي آئين ڪوھہ تان، تون ناحق نماٹي
محلاتون ڏسيو ماندي ٹئي، ڏوري ڏوٹياٹي
چڏ تہ وڃي چملا چاري، پٹي پلر جو پاٹي
ڪاڄ جنھن جو ڪنيئون، آت للر ۾ لاٹي
عمر! ڪڏھين ڪم نہ ايندء، اھو جوين ۽ جواٹي
انھيء مظلوم جي، مھيري چٹي، ٹيندي ثابت ڳالھہ سياٹي
خان انھيء ڪاٹي، اھا دنيا مثل خواب جي.

٨ـ دنيا مثل خواب جي، مونکي ميان موڪل ڏي
ڪٹي آئين ڪوھہ تان، چوري آء چڏي
ڪٹي آئين ڪوھہ تان، تون سومرا سڏي
ٻانھن ڏي ٻڪرارن کي، تون سومرا سڏي
مثان مارو ملڪ مان، وڃن لاڪيٹا لڏي
دنيا ڏوڙ، اٹئي ڪوڙ، وجھندئي گند ۾ گڏي
مٹان ھن ھڏي، چوپيندل چلي ويا.

٩ـ چوپيندل چلي ويا، ڏيٹي چپن کي چس
سوين ھتي سلطان ھٹا، لاکون ھٹا لک
کنھن جي پوري ڪانہ ٹي، ھيٹين سندي ھڪ
ويا ورھائي وجود ۾، ڏمر ڏاڍا ڏک
عمر! ڪٹين احمق، ھتي گھوٽ چڏي گھوڙا ويا.

١٠ـ گھوٽ چڏي گھوڙا، ويا سرد سري
دنيا جي دل تان، وبن ڳالھہ وسري
منڪر نڪير تن کي ڏني ڄجھارت ڳجھڙي
'من الربڪ وما دينڪ'، ڏسو مد سري
ويا ڳٹتي منجھہ ڳري، اکر پڏي عربي جو.

شاباس هجي سومري کي، جو هليو شرط مٿي شاهه
ڪيڏو هوس خيال مارئي تي، رکيائين چوڙيلي مٿي چاهه
حرف پڇيو هيڪڙو، ويو دل جهليو دانـاهه
ٻي شاباس هجي مارئي کي، جنهن صدق رکيو منجهه ساهه
پيو پنهوارن منجهه پساهه، جڏهن مارئي آئي ملير ۾.

٣٥- مارئي آئي ملير ۾، هجن مبارڪون ســـڙن
عمر انائي آيو، ڪري قابـــو منجهه ڪوڙن
ڪئين امير، ڪئين وزير هٿا، پر ڪنهن نه چيو صاحب کي صرحآ
مردن ڪٽي مات ڪئي، رکـــي راهه رنـــن
عمر مارئي پنجين سن جا، هي چوڏهون سن چڙن
جنهن ڪان مـــرن پناهه پني، ڪهيو ڪتابـــن
قصو عمر مارئـــي جـو، سنگتي سڀ سڻن
جهڙو حياءُ هنن کي، تهڙو مائين ڏي سين
ڪيو ويندو ڪينڪي، پـــڙهيو پـــورهيتن
ڪندو جنهن ڪان ڪنيو اٿيئي، سو سيٺ سڄهي سين
قرض ڏيندين ڪينڪي، ته لڳندئي لڪ منجهه لڱن
ايندئـــي ملڪ الله جا، آهي مٿان ايـــن
نيئي هٿندئي اوڙاهه ۾، جنهن ڪان ڪامل ٿا ڪبن
دوزخ جـــي دهشت کي ســـورهيه ڪبن سهن
وري وڏائي ڳالهه ڪـــي، چيو سـان چپن
قصو عمر مارئيءَ جو، پـــورو آت چـــون
مولي هـــن مريد ڪـــي، الله ڏج اســـن
مٿي مڏ سواليءَ جا، قـادر ڪنديـــن ڪن
ڪلمون پاڪ پڙهن، سي لنگهي ويندا لڪيون.

# تعلقي ڏٿي جي شاعر علڻ فقير جا بيت *

١- ساراهيان سچو ڌڻي، جو جڳ کي جياري
ڪئين ڏُليا پنهنجي ڏيهه تي، وڇوڙيا واري
ڏيئي آب آجين کي، پڌرُ پياري
آهيم سڪ سرير ۾، سڻ ڏاتر ڏيکاري
اباڻا علڻ چئي، ڪڏهن ايندم اوتاري
سرتين کي ساري، روئي وهايم راتڙي.
٢- روئي روئي حال، سون پسايو پانهنجو
ڦوڙائي فراق ۾، جر وهايم جال
قضا آنديس ڪوٽ ۾، سنهنجي لڏي سور سنڀال
اباڻن ري، علڻ چئي، جيئڻ ٿيم جنجال
ڪر ڀلايون ڀال، ڪر آجي عمرڪوٽ ڪان.
٣- ڪر آجي عمرڪوٽ ڪان، ته وڃي سونهان سنجهه سرتين
چنديان سڪ سلير جي، ڀيرا ڏيئي ڀڻن
ڏت اباڻي ڏيهه جو، وڃي چونديان ساڻ چڻين
ڏؤنرا ڏاج اسان جو، آهي قوت منجهه ڪنديــن
علڻ، اباڻن، وڃي ڳڏجي گوندر لاهيون.
٤- ڳڏجي گوندر لاهيون، سڻ عمر چام اسير
ڪيڏ ٻنڌياڻي بند مان، جيئري لاهه جنجير
سگهي ملان سرتين کي، ڪلي پيان کير

* هي بيت خود شاعر جي زباني قلمبند ڪيا ويا.
محمد الياس عرف علڻ فقير پٽ ساروڻ جو، پاڙو جيسر پير، ڳوٺ حاجي ساڪو پير، سال، تعلقي ٿٽي جو رهاڪو آهي. سندس عمر (١٩٦٣ع) ٧٥ سال کن ٿيندي. انهي حساب سان ١٨٨٨ع ڌاري ڄائو هوندو.

سو عادل ۽ منصف، هو، سدورو سلطان
سو سونهن جو سڄان، راضي هو راڄ تي.
٣- راضي هو راڄ تي، سدائين سڄاڻ سو
هر ڪنهن هنڌ 'حقير' چئي، هو راضي هرڪو
ڪنهن به قسم جو ڪنهن کي، هو اهنج نه ڪو
هئو سندس حڪم هيٺ، ملڪ ملير جو
ماڙ ۽ ڪاهڙ پٽ، سڄي تو اهو
وسيل هو مارن سان، سڄو سو ضلعو
چوپايو مال هو، تن جهانگين وٽ ججهو
'پالڻو' پريو مڙس هو، سيني مارن سندو
هن سان وفادار هو، ننڍو ۽ وڏو
سدائين صلح هو، مارن سندي راڄ ۾.
٤- مارن سندي راڄ ۾، هرڪو هو مسرور
ڏيءَ هئي پالڻي جي، 'مارئي' سا مشهور
رهي ٿي پيءُ ماءُ ڪان، دم نه هڪڙو دور
هڻ جي حسن جو ڪريان، ڪهڙو آءٌ مذڪور
هڻ جي نيڻن ۾ هو، نسوروئي نور
هن جي نيڻن ۾ هو، عشق جو انبور
گهائي سگهي ٿي گهڙيءَ ۾، ڏيئي هڪڙي گهور
حسن تي 'حقير' چئي، هئي سدا مخمور
هر ڪنهن کي هن جي، هئي محبت منظور
سامهون نه هئس سور، رهي ٿي خوش راڄ ۾.
٥- رهي ٿي خوش راڄ ۾، سنگهارين سان سدا
اٿي آسر مهل جو، ڪري ياد خدا
هر ڪنهن ٿي هاڄ ڪئي، ويهي نتي ڪا
ڪير ولوڙي خوشيءَ مان، ڪيئون ٿي اگهڻ اڇا
پهڻون ڏهي پرت سان، چوڙيئون ٿي چيلا
ويون تي ويڙهين ۾، ماڻيئون تي مزا

آهي هڪڙو "حقير" چئي، جنهن مارئي سنجهائي
ڪنهن کي ڦوڳ ڦندڻ جي، ڪل نه پيئي ڪائي
ته ڪا آهي اندر ۾، لڪي ڪي لڪائي
چو ته مارئيءَ ڪنهن کي، نه هئي ڳالهه مٺائي
نه ته ڦوڳ جي منهن ۾، وجهن ها چائي
ڪين قوم لڄائي، مارن سندي مارئيءَ.

٩- مارن سندي مارئيءَ، لوئي نه لڄائي
هن "حاجي حقير" چئي، رکي ثابت سچائي
مارن سڙي پاڻ ۾، صلاح پچائي
ته هاڻ آهي مارئي، ويئي سامائي
هلو اچ پالڻي وٽ، ڪري پاڻ پلائي
هلي چؤنس مهڻ چڙهي، سڀ ڳالهه اهائي
ته آهي تو ڪين اڃا، چو مارئي مڱائي
خوشيءَ مان ڏي "ڪيٽ" کي، تون هاڻ واڌائي
جنهن جي مائي مارئيءَ کان، آهي سونهن سوائي
سيني وائي ورائي، تہ حاضر آهيون هلڻ لاءِ.

١٠- حاضر آهيون هلڻ لاءِ، ڪريو دير نه ڪا
پوءِ هليا پالڻي ڏي، ننڍا ۽ وڏا
پالڻو ڏسي خوش ٿيو، ساڻهو راڄ سڏا
چي: پلي آيا اوهين، اڳ منهنجي ادا
خبرون ڏيو خير جون، لهن دک دل جا
مارن مرڪي چيو هيئن، پريا مڙس اسان جا
ڏي مارئي ڪيٽ کي، تون وير وڏيرا!
اسان جي تہ ادا ڙي! خبر اٿئي اها
ڏي مانُ سڙن کي، سرهو هجين سدا
ڪندءِ خير خدا، مڱاءِ مارئي ڪيٽ سان.

١١- مگاءِ مارئي ڪيت سان، ڏي وير واڌائي
خان! ڪر تون ڪيت تي، خدا لڳ پلائي
سٺي خبر سانگين جي، وير وائي ورائي
آءُ ڏيان ٿو ڪيت ڪي، ميان! مارئي مائي
مگٺو ڪريو مرد جو، پلي اوهين پائي
مارو مڙئي خوش ٿيا، سٺي ڳالھہ اھائي
ڏٺيءَ آس پچائي، مارئي مگي ڪيت سان.
١٢- مارئي مگي ڪيت سان، خوش ٿيا سڀ سنگھار
ڦوڳ ڦندي سڙي ويو، لڳس ڏاڍا خار
اٿي هليو عمر ڏي، چگي نہ ڪئي نڪار
اچي چيو عمر کي، بيهودي بدڪار
ميان! تون ملير جي، سڻ ڪا خبرچار
مارئي نالي هڪ آهي، عورت شهريار!
سرس آهي سڀ ڪنان، سونهن ۾ سردار
سهڻي نہ اهڙي سنڌ ۾، آهي ڪا مختيار
سوبڻ تنهنجي سونهن ۾، ٿيا وتڻ سرشار
هلي تون هڪوار، ميان ڏس مارئي.
١٣- ميان! ڏس مارئي، سچ سنهنجو سوال
حاڪم! هلي ڏس سگهو، تنهن جو تون جمال
عرض تنهن اناڙيءَ جو، عمر ڪيو بحال
مارئيءَ جي ڏسڻ جو، اچي ٿيس خيال
هليو ملڪ ملير ڏي، سو بلند اقبال
ساڻس هو 'حقير' چئي، ڦوڳ بد خيال
اچي پهتو لال، مارن سندي ملڪ ۾.
١٤- مارن سندي ملڪ ۾، عمر چام آيو
کوهہ جي پرسان تنهن کي، وچي ڦوڳ لڪايو
چي: ايندءون هت پاڻيءَ لاءِ سرتيون ڪري سعيو
مارئي بہ ايندي تن سان، ٿيندو لايو سجايو

آهيس ٽيو ڳيرَن ۾، ساڙو ٻهت سچو
طاقت ڪانهي ڇوڻ جي، ڇوري ڪيئن پاسو
ٽيو عمر چام ڪي، دل ۾ دک ڏاڍو
تنهن ڇيس ڙي مارئي! اڄ اٿيئي ڇا ٿيو؟
آهين تون بيمار، يا اٿئي مڪر ڪيو؟
جي منهنجو مجين ڇيو، ته ڪيان توکي قيد مان.

۱۹- آهي هيٺو حال ٿيو، قيدن ۾ منهنجو
ڳيرَن ميان! ڏنو مونکي، آهي ڏک ڏاڍو
هئي هئي آهي ادا ڙي! ٿي پيو ٻت جڏو
هاڻي ٻچڻ ٻادشاهه! منهنجو نه ٿيندو
جيڪڏهن قيد ۾، پساهه ٿئي پورو
ته موڪلج ملير ڏي، تون منهنجو لاشو
ته مڙي سيئي مارو، مچائين ساتم ڪو
ميرا عرض اهو، اوناڻج نام ڏٺيءَ جي.

۲۰- اوٺيهن رات سوريون، آنديون عمر خان
ٿن ڇيو: ڙي مارئي! ڪرتون ڳٽي ڪان
هٿ اٿئي موجود سڀ، سک منڊا سامان
سهڻي! ويهه سيج تي، ڪاءُ اٿي پڪوان
تون راڻي، پيون گوليون، ڪاءُ ڦوٽا ۽ پان
توتي آهي سارئي! رحم ڪيو رحمان
هل تون حويليءَ ۾، گهمي ڏس مڪان
چلي ڏس چوگان، مارئي! تون محلات جا.

۲۱- صلاح اهڙي ڪينڪي، مونکي ڏيو مايون
ڪريو نه منهنجي منهن تي، هي ڳالهيون اجايون
بيوفائي نه ڪنديس، ٻاٻاڻن سان ٻايون!
آهن ڪين ٻيحيا، مارن جون ڄايون
اسين ڪين ملير ۾، پٽ ٽيون پايون
نه ڪي اوڍيون زربفت، نه ڪي شالون سايون

آهن اديون! وطن ۾، سدائين سرهايون
هي ستيون منجهايون، منهنجون قيد سومريون.

٢٢- تيهين رات عمر کيو، ويهي هيءُ ويچار
تہ: مارئي آهي ٿي پئي، بند ۾ بيمار
ثابت آهي سيل تي، ڇائي ٿو ستار
اشراف آهي بيشڪ، ڪانهي ڪا مڪار
هاڻ ڪٽي سوڪليانس، ملير جي پار
پوءِ آيو مارئيءَ وٽ، سومرو سردار
چيائينس: سڻ مارئي! حقيقت هڪوار
هتي آهين 'حقير' ڇئي، مارئي! تون بيزار
موڪليان ٿو مارن ڏي، هاٿي آڻ سوار
هتي ايندو سو وڃي، تنهنجو کيت پتار
وڃي تنهن مان وطن ۾، تون ناز پري نار
هاڻي ڪندس نہ هرگز، توسان آءٌ تڪرار
ڏيڻ جي پيڻ توکي، سڏيان ٿو نروار
پوءِ ٿيرَ ۽ هٿڪڙيون، لاهہ لڳو سالار
لٿا ٿيرَ ۽ هٿڪڙيون، جهڪر ٿيو آزار
مارئي ڪڍي قيد مان، سرهو ٿيو سالار
لٿس انتظار، هنئين تان 'حقير' ڇئي.

٢٣- قيد مان نڪتي مارئي، ٿيس ساهہ سڌير
چيائين: ادا ڙي عمر، رکيئي خوش قدير
آهين بيشڪ سومرا، بادشاهہ بينظير
ڪنديس توکي دعائون، ويندس جڏهن ملير
سدائين سکيو رکندءِ، پنهوارن جو پير
عدل ۽ انصاف تي، هلندڙ جو امير
ادا ڙي! دلگير، ڪڏهن ٿيندر ڪين سو.

٢٤- اٿي عمر صبح جو، هڪ ماڻهو گهرايو
حاڪم تنهن کي حال هي، ويهي سڻايو

ميان! وچ ملير ۾ ، سگهو ڪري سعيو
وڃي چڙهيو مارن ڪي ، آهي عمر سڏايو
هلو 'حاجي حقير' چئي ، وقت نہ وڃايو
مارئيءَ تي عمر ڪي ، آهي رحم آيو
وٺي اچوس وطن ۾ ، هاو دير نہ لايو
آهي سڪ ملير جي ، مارئيءَ کي تپايو
ويئي آهي وطن لاءِ ، ماتم مچايو
اٿس سوز سوايو ، سار لهوس سيگهہ ۾ .

٢٥- سار لهوس سيگهہ ۾ ، اهو ڏج پيغام
متان وڃيئي وات تي ، گهڙي پل آرام
هليو وڃ 'حقير' چئي ، تون صبح ۽ شام
سڀيري قاصد نڪتو ، وٺي رب جو نام
اچي رسيو ملير ۾ ، ڏنائين ڳوٺ ڳام
کيو اچي قاصد جو ، سنگهارن سلام
سي ٿيا خوش تمام ، ڏسي اُٺ سوار کي .

٢٦- ڏسي اُٺ سوار کي ، سرها ٿيا سنگهار
پڇيائون پانڌيءَ کان ، ساري خبر چار
هن ڪئي حقير چئي ، اکيان هي گفتار
آهي سڏيو اوهان کي ، سومري سردار
مون سان هلو گڏجي ، ۾ چار پهنوار
وٺي اچو مارئي ، يڪدم اوهين يار!
ماندي آهي ڪوٽ ۾ ، ڏنارن کان ڏار
اٿس ادا! اوهان جي ، اٺئي پهر پچار
نڪاح لاءِ عمر ڪيا ، حيلا لک هزار
پر مڃيو ڪين مارئيءَ ، رکيس لڄ ستار
جورو جفا نہ ڪئي ، عمر شهر يار
لڄ هڻ جي ڪين لٿي ، زوريءَ نامدار

سڏي آهي پيٽ ڪري، هاڻي تاجدار
چڏي سڀ ويچار، هلو عمرڪوٽ ڏي.
٢٧- هلو عمرڪوٽ ڏي، سون سان گڏ ادا!
ڏوٿي ڏاڍا خوش ٿيا، ٻڌي ڳالهہ اها
هڪي 'حاجي حقير' چئي، هيئن چوڻ لڳا:
اڄ ترس، تڪڙ نہ ڪر، اوني عمر جا
سيان هلبو توسان، ڪندو خير خدا
مارو مڙئي پالٽي وٽ، وڃي گڏ ٿيا
هنن چيو: ميان! هاڻ، ڪرڻ گهرجي ڇا؟
هن چيو: هڪڙو وڃي، مٿان هجي دغا
پوءِ جي عمر چام، ڏيکاري مهر ڪا
تہ پوءِ هلنداسين ميان! مڙي مارو جهجها
منهنجا ماڻٿ مٺا! حال موڪليو هڪڙو.
٢٨- حال موڪليو هڪڙو، چونڊي ڪو جوان
ڏسون تہ ڇا ٿو ڪري، تنهن سان عمر خان
ويڙهيچڻ کي وٽيو، هي پالٽي جو بيان
ٻئي ڏينهن قاصد سان هڪڙو پهلوان
موڪليائين عمر ڏي، گهڻو ڏيئي مان
ڏوري اچي تن ڏنو، سومرو سلطان
ويو لهي ارمان، مارو ڏسي مير جو.
٢٩- مارو ڏسي مير جو، سڀ لهي ويو غم
چيائين تنهن ماروءَ کي، پيا سارو آڻ هڪدم
مارئي مڇايو ويٺي آهي هت ساتسم
نيو تنهن کي ملير ۾، آيو اٿم رحم
ڪونهي پيو اوهان ۾، ميان! منهنجو ڪم
قادر جو قسم، ڪانهي دغا دل ۾.
٣٠- ڪانهي دغا دل ۾، سگهو آڻ سنگهار
وڃ هاڻ وطن ڏي، آڻ جهٽ پٽ پهنوار

پوءِ موڪلايو مير کان، ڏگ مڙس ڏنار
هليو 'حاجي حقير' چئي، ملير جي پار
پهتو اچي پالڻي وٽ، ڪيائين خبر چار
سڻي عدل امير جو، لٿن وهم ويچار
سنيريا عمرڪوٽ ڏي، پنج ڏهه وينجهار
ساڻ ڪنيائون پڻ چار، زالون ۽ ٻار
هليا عمرڪوٽ ڏي، ڪري الله توهار
سڻائي ڪئي ستار، آيا هلي عمرڪوٽ ۾.

٣١- آيا هلي عمرڪوٽ ۾، ويچارا پهنوار
ڏنو مان تن کي، سومري سردار
آندي 'حاجي حقير' چئي، مارئي مختيار
مارئي ڏسي خوش ٿي، مائٽن جا سنگهار
دور سندس درد ڪيو، ڏيهن جي ڏاتار
عمر جي انصاف جا، ڳايائين ڳڻ هزار
سرها ٿيا ڏنار، سڻهن ڏسي مارئي جو.

٣٢- سڻهن ڏسي مارئيءَ جو، لٿي حيراني
سرڪي مارن جي ڪئي، مير مهماني
خوشيءَ منجهان خان جي، مارن ڪاڏي ماني
عمر ڪئي انهن تي، گهڻي مهرباني
ٿيو رحم رحماني، عمر ۽ مارئي تي.

٣٣- عمر ۽ مارئي تي، سولا ٿيو مهربان
بچايا بڇڙيءَ ڪان، آگي ڪري احسان
هاڻي 'حاجي حقير' چئي، سڻو هي بيان
چوڻ لڳو چاهه مان، ڪنيرن کي خان
ترسو مون وٽ ڪي ڏينهن، ڪريو نه ارمان
سمجهو هڻ ڪوٽ کي، ميان پنهنجو مڪان
سولي ڪندو سبحان، ڳڻتي ڪريو ڪانه ڪا.

٣٤- ڳهڻي ڪريو ڪانءِ ڪا، ڇيو مڇيو سنگهار!
ڇيو مڇي مير جو، ٽڪي پيا پهنوار
مڪيو مانگين کي رکيو، سومري سردار
ٻه ٽي ڏينهن ٽڪي پيا، خوشيءَ سان ٽنار
پوءِ موڪلائي هليا، وطن ڏي وينجهار
ڏنو هٿ دين جو، مارئي کي مختيار
چيائين: مائي معاف ڪج، مونکي لڳ مٽار
رپيا ڏنائين روڪڙا، ۽ جاما جلويدار
مارو تاجدار، چاڙهي چانگن تي چڙهيا.

٣٥- چاڙهي چانگن تي چڙهيا، عمر بادشاهه
هليا ماڪ ملير ڏي، وٺي سي راهه
رسيا اڇي واج ۾، ڪري قربئون ڪاهه
مارئي ڏسي خوش ٿي، وطن جي وڙاهه
ڪئي سهر الله، مارئي ملير ۾.

٣٦- مارئي آئي ملير ۾، وريون واڌايون
هڻ وٽ 'حاجي حقير' چئي، سرتيون سي آيون
ويا ڏينهن ڏولائي جا، ٿيون آهن سڻايون
آهيون اڏيون ٿي پاڻ ۾، اڄ مالڪ ملايون
گڏجي ڳڻ ڳايون، ويهي هاڻ والئيءَ جا.

٣٧- ويهي هاڻ واليءَ جا، ڳايون ڳڻ مائيءَ!
جنهن آهي اڏيون ٿي! منهنجي لڄ بچائي
وري آهن ڏيکاريا، جنهن پيٽون ۽ پائي
هلي هائي ڏيکاريو، ڪريون مونکي ٻائي!
هلو ته هلي ويڙهين ۾، ڏسون ساوڪ سائي
اتم لٿي اڳهائي، مارو ڏسي ملير جا.

٣٨- مارو ڏسي ملير جا، پيس نيڻ نري
گڏجي ڏڻ ڏنارين، لڳي چارڻ وري
پرٿي گهوٽ ڪيت سان، ناري ناز پري

پاتس ويس سهاڳ جو، خوش ٿيا سڀ ٿري
مارئي ويءَ مائٽن جـــي، ساعت ٿئي سري
تنهن تان 'حاجي حقير' چئي، ويا سور ٽري
سمجهڻ لڳا پنهنجو، ســـي بخت سڪندري
لٿي تن جي دلين تان، ورهه جـي چـري
رحم جي دري، خدا کولي مـارن تـــي.

---

## تعلقي هالا جي شاعر موسي فقير ڏيٿي جا بيت *

١_ مٿو ڌوءُ مارئي، تو هيءُ وڄايو حال
سڄڻ سيو تو ڏيان، مڏيون اهي مال
ماڙيءَ ۾ موسو چوي، ديواني ٿئين ديال
ڦهرئين ٿي ڦَهڻ سان، جت مارو چارين مال
ايڏو جڙت جمال، تو ويهي ڇو وڃائيو.

٢_ مون ويهي ڇو وڃائيو، حاڪم ٻڌ سوال
ترس نہ پيئي تن جو ڏسي هيٺو حال
تو منجهہ بادشاهن جو آهي ڪونہ افعال
ڳڏيندءِ ڳرزن سان، پڇاڙيءَ ڪندءِ پائمال
مون سنڀالي سو حال، ثابت ٻڌو آهي سندرو.

٣_ ثابت ٻڌو آهي سندرو، مٿي هڻ مجال
توکان اڙٻنگ هٿا سي مون سٿي ڪيا سال
آندم عمرڪوٽ ۾ خوشيءَ پٺي خيال
سي تان ڏينهن سنڀال، جو ڦريڻ ٿي ڦرن سان.

٤_ ڦريس ٿي ڦرن سين، منهنجي ڪرت اها ڪار
ڏڏيم ٿي ڏيٿو چري، ڏارايم ٿي ڏار
ڪپيڙي ڏنم پنڻ ڏي ڏونرن سندا ڏار
وجهي ويهنديس ڪينڪي، هڏ ٻہ تنهنجا هار
مري ٻت، موسو چوي، جنهن لئي آهي مسيءَ ۾ سار
ٻوءِ جي ڪيم قول قرار، سي پارينديس پهنوار سان.

---

* هيءَ روايت قاضي نور محمد وينڙ مٽياري، تعلقو هالا کان ملي.
موسو فقير ڏيٿو، مٽيارين جي پسگردائي ۾ ڳوٺ ٻچل ڏيٿو، تعلقي هالا جو وينڙ هو، اڻ پڙهيل هو، سندس چيل مداحون ۽ بيت مشهور آهن.

نه آهي راحت روح کي، نکو مزو ۽ محبت
سائين سلامت، پهچاءِ تنهن پهنوارن کي.

۱۳- پهچايان ڪيئن پهنوارکي، جنهن پنيان وهلو ڪونه وريو
پنچري پٽن تان ويٺي اهو وريو
ڏيئي وراڪو ويڙهه ۾ ساروءَ جيئن ميو
غريب آباد گڏ ٿي جيڪو راجا راج رهيو
ڪنيي تو ڪنيو، تهتان ساڻهو تڙ تان.

۱۴- تهتان ساڻهو تڙ تان، تو زوري آهه جهليو
ناهي جميعت جيءَ کي پيو ڦوڙائي آهه ڦٽيو
ٿيندءِ ڪونه ڪٽيو، جو سؤدو ڪيو اٿئي ساهه جو.

۱۵- ڪٽئي ۽ ڇيهي جي، مارئي قادر ڪي ڪل
ڪئين پڙ پلجي ويا، مُوسا انهي مهل
پيم ڪانه ڪل، جڏهن ڪنيم خوشيءَ سان.

۱٦- ڪنيئي ٿي خوشيءَ سان، سو تاب گهٽو تَو
وڃائيندءِ ويرم ۾، اهو مستي مَو
ڍرو ٿيندءِ ڍَو، تڏهن ساڳائيندين سومرا!

## تعلقي ڪوڏڙي جي شاعر الهبچائي ڪوسي جا بيت*

١- ساراهيان سچو ڏڻي، ساراهيان ستار
"وحده لاشريڪ له" پرور پاڪدار
جوڙيائين جڳهه جهان عربي جي آڌار
پنجتن پاڪ لاءِ ٺيڙا باغ بهار
حب رکي حضرت پير کي مليا چارئي يار
ڦوڳ نالي فقير هو جنهن جي ننڊ ڦٽائي نار
منهن ڏمي مارئيءَ جو، اچي ٿيس آزار
اچي اڳيان عمر جي ڪيائين اظهار
مارئي نالي ملير ۾، ناز ڀري هڪ نار
سوين تنهن جي صورت ۾، وتن شرمسار
ڳهه پاتي ڳچيءَ ۾، پاڻهين پاتي پار
پير ڪڙيون پيرن ۾، ٻولو ٻينردار
هڪڙا ڪنگڻ پيا ڪمال، ٻيان چوڙا چندن هار
ٻهون ڀرايو پٽن ۾، ڪري پٺي چيلن کي چڇڪار
مائٽ تنهن جا مارو آهن ڏڻ ڏنار
سابراچي ٿي ڪنڌيرن سان ڪوهه ٿي، سرس ڪيو سينگار
تون راجا هو راڻي، جوڙ انهيءَ جنسار
منٺي ڳالهه سومرو، سڻيري هليو سردار
وجهي مهار ميهي کي، ٿيا اٺ سوار
سير چڙهي مهريءَ تي، آيا منجهه اوڏار
آيون ماڏيون پاڻيءَ تي، ڏٺئون چوڙي وارن جي چار
ڪياڏون ڦند فقيري، پاڻيءَ لاءِ پڪار

---

* هيءَ روايت ڪوهستان (تعلقي ڪوٽڙي) سان غلام حيدر ڪوسي دان ملي، الهبچايو ذات جو ڪوسو، ڦرياٽي ڪوسن سان آهي. سنڌس جنم ١٩٢٥ع ڌاري ويره ٻنڌ تعلقي ڪوٽڙي ۾ ٿيو. سنڌس ڏندو ڍپتي آهي.

مايون! اسين مسافر اج ۾، اهو ڪياڻون اظهار
اتي مارئي گهڙو ڪٿي آئي عمر وٺ ڪري الله تو هار
ڪٿي ويهاريائين اُٺ تي، جهڙي ويس جهونجهار
وٺي راهه، روانا ٿيا، ڪري ڪاهه قهار
ڪيائين انتظار عمر ڪي، حيلا لک هزار
انهيءَ مهل، الهپچايو چئي، ستان ڏنو پٺي ڏاتار
پوءِ ڪامل آئي ڪنوار، قيد ويهاري ڪوٽ ۾.

٢— قيد ويهاري ڪوٽ ۾، آيو عمر چام
مهندان اچي مارئيءَ جي، چيو سومري سلطان
مارئي تنهنجي ملڻ لاءِ، مچي ويو ماتام
ڪر ميلاپو محبت جو، سڻائي ڪندئي سبحان
دايون ڏيندو سانءِ ٻانهيون، گوليون ۽ غلام
جايون جاگهيون چوڪيون تون چلي ڏس چوغان
ست ماڙ سهاڳ جي، تون هلي گهر مڪان
مارئي چوي ٿي، ادا عمر! سڻ هي بات بيان:
ميان وڃ مڙي، مڇ ڏٺيءَ جو نام
سرونءِ ڪان ٻه وڌ ٿئين، هاڻ تو پانيان حيوان
نڪي دائي کپي، نڪي ٻانهي کپي، نڪان
گولي کپي غلام
نڪي جاءِ ڏسان، نڪي جاگهه ڏسان،
نڪي چلي ڏسان چوغان
نڪي ست ماڙ سهاڳ جي، آءٌ مير گهمان مڪان
تو ڪان آئم ڪٿين اسير گذريا، سومرا سلطان
اهڙو ظلم ڪنهن نه ڪيو، جيئن تون ٿئين نادان
پڇائو ڪندئي پاڪ ڏٺي، اتي ڪندين ارمان
توبهه زاري ڪري اُت مچائيندين ماتام
رئندين رت اکين مان، جت ڪاري ٿيندئي قيام
جنهن مان مائٽن مڳائي آهيان، سو ڪيت
منهنجو ٿئي خان

تـــون مير كريئ مـحفلون، تـــال مٿي تخت
پلجي ســـون پيڻ تـــي، ظـــاهر ٿئين ظـــالم
پڇائو كندئي پاك ڌڻـــي، قـــادر ڏيئي قسم
توبهہ زاري كري، ميان آت مڇائيندين مـــاتم
محابي محي الدين جـــي، لاهہ كڙا كوتـــن
وچڙي آهيان وگـــر كان، ساري آهيان سرتين
انئي پهر انهن جا، مونكي پل پل پـــور پـــون
عمر ابـــاڻـي سڌ كي ۾، منهنجا رويـــو نيڻ ٺمڻ
صبح ويـــل سرتيون، پهريـــو پٽ وچـــن
ڦـــر ڦيرايـــو پنهنجا، اچيو تـــڙ مٿي ترسڻ
سارو چارين سال ٿا، ڏيـــو پيرا پـــاس پٽن
وچيڻ ويـــل وريو، اڱڻ تـــي بـــہ اچن
كير ڏهڻ تيون كٺيريون، وجهيو ونـــگ وهڙين
وريو وچن وٿاڻن كان، كريو كينگر منجهہ كچڻ
آت كيت آهي كاهڙ ۾، جنهن سان مڱائي آهيان مائٽن
وچي لائون لهنديس لال سان، ڏيئي پڙهو پنهنوارن
هتي آيس ڇڄي ڇڳيرن كان، پيو وڇوڙو ورهـن
چاريندي هيس چوڙيلين سان، ڳڻهنا پـــاس ڳهرن
انهن لاء، الهڇايـــو چـئي، ڳـــاري آهيان ڳٽيئن
ادا عمر! سارو شال سلن، آهيان جـن جي آسري.

## تعلقي روهڙي جي شاعر وريل جا بيت *

١- ڪڙيون آندم ڪوڙ منجهارا، ڏنڌا اهي ڏار
دهري آندم دل منجهارا، منهنجا واقف وڻجار
پايو سونهين سرتين وچ ۾، تون مارئي مهندار
ناحق ٿيءُ نہ نياڳي، تنهنجا سگر ڪائن سنگهار
توبهہ تنهنجي ڏار، مان ڪوڙ ڪيان ڪوڙ ڪو.
٢- ڪوڙ ڪيان ڪونہ ڪو، تو وٽ ڪين وهان
جيڪي پلنگ وڇايئي پالڪيون، سي سڄيون ڪين ميان
منهنجا مٺ ملير ۾، تن ڪي جيءَ ۾ جاءِ ڏيان
ڏٿ اباڻي ڏيهہ جو، وڃي ڪاهڙ پاس ڪيان
موڪل ملي مارئي کي، اتي پاڻي ڪين پيان
عمر اسان جي ڏيهہ ۾، وڃي ڪو جو دم جيان
اتي وڃي چوان، ڪِ آيم هٿ همير جا.
٣- آيا هٿ همير جا، تون پانيو تني پاڻين
ڪڍيو ڪوڙ قلب مان، تون پٽ تني پائين
سيندي هڻ ملير جي، تون لاڏي تني لائين
ويڙهين ۾ وريل چئي، پنهنجون پيڙهيون ٿي پرچائين
ٻج ڏٿي جي ٻاءُ ڪئون، تون باري ٿي بچائين.
٤- سوين آنديون سومري، لنديون منجهئون لوڪ
ڏس عمر رنگ الله جا، سينهن لاتي موڪ
ويندئي شهر الوٽ ٿي، تنهنجا گهوڙي سوڏا گهوٽ
صفا تنهنجا ساڙيان، تو ڪارا اڏيا ڪوٽ
پوءِ مانجهي ڏيئي موٽ، اهي گم ٿي ويا غار ۾.

---

* هيءَ روايت اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق کان ملي.
سوانح معلوم نہ ٿي سگهي آهي.

٥- قابو ٿي مان ڪوٽن ۾، ماري هان مونجهاري
ڪٽنديون سونکي ڪاهڙ واريون، سرتيون سينگاري
مٽيءَ جو مڙهه ملير ڏي، شل والي ڪٿي واري
واري موڪل، وريل چئي، پيئي هان تنهنجي پناري
سام نہ جهلج سومرا، چڏي آءُ عمر اماڻي
نڪريو ٿي نهاري، ڪي آنا سينهن ملير تي.

٦- آنا سينهن ملير ۾، ٿي هان ڪوٽن منجهہ ڪرير
ڪڙيون تنهنجون ڪاتيون ٿيون، زوراور زنجير
آچ ڪين سونکي اهي، ڏاڙهون انب انجير
درس ڪيا ها دنيا ۾، فاني ڪيئي فقير
ڪوڙ هلئي ڪونہ ڪو، جهل تون وات وزير
ڪالهہ ڪربلا ڏي، اهي سٽي لنگهيا اسير
مارو مٽ ملير، تنهنجا سڀ سڏايا سومري.

٧- سڀ سڏايا سومري، مارئي تنهنجا مٽ
آندو مانءِ عمرڪوٽ ۾، پيلهہ چاڙهيو پٽ
روئين ٿي رتولن ۾، کهڙي پيئي پٽ
پاڻي نٿي پئن تي، تون پئہ نہ پانءِ پٽ
پوءِ آئي سٽي آٿ، ڪئي مانءِ نيت نڪاح جي.

٨- ڪيئي نيت نڪاح جي، مي پي ملان ڪي مڙن
پڏيا ڏؤنر تندن ۾، قابو منجهہ ڪلن
ويڙهن منجهہ، وريل چئي، منهنجي ساڙي دل صفن
پوءِ وطن ڪاڻ وڃن، ڪاون منهنجي قلب جون.

# روايت [٢]

## عمر ۽ مارئي جي ٽيج شريڪ ڀاءُ ڀيڻ هجڻ واري روايت

عمر ۽ مارئيءَ جي ٽيج شريڪ ڀاءُ ڀيڻ هجڻ واري روايت پڻ سنڌ جي مختلف حصن ۾ رائج آهي. جيڪا پڻ هڪ مستقل روايت طور جدا رکي وئي آهي. هن روايت جون نظم ۽ نثر ۾ مليل ڳالهيون هن بعد شامل ڪيون ويون آهن.

# تعلقي عمرڪوٽ مان مليل ڳالهه *

ڳالهه ٿا ڪن ته تعلقي ننگرپارڪر ۾ چام نندو نالي هڪ سمون ذات جو سردار رهندو هو، جو تمام سکيو ۽ مالدار ماڻهو هو. ڪيترن ڳوٺن ۽ پاڙن جو چڱو مڙس پڻ هو. هڪ دفعي ٿر ۾ سخت ڏڪار پوڻ سبب پنهنجو مال ڪاهي، ٻار ٻچا وٺي اچي عمرڪوٽ جي ڀر ۾ رهيو، ان ڏينهن اتي جو حاڪم ”خفيف“ سومرو هو، جنهن کي هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو عمر رکيائون. جو وڏو ٿي پوءِ کان پوءِ عمرڪوٽ جو مشهور حاڪم ٿيو.

عمر اڃا ٽن مهينن جو مس هو ته سندس ماءُ بيمار ٿي پيئي. حڪيمن مشورو ڏنو ته ڇوڪر کي انهيءَ بيمار ماءُ جو کير نه ڏجي، ان جي عيوض ڪنهن تندرست زال جو کير پيارجي. تنهن تي خفيف سومري خاص ٻانهين کي حڪم ڪيو ته آس پاس ۾ ڪا سگهڙ ۽ چڱي گهراڻي جي زال هٿ ڪريو، جنهن وٽ ٻار هجي، ته اُن جو کير ڇوڪر کي ڏجي. ٻانهين ڳولا شروع ڪئي، شهر جون سڀ عورتون ڏسڻ کان پوءِ شهر جي آس پاس ويٺل مالدار ماڻهن ۾ ڳولا ڪيائون. آخر ڪين چام نندي جي زال، جنهن جي گود ۾ ان وقت ٻن مهينن جي ڇوڪري ”مارئي“ نالي هئي، تنهن کي پسند ڪيائون، ۽ اها خبر خفيف سومري کي ٻڌايائون، جنهن چام نندي کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کيس سارو احوال ٻڌائي، ڪانئس سندس زال جي کير جي اجازت گهريائين. چام خوشيءَ سان اجازت ڏني. اهڙيءَ طرح مارئيءَ جي ماءُ عمر

---

* هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي عمرڪوٽ) مان محمد عمر معمور يوسفاڻي کان ملي.

کي پنهنجو کير ڏارائيندي رهي. نيٺ چارڻ ننڍو ۽ پيا مالدار موٽي ماڳين هليا ويا.

جڏهن مارئي ڇهن پنجن سالن جي ٿي، تڏهن ٻين ڇوڪرين سان راند ڪندي، انهن کي پنهنجن پيئرن سان گڏ انهن کي "ادا" ڪري سڏ ڪندي ڏسي کيس ريس ٿيندي هئي ۽ خيال ڪندي هئي ته منهنجو به ڪو ڀاءُ هجي ها ته آءٌ به کيس ٻين وانگر پيار ڪريان ها ۽ 'ادا' ڪري سڏ ڪريان ها! هڪ ڏهاڙي ڪنهن هڪڙي ڇوڪري مارئيءَ کي اٿين به چئي ڏنو ته: تون نياڳي آهين، تڏهن تنهنجو ڪو به ڀاءُ ڪونهي. تنهنڪري تون اسان سان نه گڏ هل ۽ نه راند ڪر. اهو ٻڌي مارئي روئي ماءُ وٽ آئي ۽ اچي چيائينس ته: امان! مونکي پنهنجو ڀاءُ ڇو نه ڏي ته آءٌ به ان کي 'ادا' 'ادا' ڪري سڏيان، ۽ سهيلين ۾ ڀاڳ واري ٿيان. اهو ٻڌي ماڻس چيس ته: "امان! تنهنجو اهڙو ڀاءُ آهي، جنهن جهڙو ڪنهن جو ورلي هوندو!" تنهن تي مارئيءَ پڇيو ته: "امان! اهو آهي ڪٿي؟ مونکي جلد ڏيکار!" ان تي ماڻس چيس ته: "سنڌ جي مشهور حاڪم 'خفيف' سومري جو پٽ عمر سومرو تنهنجو ڀاءُ آهي، جنهن توسان گڏ منهنجو کير ڌاتو آهي. هتي اهڙو ڪنهنجو به ڀاءُ ڪونه هوندو." ان ڪان پوءِ مارئيءَ کي هميشه اها سڌ هوندي هئي ته ڪڏهن اهو پيارو ڀاءُ ڏسنديس.

ٻاراڻپ جو زمانو گذريو، جواني آئي. عمر به جوان ٿيو ته مارئي به وڏي ٿي. عمر وڏو ٿي عمرڪوٽ جو بادشاهه ٿيو ۽ عدالت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو.

چارڻ ننڍي کي هڪ يتيم ڇوڪرو ڦوڳيو عرف ڦوڳ ڦالي هٿ چڙهيو هو، جو سندس مال ٻيو چاريندو هو. جڏهن وڏو ٿيو، تڏهن کيس خيال ٿيو ته ڇو نه چارڻ ننڍي کان مارئيءَ جو سڱ گهران: پر وري ڊپ ٿيس ته متان اهو ذڪر ڪرڻ سان چارڻ کيس لوڏي ڪڍي نه ڇڏي سو ڳجهيءَ طرح مارئيءَ تي عاشق ٿي، خاموشيءَ سان پيو پنهنجا ڏينهن پورا ڪندو هو.

هڪ ڏينهن دل جهلي، هن مارئيءَ سان پنهنجي محبت جو ذڪر ڪيو. جنهن تہ مرگهو اهڙيون سڏيون سٽايس جو ويچارو ماڳهين چپ ڪري ويهي رهيو. پر دل ۾ خار ضرور ٿيس.

انهيءَ وچ ۾ مارئيءَ جو مڱڻو سندس سوٽ 'کيت' سان ٿي ويو. تنهن تي هيڪاري ڦوڳ کي گهڻو ساڙ ٿيو، سو چام نندي جو مال چڏي، منهن ڪري وني ڀڄو ۽ آخر عمر ڪوٽ اچي پهتو. اتي خيال ٿيس تہ چو نہ عمر کي مارئي جي سونهن بابت ٻڌائي، کيس هرکائي، مارئيءَ جي ٻانهن ڪٽائي، مارئي ۽ کيت کان بدلو وٺان. اها ڳالهہ ڳٽي عمر جي دربار ۾ آيو. پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪ جي خبر چار ٻڌائيندي، اتي جي ماڻهن جو ذڪر ڪندي، مارئيءَ جو ذڪر شروع ڪيائين. مارئيءَ جي سونهن جو بيان اهڙي تہ ڍنگ سان ڪيائين جو ٻڌڻ سان ئي عمر سومرو پرپٺ ان تي عاشق ٿي پيو، ۽ ان جي هٿ ڪرڻ جا گهاٽ گهڙڻ لڳو.

عمر بادشاهہ ڦوڳ کان صلاح ورتي: تہ مارئيءَ کي ڪيئن هٿ ڪجي؟ تنهن تي ڦوڳ صلاح ڏنيس تہ: اوهان هڪ ڀلي اٺ تي چڙهي، ويس بدلائي مون سان گڏ هلو تہ آءٌ توهان کي مارئي هلي ڏيکاريان. ڦوڳ جي چوڻ تي عمر سومرو، ويس بدلائي، اٺ تي چڙهي، ڦوڳ کي ساڻ ڪٽي، ٿر روانو ٿيو. جڏهن پالوا جي تڙ جي ويجهو آيا، تڏهن اتي ترسي پيا. جڏهن سال پيارڻ جو وقت ٿيو ۽ مارئي تڙ تي آئي، تڏهن ڦوڳ، مارئي ڏانهن اشارو ڪري عمر کي ٻڌايو ۽ پاڻ اتي لڪي ويهي رهيو. پوءِ عمر اٺ هڪلي تڙ تي آيو. نولو ماڻهو ڏسي، تڙ تي بيٺل ڇوڪريون وٺي ڀڄيون، جڏهن ٿورو اڳيرو ويون، تڏهن مارئي سهيلين کي چيو تہ: ادي! ويچارو مٺان اچايل هجي؛ تنهنڪري هلو تہ هلي پاڻي پياريونس. ائين ڪري سڀ تڙ تي آيون تہ عمر بہ پاڻي گهريو. مارئي چڙهي واري پاڻي ڪڍيو. پوءِ عمر کي چيائين تہ: ادا، مسافر! اچي پاڻي پيءُ. عمر اٺ تان لهي هيٺ آيو. مارئيءَ چيس

ڪا ٻيڻ ڪنهن ٻاءُ ڪي، آهي رهائي؟
جيڪا چار نندي ڇائي، ما سام پرتئي سومرا!

پوءِ ٿيڻ بعد عمر مارئيءَ کي پنهنجي ٻيڻ سڏي، پاڻ وٽ رهايو ۽ ساڻس سوکڙي، چار نندو ۽ ڪيت گهرائي، انهن کي سچي حقيقت ٻڌائي، کانئن معافي ورتي، مارئي انهن سان گڏجي ڪين پنهنجي ملڪ وڃڻ جي موڪل ڏنائين. اهڙيءَ طرح مارئيءَ جي ٻاءُ کي ڏسڻ واري مراد پوري ٿي.

---

## تعلقي سانگهڙ جي شاعر ليمي شر جا بيت *

۱ــ پکا پنهوارن جا، سون ڏورئون ٿي ڏٺا
سارو ملڪ ملير ۾، وير آهن ويٺا
مي ڪڏهن ڇڏيندم ڪينڪي، آهن مير مٺا
جن سان ٻيال ٻلي جا، ٻيا اٿن سانگ سٺا
لکين سي، ليمون چئي، ٿيندا قيام ڪٺا
آهن قرب ڪٺا، سچي نيت سردار ڏي.

۲ــ سچيءَ نيت سردار ڏي، ويندم واري ساڻ وٺي
اڄ ڪا بوند برن ۾، آهي عام آٺي
عمر! ڇڏيئي اڏ ۾، رَهائي رُٺي
سون ڏي سارن سوکلي چوائي چٺي
سِڪ تہ سنگهارن جي، آهيان قرب ڪٺي
ليمون چئي، هن لوڪ ۾، آهيان سارن سٺي
هاٺي پنهوارن پٺي، ويندس سارن ڪاڻ ملير ۾.

۳ــ مارن سون ڏي موڪليو، ڏوٿي ڪري ڏانءُ
رڍان ڪيئن رتول ۾، ادا! تو وٽ آنءُ
جنهن منجهہ ماهہ سکيو ٿئي، سو ٿڌو ڇڄي ٿانءُ
مارن ڪاڻ مري وڃان، حب ۾ ڦاڙي هانءُ
منهنجو تڏهن ملير ۾، نيڪي ٿيندو ناءُ
ڪالهہ مُڪو اٿم ڪانءُ، سو پکي پنهوارن ڏي.

* خود شاعر جي زباني قلمبند ڪيل. ليمون پٽ سرڪي، شر بلوچ، پاڙو ٻنگلاڻي، وينل ديهہ سدرت، تپو جکراهو، تعلقو سانگهڙ ضلعو سانگهڙ، اندازا سنہ ۱۹۰۰ع ڌاري ڄائو. اڻ پڙهيل ۽ عمر ڄاري آهي. جوانيءَ ۾ شاعري شروع ڪيائين. بيتن چوڻ ۾ سنڌس استاد بچيو ٿتير رند هو.

٢٠- هوڪا حق حلال جا، پڙهي ٿا پارين
مٺڙا ميٺ ملير ۾، سانگيئڙا سارين
مٺڙا ميٺ ملير ۾، ٿا اوٺڻ آٿارين
مٺڙا ميٺ ملير ۾، ٿا ڇُوڙيليون چارين
حيف تني جي حال کي، جيڪي وطن وسارين
لڪئي جون، ليمون چئي، مونکي ميارون مارين
هاڻي ڳڻتيون ٿيون ڳارين، مونکي ماروئڙن جون.

٢١- ماندي ٿيءُ نه مارئي، اِجهي مارو مال
هُو اٿئي پکا، هو اٿئي پيهون، تو ڇو هت هيٺا ڪيا آهن حال
مارئي ملير مان آئي آهين ڪنگالڻ ڪالهه
عمر ساڻ آڻ تي تون ناحق آئين نال
سَري پٽين[٨] ها ميدان ۾ اها ڳوٺ پٽن ها ڳالهه
ٿئين ها سرهي سنگهارن ۾، لاڪيٽي لال
تو جهڙيون ملير ۾، تن مان حُب مان ونڌج حال
تڻ مارن جي مقال، هاڻي ڪنهن مان ڪندئين ڪوٺ ۾.

---

## ٺٽي شهر جي شاعر زمان شاھ ساقي جون چيل راتيون *

١- الف ٿون آڏيءَ رات جو، پيو عمر کي پور
هڪڙي باھ برھ جي، پيو سڪ آثاريس سور
مهندان مارئي جي اچي، مير ڪيو مذڪور
ميڙا بنگلا باغ هي سڀ، مارئي! ڪر منظور
ڏسڻ پچاڙي پنهنجي، آهي دانائن دستور
"زمان" پڇ پنهوار کان، وڃي تون وهلور
ڏوٿي ٽيس ڏور، هي آهي حاڪم هٿ ۾.

٢- بي ٿون ٻونگڻ سان ڪيئڻ، ڪريان بنگلا برابر
سي ڪيئن باغن ۾ ٻَرنديون، ٿاڪ جني جو ٿر
ڪين ڊچان ٿي قيد کان، شل پت رکي پرور!
ڏسيو ڪيم ڏَکان^ ٿي، تنهنجو ڏاڍ ڏمر
مٿي مان ملير جي، مور نه ڪڍنديس مَرَ
سِر وڃي وڃ سومرا! پيو ڪوڙ نه مٿيءَ سان ڪر
"زمان شاھ" زيور زريون، هي ناهي پنوهارن پر
عمر! مان آخر، وينديس ويڙهيچڻ ڏي.

٣- ٽي ٿون ٽپي تاب ڪيو، عمر ٿي اهڙو:
رکنديئڻ سيل سنگهارن جو، ڪرڻ ۾ ڪهڙو؟
مارئي موٽي هيئن چيو: ڇڏ جهانگيرڻ مان جهيڙو

---

* لاڙ (تعلقي ٽنڊي باگي) مان محمد طالب کان مليل روايت.

+ زمان شاھ "ساقي" ٺٽي شهر ۾ ١٣٠٨ھ/١٨٩٠ع ۾ ڄائو. رضوي سادات مان هو. پنهنجي وقت جو سٺو شاعر هو ۽ همعصر شعراء ۾ نمايان حيثيت رکندڙ هو. سندس ڪلام ۾ ڪافيون، غزل ۽ ڏوهيڙا مشهور آهن. ١٣٤٥ھ/١٩٢٦ع ۾ وفات ڪيائين.

١٢- مون کي من ۾ مارئي! آهي سين سچائي سِڪَ
پرت ڪيو اٿم پڌرو، ڪيئن لوڪان ڪريان لِڪَ
مارئي! محبت تنهنجي، سون کي چرڪ وجهيو ڏي ڇڪ
من تڏهن مست ٿيو، جڏهن طلب ڏياريم تِڪَ
سڄي حڪومت هٿ ڪري، هينئڙي پيچ تون هِڪَ
"زمان" پهنڊي پِڪَ، منهنجو چِت چريو ٿيو.

١٣- شين ٿون شاهي شوق جو، ناهي اسان کي نينهن
هوڏ نه حڪومت تي، توکي شوق ڪيو آهي شينهن
سرها ٿيئن سنگهار ٿين، جيئن ڏاڍو تپي ڏينهن
"زمان" محبت مينهن، وسي سنگهارن سِر تي.

١٤- صادٿون صبر هاڻي، مارئي ناهيم سور
جيءَ کي ناهي جدائي، تو مارئي جي منظور
دل کي سور ساڙيو، چاڪڻ ڪيو چُور
آس نه پيچ عمر جي، اهو ڪر نه ڪلور
قدر منهنجو ڪونه ڪيوئي، نڪي سچائي سور
"زمان شاه" ضرور، منت مڃيندي مارئي.

١٥- ضادٿون ضعيفڻ تي، نه ڪر حاڪم هلائون،
ڪيڻ رهنديس ڪوٽ ۾، عمر هٿ آئون،
ڪندو شال! قبول هي، ڏٿي دعائون،
ڪيان ڏک ڏوتين تي، ماڙهو نه مڪائون،
آيو ڪونه ابائڻ مان، نڪي نياٿون،
جيڪس سگ سنگهارن سان، چني چڏيائون،
پانيان بلائون، "زمان" آڇ عمر جي.

١٦- طوئي ٿون طلب ۾ تنهنجي، حال ٿيو اٿم هي
نٿي سِڪ سمهڻ ڏي، جلي منهنجو جِي
منهنجي هن سنڻ کي، ڏسي ڏاهي تي
وجهي سيوا وات ۾، آڻي پاڻي پِي

ملڪ سچو ڏئين مارئي! ٻولي وار نہ ٻي
ڪانہ "زمان شاه" ڪِي، سختي هڻ تي سومري.

۱۷- ظوئي ٺون ظالم! ڇا ڪريان، تنهنجو تخت ۽ تاج؟
ستان سمجهين سومرا! مارئي ڪي محتاج
"زمان" ڏونر[۱۸] ڏيهہ ۾، ڏوٿين جو آهن ڏاج
سنگهارن وٽ سهڻو، آهي رلين جو رواج
چڙهيو وڻن جي چوٽين، مارو ڪن مزاج
نڪي اوڍيون عاج، نڪي پهريون پٽ ڪي.

۱۸- عين ٺون عشق عمر تي، عجب هيءَ آيو
نندون ويس نڪري، سورن ستايو
بيٺو بيوس آهي، پاند ڳچيءَ پايو
پيرن تي ڪري پوي، گوليون گهرايو
واضي ڪري ڪنهن ريت سان، پنوهر پرچايو
"زمان" مارئي منهنجي، ڇڏي سنت سوتايو
ڪري سڀ سعيو، سمجهايو سنگهار ڪي.

۱۹- غين ٺون غريبن تي، ڪهڙو ٻاريئي ڪُل؟
مارو گذارين مان ۾، هتي آهي هل
متان ستائين سومرا! ڏنارن جي دل
آءٌ امانت آهيان، مون کي مارن ڏانهن موڪل!
ڪڍ تون مون کي قيد مان، آهين جي عاقل
پيڻ ڪڍي ڇڏ بند مان، عمر! تيءُ عادل
سمجهہ اٿئي ڪا سومرا! پيڻ تي نا پئل
لَجاتِي هڻ لوئيءَ جو، مارو ڪندا مُل
ٻُور "زمان" پلپل، پُونم پنوهارن جا.

۲۰- في ٺون فوج فراق جي، نيو عمر جو آرام
مارئي ڪي محبت سان، وريو ڇئي وريام
سگ نہ تومان سومري جو، اِهو آهي الزام
ڪن مُڪو آهي مون ڏي، پنوهارن پيغام

سون نـــہ ”زمان شاہ مهدي“ ڪِي ڪا ڪمائي
پـــر ڪيہ ڪريمن صدقـــي، ســـائينءَ سٽائي
اڪر تيهہ اچـــي ويـــا، آءٌ پـــانيان پلائي
وات ڏجان وائي، ڪلمي جـــي ڪريم تـــون.
لاإله الا الله محمد رسول الله

## تعلقي سڪرنڊ جي شاعر شير محمد لغاري جا بيت *

١ــ ساراهيان سچو ڌڻي، جو عالمن الله
خالق، مالڪ ملڪ جو، شافع شهنشاهه
اپائيندڙ عالم جو، باري بيپرواهه
خالق ڪل مخلوق جو، آگو سو ئي آهه،
تنهن صاحب جي ساراهه، جنهن جوڙي جوڙ جهان جي.

٢ــ جوڙي جوڙ جهان جي، صاحب ربّ سبحان
خالق خلقيا خلق مان، آگي ڪئين انسان
شاهي شرف شان ٿيو، ناهي حد بيان
ڪجي ساراهه ڪيتري ظاهر ساڻ زبان
سو مولي مهربان، جنهن جوڙي جوڙ جهان جي.

٣ــ جوڙي جوڙ جهان جي، ڪيا صاحب سر زمين
مولي ڪيو ملڪ ۾ احمد چام امين
آئي جنهن اسلام کي، دائم ڪيو دين
جنهن مڃيو محمد ﷺ ڪارڻي، رکي صدق يقين
ڪلمي وارو ڪين، مرسل ڇڏيندو ماڳهين.

---

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ظفر بلوچ کان ملي.
شير محمد لغاري، ڳوٺ غلام شاه لغاري تعلقي سڪرنڊ ۾ سن ١٢٩٨ ھ/ ١٨٨٠ع ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم ڳوٺ نقر تعلقي سڪرنڊ ۾ حاصل ڪرڻ بعد پرائمري هالن ۾ آخوند محمد موسي پٽاري ۽ پوءِ قاضي خان محمد وٽ فارسي جي تعليم ورتائين. شاعري جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس. سندس ڪلام گهڻو ڪري ڏوهن بيتن، مداحن ۽ ٽيهه اکرين تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ لاڳيتن ٻوڏن اچڻ سبب اتان لڏي، ڳوٺ گل محمد لغاري تعلقي شهدادپور ۾ اچي رهيو. سندس گهڻو ئي ڪلام قلمي نسخن جي صورت ۾ هئو جو سندس پوين کان گم ٿي ويو. ٦٥ ورهين جي ڄمار ۾ سن ١٩٤٥ع ۾ وفات ڪيائين.

٤- ڪين ڇڏيندو ڪڏهن، عاصي، عربي ڄام
حامي هوندو حشر ۾، سو ڪامل ڏينهن قيام
چارئي يار رسول جا، مڃيو صبح ۽ شام
ٻي پڻ پياس پنجن جي، پيا ٻارهن پاڪ امام
هردم حب حسنين جي، تهڏل تن تمام
ٻوءِ عملن ساڻ انعام، ملندو ڏينهن قيام جي.

٥- جيڪا پوکي پوک جنهن، سا ڏي تنهن لڻي
عمر ۽ مارئي جي، سڪنهن ڳالهه سڻي
قيد رهي جا ڪوٽ ۾، ٿي مارن ڪاڻ مئي
آءُ پڻ ڏڪتو آن جو، پڙرو ڪيان پوئي
هئي يا نه هئي، جاڻي عالم غيب تو.

٦- ڪڻ ڏينهن سومرو هو، عمر ڄام اسير
حاڪم عمرڪوٽ جو، ناميا ڪڻ نظير
حڪم هلائي پانهنجا، وَرنهه سوئي وير
تنهن سڻي ڳالهه سومري، ماڻهن ڪنان مير
ته عورت آهي هڪڙي، مارئي منجهه ملير
صورتوند سهڻي، روشن قمر منير
ڦري روز ڦَرن سان، سانگياڻي سڏير
سڻي هاڪ حمير، رکيو ڪاڌو قرب جو.

٧- رکي ڪاڌو قرب جو، ڪامل ويو ڪاهي
ويو اڪيلو منيري، ناهم منجهان ناهي
ته ڏسان وڃي مارئي، ڳالهه ٻڌم جا هئي
مشهور ملڪن ۾، عورت هڪ آهي
عمر چڙهي ويو اُٺ تي، سهڄئون منباهي
ما ڏٺئين ڏوٿياڻي وچي، جو ڏس ٻڌو ڏاهي
آئي هيڪل کوهه تي، سا گهيڙا گهمائي
پوءِ لڄ عمر لاهي، پاڻي گهريو پنهور کان.

۱۸- محلين ماندي مارئي، تي راتو ڏينهن رڙي
ماري سنگهارن کي، ما سرن منجهه سڙي
عمر جنهن کي قيد ڪيو، اندر ڪوٽ ڪڙي
لکئي ڪونه اڙي، تي بيوس بند بلوچ ڇٽي.
۱۹- محلين ماندي مارئي، سک نه ڪري سانت
اچي ڪوٽ ڪڙن ۾، روڏي ڏينهان رات
مارئي کي مارن جي، تن اندر ۾ تات
سمجهي مارئي موت کي، مورن ۾ سوغات
اڄ منڌ رهي محلات، تي بيوس بند بلوچ ڇٽي.
۲۰- محلين ماندي مارئي، سک نه سمجهي مور
ساري تن سرتين کي، پلپل پونس پور
قسمت آڻي قيد ڪئي، ڪنهن جو ڪونه قصور
سٽي ڪونه سنگهارن جو، مارئي ڪو مذڪور
چاڪ چڪندي چور، تي بيوس بند بلوچ ڇٽي.
۲۱- محلين ماندي مارئي، تي رتو رت روءِ
ڪين ويهي سا ڪوٽ ۾، پنهوارن ڪان پوءِ
هيءَ جا جهانگياڻي جوءِ، تي بيوس بند بلوچ ڇٽي.
۲۲- محلين ماندي مارئي، خوشيان ڪري نه خواب
ساري سا ساٿيهه کي، اکين اوتي آب
قادر ڏنس ڪوٽ ۾، ڪو عذر سان عذاب
هيءَ پيي ڪنهن حساب، تي بيوس بند بلوچ ڇٽي.
۲۳- محلين ماندي مارئي، تي ماڙئين گهاري ماس
ويا ويچاريءَ وسري، اهي لاکيٽا لباس
مارئيءَ کي ملير جي، اندر منجهه اداس
وسيلا سڀ وياس، تي بيوس بند بلوچ ڇٽي.
۲۴- محلين ماندي مارئي، اندر گهچ گهري
وس نه ويچاريءَ جو، پنهور تياس پري

چڏي حياءُ همير، تو متان کوهہ ڪيوءِ
ڏنين نہ ڏاءُ رب جي، خاوند جنهن خلقيوءِ
ڪٺندي جيڪر ڪوهہ تان، ڏوٿين هوند ڏنوءِ
تہ سمجهين هوند سومرا! ڏيهہ ڏس ڏنوءِ
سُڌ تنهنجي سومرا! پٿي پنهوارن پوءِ
زوري ڪم ظالم جو، جيئن ڪامل ڪيوءِ
هي جهانگيائي جوءِ، موٽي مُنج ملير ڏي.

١٤٠- پهچي آيو پنهور وٽ، پنجين پري پير
اچي عمر ات چيو، داتہ پاڻ دلير
تہ: مارئي! پنهنجي ملڪ جو، ڪر صبحائي سير
هتي پڻ مارن جا، ڏس ڏنارن ڍير
چارين پيا چاهہ سان، ڪاهيو مال مٿير
اچڻ ويل اجهور جي، ماجهر وير سوير
هتي هتي هڪ جيها، ڪونهي سنجهن ڦير
لاهي گوندر غير، مرڪي ويهہ تون مارئين.

١٤١- چئي: عمر! عقل اهڙو، چڏ ڀڳڻ ڀاراٽو
مال نہ منهنجي ملڪ جو، نہ ڏيهہ بہ ڏاڏاڻو
نہ ماڻهو هت ملير جو، ڪو عمر اباڻو!
ڀلا مال تہ مان جيها، پر منجن ٿا ماڻهو
سور تہ توکي سومرا! ڪوئي سيباڻو
خوف توکي خاوند جو، پوي ڏ پاڻئون
ٿي سومرا! سياڻو، موڪلي مُنج ملير ڏي.

١٤٢- چهين رات چوهہ چڏي، عمر ڪيس آزي
سچ منٿ مارئي! رهہ رضا ۾ راضي
منهنجي هن انصاف جي، ڏس توري تارازي
ڪريان زور نہ ظاهري، نہ ڪا بيهودي بازي
اٿم شوق شاديءَ جو، نہ محبت مجازي

موڪل ڏي تون مارئي! تہ ڪوٺايان قاضي
تن اندر تازي، تو ڏي حب هڻين لڳي.

٤٣- چئي: ڳايان تنهنجو ڳوٺ ڏي، عمر هي انصاف
ڪڍهن وماريان ڪينڪي، پنهنجا سانگيڙا صاف
موٽي منج ملير ڏي، ڪر مارئيءَ کي معاف
تہ عمر! تنهنجا الطاف، ٻيڙهئين مڃن پنهواريون.

٤٤- آيو عمر اوچتو، ستين رات سنيري
چئي: موٽي هاڻ ملير ڏي، ويندئين ڪانہ وري
ويندئين ويڙهيچن ري، ماڙين سنجهہ مري
پنهور راج پري ٿيا، چنڊ هي چاهہ چري!
لڏئين هت هندورئين، آئي ٻار ٻري
ڏکين ڏيل ڳري، ويندءِ ويڙهيچن سان.

٤٥- چڏي محل ماڙيون، ويندو هرڪوئي
رهندو ڪونہ جهان ۾، قادر ري ڪوئي
جنهن جي نيڪي جڳ ۾، جيئرو آ سوئي
ڏجي داءُ رب جي، جڳ اندر جوئي
آءُ پڻ سونهان تن سان، مٿي جن لوٽي
پائن هار گلن جا، پنهواريون پوئي
ٿا سومرا! سيپئي، سونهن پنهنجي ست ۾.

٤٦- اچي اٺين رات جو، عمر ڪيو اظهار
مارو مٽ نہ منهنجا، هو پٽن جا پنهوار
کهڙو گذر تن جو، هو ڏارين ڏڻ ڏنار
هت پائي پوشاڪون پٽ جون، سهسين ڪر سينگار
زر زيور تو ڏيان، حيرت جهڙا هار
ويهي محلاتن ۾، تون راڻي ٿي تہ گذار
تون وڏي هوندين امير، توسان عمر جو اقرار
سي ويڙهيچا وسار، جهنگ جنين جا جهوپڙا.

۴۷ - چئي: عمر! مارو مٽ نہ تنهنجا، سي مٿ نہ تو سونهن
جن جا جهوپا جهنگ ۾، سي ڪيئن ڪوٽ ويهن
جي ڪاهيو ڏڻ ڏناريون، تيون پٽن ۾ پهرن
ماڙيون سرڪ نہ تن جو، جي پکن منجهہ پسن
جي تو جهڙا ڪينڪي، سي سيئن سان مرڪن
لقب لاءِ نہ پاڻ ڪي، نڪي لوڀ-ارن
عمر! ڪر نہ اهڙيون، جي ڳالهيون مون نہ وڻن
ڪيڏي مدي منجهان سن، موڪل ڏي تہ ملير وڃان.

۴۸ - نائين رات نوڙت سان، چيو سومري سڄاڻ:
مارئي! ويهہ سات ڪري، هوڏ ڇڏي تون هاڻ
ساري مارئي! سونجهہ ڪي، ريجهي وائين ساڻ
ور ور ويڙهيچن ڏي، تانگهہ رکي نہ تاڻ
مارئي! مارن ڪاڻ، روئي روئنديئن ڪيترو.

۴۹ - چئي: عمر تو ڪي ناهہ ڪي، مناسب هيئن
جي ٿاريليون ٿر جون، سي وهارجن ڪيئن
هاڃو ڪري هلئين، جهانگين سٿي جيئن
اڄ تہ اباڻن ڏي، آئا مصيبت مينهن
ورهيہ وڃان ٿي پانئيان، ڏوٿين ڏاران ڏينهن
مور مڇيندي ڪينڪي، سير مرندي سينئن
جيئن وٽيئي تيئن، موڪل ڏي تہ ملير وڃان.

۵۰ - ڏهين رات ڏسي ڪري، چيو سومري سياڻي
تہ: ملير تنهنجو مارئي! آهي هت هاڻي
ڪيئن موٽايان ملڪ ڏي، ماڙين ۾ آڻي
ويندءِ نيٺ وسري، پنهور سي پاڻهي
چوين تہ ميٽ تنهنجا مارئي! گهرايان صبحاڻي
پرچائي پنهوار سي، آءُ نوازيان ناڻي
نہ تہ وطن اماڻي، ڪڏهن ڇڏيندوسئين ڪينڪي.

۵۱- چئي: عمر! ايندا ڪينڪي، مارو منهنجا مير
ڏنئي ڏک ڏوٿيائي ڪي، هاچو ڪري همير!
سي مڱ نه ڏينديء سومرا! مانگي مڇي ڪير
هو پڪي سونهن پانهنجي، مارو منجهه ملير
مور نه ڏينديء مارئي، عمر چام اسير!
لالچ لوڀ نه جن ڪي، وڻ جي ڪا ويڙ
گهر ڪٿيري ڪير، پيئن سي ڀهواريون.
۵۲- ٻارهين رات يقين سان، چاتو عمر چام
منٿ مڃيندي ڪينڪي، مارئي مور مدام
تو رکي تکڙو، ٿو ڪري تاب تمام
آزيون ڪيون مون گهڻيون، سمجهي صبح شام
منٿ مڃي ٿي ڪينڪي، چڙي هوڏ حرام
زالون سمجهن زور سان، ائين چون عام
آهيان حاڪم حڪومت جو، ڪي گولو ۽ غلام
زوري زور زبر سان، ڪندس پورو ڪام
مارئي! تو سان ماتام، ڪندس اج ته ڪوٽ ۾.
۵۳- تڏهن ٻڌي ويئي ٻپ ڪان، دهاي ات داناءُ
ڏسي اکيون عمر جون، سڪي ويڙس ساهه
نيڻين نير چنڪيا، ناتر ڪي ناگاهه
قادر ڏاران ڪوٽ ۾، ڪانه ڏنائين ٻي واهه
دردي ڪري دانهه، پاڻ وڌائين پٽ تي.
۵۴- عمر سوٽيو پوئتي، ڏسي هيڙو حال
ٻنو ٻاءُ ڏٿيء جي، چڙي خام خيال
ته منڌ مارينڌي پاڻ کي، زبر ساڻ هي زال
اتي حال في الحال، موٽيو چڙي مارئي.
۵۵- ٻانهيون ٻارهين رات، عمر آت سڏائيون
عمر چيو انهن ڪي، اوهين زالون زالن ذات
وڃو گڏجي گوليون، مارئيء جي محلات

اصل عمر ڄام جا، سارو ناهن مَٽ
ڳچيءَ پائي ڳٽ، ڪوٽ ويهنديس ڪينڪي.

٦٠- تڏهن موٽي آيون مارئي ڪان، ڪيائين عمر سان احوال
تہ مور سڃي ٿي ڪينڪي، خاطر ناهہ خيال
ساري سنگهارن کي، ٿي جر وهائي جال
رکي طلب نہ طعام جي، زهر ڀانءِ سڀ زال!
راتو ڏينهان روج ۾، بيحد ٿي بيحال
جيئڻ ڀانءِ جنجال، مارن ڌاران ڪوٽ ۾.

٦١- پوءِ اچي عمر مارئيءَ ڪي، چوڏهين رات چيو
تہ مارئي! ايڏو معاملو، تو ڪامڻ! ڪوھ ڪيو؟
رکي جوش جان تي، ڇو راڙو روج ڪنيو؟
ڀاڳ تہ ڀيڙي ڀونءَ تي، تو ڀاڻهي ڀاڻ هڻيو
پر موٽڻ مشڪل تنهنجو، اڄ ٿاريلڻ ٿيو
لکيو ڀائيان لوح ۾، هو اڳي انگ وهيو
هاڻي ڀولڄ ڪبن ڀيو، گڏجي خوش گذار تون.

٦٢- چئي: نہ ڪر ويڻ وڏاندرا، عمر! الائي
لکيو منهنجو ڪيت سان، اڳيئي آهي
آءٌ سگيندي ان جي، سڄڻ دانهہ دل لائي
سڪ نہ منهنجو ساڙئين، جاڻ جڳائي
لوئي ڪيئن لڄائيان؟ آءٌ پوشاڪون پائي؟
سرتين ڌاران سومرا! سيج نہ سيبائي
هينئڙو اڄ هيٺو ٿيو، وڏو ڪوٽڻ ڪنبائي
وڇڙيس ويڙهيچن کان، شل مولي ملائي
اڄ امر اڙائي، قسمت مونکي قيد ڪيو.

٦٣- پندرهين رات پنهور کي، آکي ڳالهہ عمر:
منٿ سڃ تون مارئي! هرگز هوڏ نہ ڪر
سحليئن ويهہ تون ماٺ ڪري، ڇڏي ڏک ڏمر

٦٨- چئي: مارُئين سَرڪ نہ منھنجو، پيچ هندورا هٽي
سون نہ وڻي سا ڳالهڙي، تو جا وير! وٺي
آءٌ تہ ويندس اوڏهين، جن جي چام! چٽي
زوري زور ظلم سان، آڻين خان! ڪٽي
مونکي تن مارن جي، آ گوهر! سِڪ گهٽي
هئي منھنجي حق ۾، هيءَ بدي باب ٻٽي
آءٌ تہ خوش ان ۾، جا واحد ڪي وٽي
داور پاڻ ڏٽي، شل ميلو مارن سان ڪندو!

٦٩- سٽي ورندي وير ڪي، ٿيو ارڙهين رات اندوهہ
عمر اچي مارئي تي، رکيو سوسري ستوهہ
چئي: اچا نہ مارئي! من جو، چاڪان چڙين ڇوهہ؟
جهانگي تنھنجا جهنگ ۾، رُلن سڀ روهہ
ٿاريليون ٿرن ۾، ڪن اڪيليون آنبوهہ
پاسو پارس سان لڳي، سون ٿئي ٿو لوهہ
پوري! انهيءَ پاڳ ڪان، ڪاسڙ! پڇين ڪوهہ؟
پر تون بہ پيئي ڪرار جي، ڪونهي تنھنجو ڏوهہ
لڪيو اندر لوهہ، مرڪي ويهہ تون سارُئين.

٧٠- مارئي ڏنو عمر کي، داناءُ هي جواب:
طعنا هٽي تو منھنجي، ڪيئي دل ڪباب
هيٺي تي هلانُ ڪري، ڏنئي عمر! عذاب
طعنا هڻين، تعديون ڪرين، پيو تڪ ڏيکارين تاب
خاوند جو ڪو خوف رکي، ڪر همير! حجاب
قهري قادر ان تي، جو ڪري ڪم خراب
ايندس ڏينهن قيام جي، اُت الاهي عذاب
جنهن جي نيڪي جڳ ۾، هوندا سرس ثواب
پورهيا پرور ان جا، سائين وجهندو صاب
جي هت شيطاني شوق تي، ٿيندين فتحياب
تہ بہ حشر ڏينهن حساب، صحيح ڏيندين سومرا!

ٻيڏو هياڏيون ٻند ۾، هاڃي هيئڻ نه هڻ
اڳي عمر! آهيئڻ، تون پيي گهوٽ گهٽيڻ
آءٌ تم سگهندي ڪيت جي، جو ڏنم اباڻن
وطن ڪين وساريان، شل ويندي ڏيهه وڃن!
پرڻي عورت ڪا نه ڪا، ڪڏهن ٻن چڙهڻ
معذرتون مسڪين جون، حاڪم تان ٻم سڻ
موڪل ڏي تم ملير وڃان، پهران سان ڏٺڻ
تم ڳالهيون ڳوٺ ڳڻن، ماڻهو تنهنجون ملڪ ۾.

٧٧- پوءِ ٻاويهين رات ٻڌي، عمر آندي ڳالهڙي
حياءُ سندي همير ڪئي، آتي اک اندي
مچين محبت مان ڪينڪي، ٿئين سختي سان سڌي
چيائين مارئي کي تاب مان، تون ڀڄ! چڏ ٻُڌي
هاڻي ڪندس ڪونڪو، توسان ڳالهه ٿڌي
هئي تان سنهنجي ڪوٽ ۾، تو ڪا ڏات لڌي
پر ڪمبختيءَ ۾ ڪامڻي! تنهنجي رڳ رَڌي
پوءِ اوڏي ٿي آن کي، وڌائين هٿ وڏي
آت دانهڻ ڪيائين درد مان، مارئي مت مُندي
ڏسي ڪانه ڪندي، قادر ڏاران ڪوٽ ۾.

٧٨- قادر ڏاران ڪوٽ ۾، پيو ڀاءُ نڪو ڀاتي
ڏسي هاچو همير جو، ڇڄي پيس ڇاتي
چڏي سانگو ساهه جو، ڪامڻ ڪنئي ڪاتي
ڏنو حال همير سو، زهر پريو ذاتي
پوءِ جهڙي هيس ڳالهڙي، تنهن پيٽ اندر ڀاتي
ستي سمجهي سوسري، ڇام آيي ڇاتي
جهليس همير هٿ ڪان، ڪا هيس حياتي
چيائين ات مارئي کي، تو لئون اندر لاتي
تنهنجي سنڌ مماتي، ناهي منظور مارئي!

عمر آهي اسان کي، ڪو ساهه ٻه سيباڻو
آهي اصل اسان جي، هيءَ راڄ سندو راڻو
ٻڌو سيڻ ته تي ڪرين، تون ڳڻتي ۾ ڳاڻو
سومرو سياڻو، ڪڏهن وساريندءِ ڪينڪي.

٨٩- چئي: ڪوڙا! ٻڌين ڪوڙ ٿو، بيهودا هي ڀرم
چوڻ ڪوڙ قاصدن، اهو ڪيڻن ڪم
هوندو ته مارن ۾، مارئيءَ ري ماتم
ڪڏهن چوندا ڪينڪي، لاهي گوندر غم
پري نه ڪندا پاڻ کان، جنين ماڻ جنم
ڀاڙ وني ڀڙوو ٿئين، لاهي لڄ شرم
هاڏي هتان هڪدم، نانگا! وڃ نڪري.

٩٠- تڏهن سوٽي ويو ميرَ ڏي، وري سو وڪيل
ڪيائين مڏ سيڪا، جيڪا قال مقيل
تہ سچيو ڪين مارئي، آڻي دل دليل
هوندي عورت اهڙي، ڪامل! ڪما قليل
ناحق تو ٻي پانهنجو، آهي ڏکايو ڏيل
اي عمر چام اصيل! مشڪل ويهئي مارئي.

٩١- تڏهن اناويهين اٿلي ويو، عمر مارئي وٽ
چئي: مارئي! محلاتن ۾، ويهي نہ ڀهرين پٽ
شاهاڻي شان مان، تون ڇا چائين ڇٽ!
ويندئين ڪين وري تون، موٽي مارن وٽ
جهڙا تهڙا ڏينهڙا، هيت ڪاسڻ! ويٺي ڪٽ
تنهنجي جوءِ جواب جي، ٿي ماري منڊ مرٽ
نہ تہ چڙهي پٽ کٽ، سرڪي ويهه تون سانڙئين.

٩٢- چئي: ظالم هڻ جهان ۾، ڪڏهن ڪونہ جهڻي
ظاهر هن ظالم جا، آهڻ ڏينهن ٻہ ٽي
ڇڏينديس نہ ڪڏهين، مارو سور مٽي
تون لڳي ڪنهن چغل جي، آئين جهنگ جهڻي

ڀيون ڀوليون ٻن ڏيئي، مرڪي ويهه تون مارئين.
۹٦- چئي: عمر عادلن تي، تو رحمت ربّ ڪري
جو سرندي تري سومرا! تنهن ويـر وري
رکي خوف خاوند جو، تو ڏاتر ڪان ڏري
بدين ۽ بچڙاين ڪان، جهلي ڀاڻ ڀري
ٻن، چئن، پنجن ڏي، تو تهڏل دل ڌري
ٻيا ٻڌ مجي ڀارنهن ئي، منجهان ذوق ذري
پنجن ساڻ پورو رهي، تيهن ڪان نه تري
جي امر ۾ ابليس جي، ويندا تحت تري
سو سوڌي سر مري، جيڪو ڏکوئي ڏيهه ڪي.
۹۷- ٻوء سومري ات سڏي، عمر اميرن ڪي چيو
ته مارئي مجي تي ڪينڪي، رکيائين تڏ تڏي
جهليان زوري زال کي، يا ڏيان صاف ڇڏي
تڏهن اميرن عمر کي چيو، گفتو هي گڏي
جا قربئون ويهي نه ڪامٺي، تنهن کي ڏک ۾ ڏي
ڇڏ شيطاني شوق کي، نه ڪر هوڏ هڏي
هرڪو ويندو هليو، منجهان لوڪ لڏي
ڇڏ ته وڃي سا پانهنجي،؟ پنهور ترت تڏي
هي پيهر پاگ وڏي، مارئي ملي مائنين.
۹۸- مارئي ملي مائٽين، وڃي امانت اتي
سونهين پنهنجي ست ۾، چائي چار جتي
آندي زوري زور سان، هٺي هاچي هتي
اها مت ابليس اچي، وڌي قلب ڪتي
قادر ڏسي کل کي، ويئي ۽ مٿي
سب روشني ربّ کي، آ جتي ۽ تتي
پر عمر! اج اتي، اسان پڌي هي ڳالهڙي.
۹۹- اسان ٻڌو ايترو، هڪ دائي ۽ جي مُنهاءُ
جنهن اج اظهار ڪئي، اچي خبر اها

تہ ٻُڌا ڏنا عمر کي، آهن مارئي جي ماءُ
تنهنُ سبيان سومرا! هوءَ پيئڻ تون پاءُ
ميرا! توکي مارئي، هڏهينُ کينُ رهاءِ
هاڻي مارئي کي موٽاءِ، لاهي غير گمان تون.
١٠٠ – سا خبر پڌي خان، ڪڍيو غير گمان کي
ڪري پانئي پيئڻ سا، سومري ساطان
لٿو شوق شير محمد چئي، شر ويو سلطان
موٽي مارئيءَ کي چيو، ات عاقل عقلدان:
تہ پانيم توکي پيئڻ ڪري، ڏنئي الله امان
جس توکي مارئي! چوندو جڳ جهان
متيا پڌي سندرو، شرم رکيو تو شان
لٿو لڙ لغاري چئي، ڪڍي غير گمان
مائٽ ملندئي مارئي! مولي ڏيندءِ مان
مٿان تو مهمان! لٿو بند بلوچ چئي.
١٠١ – شيطاني شوق سندي، آ تات جنين تاري
تن شرع شريعت ڪان، ڪئي انڌن انڪاري
تي محو مجاز ۾، تنُ وحدت وساري
بدي ۽ بهتان جي، تا ڪئڻ متي ڪاري
رکن خوف نہ خطرو، جا قيام سُجهي ڪاري
جنُ رکيو خوف خاوند جو، سرت رکي ساري
ڊنا ڊاءَ ڏٺيءَ جي، تن محشر سوچاري
سي لوڪان لغاري، پهتا وير وصال کي.
١٠٢ – ٿا ٻهچن وير وصال کي، آ سئي جني ماري
ڪنهن کي نبيهہ ناهہ، ڪا، اها عاقل اختياري
مرسل مير نبي هئا، جنُ لئي جوڙ جڙي ساري
جنين ڪاڻ جهان جي، ٿي گل ڦل گلزاري
ظاهر هن زمينُ تي، هئا حاڪم هزاري
سندن هنُ جهان ۾، حڪم هئا جاري

ڏني روء زمين جي، تن سولي مختياري
ڪيئي زوراوَر زبرا، هئا ڪُوپا ڪنڌاري
خان ويا سڀ خاڪ ٿي، دولهه ڌِهداري
مَلڪ انهيءَ ماري، ڪيئي ڏَگ ليٽايا ڏوڙ ۾.

١٠٣ - پوءِ مُڪو ماڻهو مارن ڏي، اوڏانهين عمر
تہ وڃ ويڙهيچن ڏي، ٿاڪ جني جا ٿر
ڏي تون ڏوٿيڙن ڏي، وڃي خاص خبر
تہ سوٽائي نيو مارئي، پنهنجي سا پنهور
سڀَني پانيان پيٽ مان، ٿو پاڪ ڏسي پرور
متان پانيو مارو ٿا! ڀو ڪو خوف خطر
پلي ساڻ سڀر، مارئي! گهمي ماڻهين.

١٠٤ - مارئي ملي ماڻهين، سا سلامت صحي
ڪِهِ دم هئي ڪوٽ ۾، ويس لٿا لهي
رضا ساڻ رحيم جي، ڪا جا رات رهي
پوءِ وڃي رسيو ويڙهہ ۾، قاصد اُو ڪَهي
ڇپائين چاهہ سان، جيئن عمر ڳالهہ ڪئي
تہ قلم هيو قضا جو، سو ويو وير وهي
اوهين ساڻ ڳيڙا سنبهي، هلو عمر ڪوٽ ۾.

١٠٥ - هلو عمر ڪوٽ ۾، اوهين پنهور! پري پير
نيو سوٽائي مارئي، دم نہ ڪريو دير
سڄي سمجهو ساڻ ڳيا! ڦند نہ ڇاڏ و ڦير
ڏني موڪل مارئيءَ کي، غازي ڪيڏي غير
هاڻي ويڙهيچا هن وير، هلو عمر ڪوٽ ۾.

١٠٦ - پوءِ آيا عمر ڪوٽ ۾، وير مٿي وائي
سير سڏي مٽن سان آت سارئي سلائي
ڏسي ڏوٿيڙن کي، مهمين سرهائي
سهج سنجهان سا سومري، هوءَ پنهور پهچائي
مڱي معافي مارئيءَ کان، تنهن بدي بخشائي

تہ پڇليو آهيان مارئي! مون کيو ڏوهہ سخت
پوءِ عمر ماڻهو موڪليو، مارن جي ولايت
سانگين اچي ورتي، پنهنجي امانت
مارئي ملي مارن سان، پرور رکيس پت
کيت ۽ مارئي جي عمر کئي، شادي شناخت
سرهو ٿيو سيڪو، ڏسي شاهہ سندي شفقت
مَرُ زالون پڙن هي قصو، تہ مِهرين اچي مَت
سيکا زال مارئي ٿئي، ڏسي ستيءَ جو ست
علي شير، انصاف عمر جو، جنهن نہ کيو زور زبردست
جي نر سڌو ٿئي ها نار تي، تہ کهڙي هئي طاقت
مرد آهي سرکندا، جيکي سکندا عمر جي اشرافت
هوندا هنج حبيب جي، الله کندن حفاظت
داخل ٿيندا جنت ۾، سان مومن جماعت
ڏسو هاديءَ جي حکمت، جو سڀن ملي وڃي مارئي.

نيچ ڇائي هئي مارئي، جنهن به ڪين گهٽايو
پر جي ترئيءَ توراڻيو، ته آهن وڏا انصاف عمر جا.
۷۰- وڏو انصاف عمر جو، عالم ۾ آهي
ڪيائين زور نه ظاهر زال سان، نڪي ڪڍ پيس ڪاهي
نه ته چڙي چنبن سنجهه باز جي، هوند ڇا سيڻگا ساهي
ڇا وس عورت جو آهي، جي مرد مدائي تي اچي.
۷۱- سڀ رضامندو هوس رب ڏانهن، جو مدي نه آيس من
عادل مت اوليس جي، ڪامل ڪئي نه ڪن
ٻيٺو هو هڪ دل تي هڪ ڳالهه تي ٻيون سڀ ٻوليون ڏيئي ٻن
ايهو قصو مارئيءَ جو، سدا شراف سڻن
سٺي صفت سنگهار جي، من اثر ٿئي عورتن
عمر جي انصاف جي، مر ٿئي معلوسي مردن
آهن سڀ پوتا آدم جا، شال اوعالي عمر ٿين
مت مارئي جي وٺي، مر مڙيئي منڊان مرڪن
سورهه سي ساراهجن، جيڪي پاڙا ٻرس رکن
جيڪي اهڙيون ڳالهيون ڪن، ويندا سي ايمان سان.

---

# روايت [۳]

## عمر ۽ مارئيءَ جي پيئُتا ڀاءُ ڀيڻ هجڻ واري روايت

هن روايت هيٺ شامل ڳالهين جو خاص نڪتو هي آهي ته: مارئي، حمير بادشاهه جي ڌيءَ هئي، پر عمر ۽ مارئيءَ جون مائرون جدا جدا هيون. سڄيءَ سنڌ مان مليل نظم ۽ نثر جون روايتون، جيڪي انهي نڪتي تي مبني آهن،[1] سي هن بعد شامل ڪيون ويون آهن.

مارئي جهڙي مس هئي، ڪا نڪو ڪنديـن[٨] ۾ نـار
سٿيءَ ۾ ميل رکڻ سان ڪري چڏيو هو قهار
ڏسي سيرايون سومري جـون لڏي ڪيڻ لغار
سڻائيـن تـي سـر تـي تهمتون تڪرار
هاڻو نه ڪيائين همير سان، سـاري سڀ چمار
لاهي سڀ لاچار، وڃي ٿي ماهو تنهن ملير ۾. *

---

انصاف ڏيـو عمر کـي، ورنهه ڪري ويچار
با امـانت بچـي ويـئي، هيڪلي حسن دار
عمر مـارئـيءَ تي ڪيو پنهنجو نفس امـار
زور ڪري ها تنهن زال سان، ڇا هو عورت جو اختيار
هوڙو سائو سلحدار، مـردن ۾ ڪو مس لهي. *

مارئيءَ کي عمرڪوٽ مان وٺڻ لاءِ سندس مڱيندو کيت آيو هو. سو مارئيءَ کي اُٺ تي چاڙهي ملير ڏانهن روانو ٿيو. اڌ وات تي، کيت هڪڙو ڇانهون پٽي، اُن مان کوري اندران گهر ڪيري چڏيو، باقي کل مارئيءَ کي ڏنائين. مارئي ڏنو ته مارا هن کي مون ۾ شڪ آهي، سو ارمان ۾ پنجي پاڻ کي اُٺ تان ڪٽي هيٺ چڏيائين ۽ اتي جو اتي مري ويئي.

---

* بيت، محمد خان ڪپري (عمر ٨٠ ورهيه) جي زباني قلمبند ڪيل.

# عمرڪوٽ ۽ سانگهڙ تعلقن مان قلمبند ڪيل ڳالهه *

همير سومري هڪ دفعي شڪار ڪندي روجهه ڏٺي سو پنهنجو گهوڙو ان جي پٺيان ڪٽي ڇڏيائين. روجهه ڀڄندي وڃي ڪڇ جي حد ۾ پهتي ۽ ساٿي ٿي ڪري پيئي ته همير اچي جهليس. ڪڇ جي راجا جي چوڪيدارن همير کي چيو ته: شڪار تي بندش آهي، تو هي شڪار ڇو ڪيو آهي؟ همير چيو ته: روجهه منهنجي ملڪ جي آهي. ان تي چوڪيدار کيس وٺي راجا وٽ آيا. اتي به همير چيو ته: هيءَ روجهه منهنجي ملڪ جي آهي. مگر چوڪيدار چون ته اسان جي ملڪ جي آهي. نيٺ ڪڇ جي راجا ۽ همير سومري سڱ جي هوڏ رکي، ته روجهه جو پيٽ چيري ثابت ڏسون. جنهن جي ملڪ جو گاهه سندس پيٽ مان نڪتو، روجهه انهيءَ ملڪ جي هوندي. پوءِ روجهه جو پيٽ چيريائون ته سندس پيٽ مان همير جي ملڪ جو گاهه نڪتو. تڏهن ڪڇ جي راجا همير سومري کي سڱ ڏنو. همير سومري اتي شادي ڪري ٻه ٽي ڏينهن رهي، راجا کي چيو ته: آءٌ بادشاهه آهيان، اڪيلي سر پاڻهن وٺي نه ويندس، منهنجي شان وٽان نه آهي. تنهنڪري ترسو ته آءٌ ملڪ موٽي وڃان ۽ ڄڃ وٺي اچان. همير راجا کان موڪلائي پنهنجي ملڪ موٽيو ۽ ڄڃ وٺي ڪڇ ۾ آيو.

ان زماني ۾ اميرن جي سواري "چڪڙو" هئي، سو همير سومرو به چڪڙن جو سات وٺي، ٺٺين ڪنوار سميت سنڌ ڏي موٽيو. سندس ڪنوار جنهن چڪڙي ۾ سوار هئي، اهو ڏڳن

---

* هن ڳالهه جو مدار ٻن روايتن تي آهي: هڪ سگهڙ جاڙي خان مري (تعلقو سانگهڙ) جي زباني قلمبند ڪئي ويئي، ۽ ٻي روايت محمد عمر "معذور" يوسفاڻي (تعلقو عمرڪوٽ) کان ملي.

عمر! تو آندوم، چاڙهي اُٺ پنڀاءِ
پيءُ پنهنجي جو هڪڙو، ٿي توکي پانڀان پاءِ
عمر! تنهنجي ماءُ، سر نه سڏيندي سومرا!

عمر حيران ٿي ويو، ۽ پنهنجا ڪي خاص ماڻهو پالوا ۾ موڪليائين، جن وڃي پڇا ڪري خاطري ڪئي ته عمر ۽ مارئي ٻئي همير جو اولاد ۽ پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ آهن. پوءِ اها خبر اچي عمر کي ٻڌايائون. عمر ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ مارئيءَ کي چيائين ته هاڻي هيئي ٿي عمرڪوٽ ۾ رهه. پر جنهن جو روح پاپائن لاءِ سڪيو ٿي، سا ڪيئن ڪوٽن ۾ گهاري! تنهن عمر کي منٿ ڪئي ته: موکي پنهنجي ماڻهن ۾ رساءِ. پوءِ عمر، ڪيس وڏي مان شان سان وٺي، مارن ۾ ڇڏي آيو.

# هڪ سگهڙ جي ٻڌايل ڳالهه

همير بادشاهه جي زال مهراڻي پيٽ سان هئي، جو همير کيس منهن تان لاهي ڇڏيو هو. عمر اڳ ڇاول هو. لاکو، ٿوهي ۾ مهر راڻي پرڻجڻ آيو ته انهي موقعي تي مهر راڻي جي ماءُ، مهراڻيءَ کي دعوت ڏني. مهراڻي شاديءَ ۾ شريڪ ٿي.

لاکي جي شادي ٿي ته ڄڃ جي وڃڻ لاءِ وهلون تيار ٿيون. رواج هو ته ڄڃ وهلن ۾ چڙهي، ڦيرا ڏئي پوءِ موڪلائيندا هئا. مهراڻي به مهر راڻي واري وهل ۾ چڙهي ته ڦيرا اچن ته پوءِ موڪلائي وهل مان لهجي.

وهلون هلڻ شروع ٿيون ته لاکي اوچتو حڪم ڏنو ته ڦيرن جو ضرور ڪونهي، سڌا هلو ۽ تکا هلو ته پڄون. ڄڃ رواني ٿي، مهراڻي وهل منجهه ٿي رهي، تنهن کي ڪاٻه ڪل ڪانه رهي. جڏهن وهلون ويهه-پنجويهه ڪوهه ڪري ويون تڏهن مهراڻي، مهر راڻيءَ کان پڇيو ته هي ڇا؟ اڃا ڦيرا پورا نه ٿيا آهن ڇا؟ مهر راڻي، ڄڃ جي ٻيهڻ جو حڪم ڏنو. وهلون جهليائون ۽ مهراڻي کي حقيقت معلوم ٿي، تڏهن چيائين ته مون کي هتي ئي لاهيو. مهر راڻي گهڻو ئي چيس ته هينئر مون سان گڏجي هل، پوءِ تو کي وري موٽائي عمرڪوٽ ڏي موڪليندا سين. پر مهراڻي چيو ته مون کي اتان ئي موٽڻو آهي. لاچار ٿي مهراڻي کي آتي لاهي، ڄڃ رواني ٿي.

اُتهي هنڌ ٻالوا جا ڪي مانگي ماڻهو ويٺل هئا، انهن مهراڻي کي پاڻ وٽ رهايو. انهن جو چڱو مڙس "ٻالنا" نالي هو، مهراڻي پوءِ اُن وٽ رهڻ لڳي. جڏهن سانگين پنهنجو لڏو ڪنيو، تڏهن مهراڻي به ساڻن گڏجي ٻالوا ۾ وڃي رهي.

مهراڻي کي آني مارئي چانئي، جا ٿوري گهڻي ڏينهن جوان ٿي. مهراڻي کيس ٻڌائي ڇڏيو هو تہ تون همير بادشاه جي ڏيءَ آهين. مارئيءَ تي ڍوڳي نالي هڪ ٻڪرار عاشق هو، جنهنجي مرضي مارئيءَ سان شادي ڪرڻ ٿي هئي، پر پالني، مارئيءَ جي شادي کيت نالي پنهنجي هڪ مائٽ سان ڪري ڇڏي. انهي ڏاڻ ڪاوڙجي ڍوڳ عمرڪوٽ ۾ ويو ۽ عمر بادشاه کي مارئيءَ جي سونهن جي تعريف ڪري ٻڌايائين. عمر بہ مارئيءَ جي سونهن جي ساراهہ ٻڌي هرکي پيو، سو هڪڙي ڏينهن اُٺ منيرائي، ڍوڳ کي ساڻ وٺي، ويس بدلائي پالوا ۾ آيو ۽ پاڻي پيئڻ جو بهانو ڪري، مارئيءَ کي کوهہ تان زوري کڻي عمرڪوٽ ۾ آيو.

مارئي کي جڏهن خبر پئي تہ عمر بادشاه ئي کيس کوه تان کڻي آيو آهي، تڏهن ساڻس ڪان ٻڌل سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايائينس. عمر بہ پنهنجا ماڻهو پالوا ۾ موڪلي پڇا ڪرائي، جن بہ موٽي اچي مارئيءَ جي ڳالهہ جي تصديق ڪئي. پوءِ عمر، مارئيءَ کي پنهنجي ملڪ موٽائي موڪليو.

---

عمر ويس بدلائي، آٿ تي چڙهي ڀالوا ۾ آيو ۽ مارئيءَ کي کوهہ تان زوري کڻي عمرڪوٽ ۾ آيو. جڏهن مارئيءَ کي شاديءَ لاءِ چيائين، تڏهن مارئيءَ ماءُ کان ٻڌل حقيقت کيس ٻڌائي چيو تہ: عمر! هڪڙي پيءُ جو اولاد آهيون. تڏهن عمر پڇا ڳاڇا ڪري، مارئيءَ کي ملير ڏانهن موٽائي موڪليو.

# شهدادپور تعلقي جي شاعر بچائي فقير رند جا بيت*

١- ساراهيان رب صاحب کي، جنهن جي وڏي وڏائي
قادر پنهنجي قدرت سان، جڏهن ٿي حڪومت هلائي
تڏهن مارئي جا ملير ۾، هئي چارين ۾ چائي
پري هئي پنهن ڌي، ڪاڏونيا ڪائي
گهڙا ڪٺي گهرن ڪان، آتان ٿي آئي
عمر ڏنو هٿس اوچتو، تنهن جي وري ڪانم وائي
جنهن جو پاءُ نڪو پائي، تنهن کي ڪٺي عمر
چاڙهيو اٺ تي.

٢- عمر چاڙهيو اٺ تي، هن کي حاڪم ويو هٽي
ڪيائين ڪوڪون ڪيتريون، مٿان ڪوهه ڪٺي
سڌ تنهين کي سور جي، جنهين ڏيءِ چٽي
پڙدو ٿون پنهوار جو، وڪج رب ڏٺي
بچايو چئي، بدڪارن جا، صاحب! مڏ سٺي
جڏهن واحد کي وڻي، تڏهن قابو ڪيائين ڪوٽن ۾.

٣- قابو ڪيائين ڪوٽن ۾، نير هٽي نال
سڪندي تن سانگين لاءِ، مونکي سوين ٿيا آهن سال

---

* بچايو فقير عرف الهه بچايو پٽ بنگل خان رند لڳ ڳوٺ اگهاماڻي تعلقي ماتلي ضلعي حيدرآباد جو رهاڪو هو. ننڍي هوندي ئي پيءُ وفات ڪري ويس، انهيءَ ڪري ڪيس ننڍي وهيءَ ۾ ئي پيٽ گذر لاءِ مال چارڻ جو پورهيو ڪرڻو پيو. جوانيءَ ۾ ٿي ڪڙمت ڪيائين. بعد ۾ ڳوٺ محمد خان رند تعلقي جهول ۾ لڏي آيو، جتي سندس اولاد اڄا تائين رهي ٿو. سندس بيت مشهور آهن. اندازاً اسي ورهين جي ڄمار ۾ ٢٧- رمضان ١٣٨٤هه ۾ وفات ڪيائين.

موکي پنهوارن پياريون، پينگهي سنجهه پکون
پيٽرَ پِرس پاڙيچين سان، ڏيئي تار تکون
روئان ويٺي، رند چئي، منهنجي هئين ۾ هڪون
جي اٿرَ لوئي سنجهه اِيکون، سي وڃي چوندائيندس
چوڙيلين کان.

۳۲- عمر اتي مارئي کي، مِهر ڏني موکل
باندين تان بند معاف ٿيا، لٿي جهانگيائي تان جهَل
لٿا قيد قسمت جا، ڪِڙيون پيا ڪنگل
ڏئي ٿو ڏاج هٿن سان، اٿيو انهيءَ مهل
جنهن کي سک سانيهه جي، سا پهر نہ جالي پل
پر مارئي کي مگيندي، ڪاڻي ڏني ڪل
جنهن، کي بدي نہ هئي، بچايو چئي، تنهن کي
جاگيا جيءَ اندر ۾ جَل
مارئي انهي مهل، سر ڏئي سرهي ٿي.

۳۳- سر ڏئي سرهي ٿي، جنهن جو رکيو سيل ستار
مرڻ ويل مسڪين جا، تون سٽين سڏ ڏاتار
هڻ جي ڪوڪ ڪنن سان، پڌي ٿي پڪار
نکو اٿئي ارمان عمر تي، نکا آهي مارئي تي سيار
هن جو چِت چريو اٿئي، ڏسي دونهن جا ڏڏڪار
موسل کي مجاز جا، هٿا تن اندر ۾ تار
سسئي پڌو سندرو، هلي ڪيچين جيءَ قطار
ليلان لڇڻ سٺيا، جا پڻلي کان پتار
هير آتي حيران ٿي، جنهن کي تيهان لڳي تار
سيڻل بديعل لاءِ، ٿو روئي زارون زار
مجني کي مستي هئي، جنهن تي ولين کيا ولهار
سوڙي ڪديا سچ سان، ڪُلئي پاءُ ڪنڌار
ڏنو سِر صاحب کي، کِلي راهِ ڪنگهار

ماري ماريان ڪيترو، عاشقن جو آچار
ڪيم ڪچايون ڪيتريون، مون بديون بيشمار
خاوند ڪٿي مونکي بخشين بخشڻهار
مون ۾ مداين جا آهن عيب اپار
بخشين٨ ڏوهه، بچايو چئي، سٿين ربّ ستار
ڪونهي وسيلو مون ولهيءَ جو، سواءِ تو سردار
ڪلمي جي آڌار، اسين چئندا ايمان سان.
لااله الا الله محمد رسول الله

## تعلقي ٽنڊي ٻاگيءَ مان قلمبند ڪيل ڳالهه *

همير سومرو عمرڪوٽ تي بادشاهي ڪندو هو. سٺ سالن جي عمر تائين اُن کي اولاد ڪونه ٿيو. سندس راڻيءَ جو نالو "ساران" هو، جنهن مان همير جي تمام گهڻي دل هوندي هئي. هڪ ڏينهن همير کي سندس راڻيءَ چيو ته: جيڪڏهن مون مان توکي اولاد نٿو ٿئي ته تون ڀل ٻي شادي ڪر، منهنجي موڪل آهي.

عبدالله، ڀالوا جو سردار هو. همير جي ساڻس گهاٽي ٻاري هئي، ۽ ياريءَ ۾ کيس ٻارهن تڙ (جاگيرون) لکي ڏنا هئائين (۱). هڪڙي ڀيري همير شڪار تي چڙهيو. شڪار ڪندو ڀالوا ۾ آيو ۽ عبدالله وٽ اچي ترسيو. اسُر جو قرآن شريف جي تلاوت جي آواز تي اک کلي ويس. ڪنهن عورت مٺڙي آواز سان تلاوت پئي ڪئي. آواز همير جي دل ۾ چُڀي ويو. صبح جو عبدالله کان انهيءَ بابت پڇا ڪيائين، ڄاڻايائين ته اهو آواز عبدالله جي گهر مان پئي آيو.

عبدالله کي "هاجران" نالي تمام سهڻي ۽ سلڇڻي ڌيءَ هئي. سندس دستور هوندو هو ته اسر جو نماز پڙهي قرآن شريف جي تلاوت ڪندي هئي. عبدالله همير کي ٻڌايو ته اهو آواز منهنجي ڌيءَ حاجران جو هو. همير ڪانئس يڪدم حاجران جي سڱ جي گهُر ڪئي. عبدالله، حاجران جو سڱ اڳئي پنهنجي قوم ۾ ڏيڻو ڪري ڇڏيو هو. سو جڏهن بادشاهه جي گهُر ٿي،

---

* هن ڳالهه جو مدار ٻن روايتن تي آهي: هڪ مير ميرمحمد لنڊ وينل تعلقو ٽنڊو باگو جي زباني قلمبند ڪيل ڳالهه، ۽ ٻي خليفي حاجي شيرمحمد وينل مٺي، تعلقو ٽنڊو باگو جي مثنوي تان ورتل آهي.

(۱) خليفي صاحب مثنوي ۾ انهن تڙن جا نالا ڏنا آهن: ڀالوا، گوٺري، ڏانڌل، ڏانو، رتنياري، ويراوان[۸]، ٻهي ۽ راسسر.

تڏهن انڪار ڪري نہ سگهيو، ۽ لاچار همير سومري کي سڱ ڏنائين. همير شادي ڪري حاجران کي عمرڪوٽ ۾ وٺي آيو. ٻن مهينن جي گذرڻ بعد همير اچي بيمار ٿيو. دل ۾ خيال ڪيائين تہ متان عبدالله لاچار ٿي مونکي سڱ ڏنو آهي، تنهنڪري ان جي ڪا مونکي رنجش پهتي آهي، سو پنهنجن وزيرن کي گهرائي؛ کين وصيت ڪيائين تہ: جيڪڏهن مري وڃان تہ رائي حاجران کي سندس پيءُ عبدالله وٽ پالوا جي ٿڙ تي پهچائجو، متان مون تي عبدالله جو ونج رهجي وڃي. قدرت خدا جي، ٿيو بہ ائين جو ٻن ٽن ڏينهن ۾ همير سومرو مري ويو. وزيرن، همير جي وصيت موجب حاجران کي پالوا جي ٿڙ تي، سندس پيءُ عبدالله وٽ پهچايو. حاجران اُن وقت پيٽ سان هئي، ۽ قدرت سان همير جي پهرين رائي کي بہ اُميدواري هئي. ٿورن گهڻن ڏينهن بعد حاجران کي ”مارئي“ ڄائي ۽ ساران کي پُٽ ڄائو جنهن جو نالو ”عمر“ رکيائون. مارئي لاڏ ڪوڏ سان پلجڻ لڳي. هوءَ ساهيڙين سان گڏجي پڙهڻ ويندي هئي. جڏهن وڏي ٿي تڏهن هڪڙي ڏينهن ساهيڙين کيس چيو تہ: مارئي! تنهنجو پيءُ نہ آهي ڇا؟ امان جي مائٽن تنهنجو پيءُ نہ ڏنو آهي. تنهن تي مارئيءَ پنهنجي ماءُ کان پڇيو تہ: اما! منهنجو پيءُ نہ آهي ڇا؟ انهيءَ تي حاجران مارئيءَ کي ٻڌايو تہ: تون همير سومري جي ڌيءَ آهين، جو عمرڪوٽ جو بادشاهہ هو. تون ڪو خيال نہ ڪر. تون تہ پاڻ بادشاهي گهراڻي سان آهين. اتي مارئي کي سموري حقيقت جي خبر پيئي.

اڃان مارئي ڄاڻي بہ ڪانہ هئي تہ عبدالله کي ڦوڳ نالي هڪڙو ڇوڪرو جهنگ مان لڌو هو. ان کي پالي وڏو ڪيو هئائين. ڦوڳ سندس مال چاريندو هو (١)؛ هُو مارئيءَ تي عاشق

---

(١) خليفي صاحب جي روايت موجب: ڪيت مان لڌو هو، تنهنڪري ”ڪيت“ سڏيائونس. پوءِ ”ڦل“ نالو پيس؛ اُن بعد وري ”ڦلو“ نالو رکيائونس.

معروف جڏهن گهڻو پند ڪيو، تڏهي مارئيءَ کي چيائين تہ: مارئي! تون عمر کي پسند نہ آئين، تنهنڪري توکي واپس ڪيو اٿس. اهو ٻڌي مارئيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ دنيا ائين چوندي، سو انهيءَ خواريءَ کان مرڻ بهتر سمجهي، پاڻ کي اُٺ تان ڪٽي هيٺ ڦٽو ڪيائين ۽ اتي جو اُتي سري ويئي.

---

مارئي اهو حال ڏسي عمر کي چيو ته: ادا، تون منهنجو ڀاءُ، آءٌ تنهنجي ڀيڻ. ڀلي ڀچا ڳاچا ڪري ڏس. عمر جڏهن ڏاين ۽ ٻانهين کي مارئي ڏيکاري ڀچا ڪئي، تڏهن معلوم ٿيس ته مارئي سچ ٿي چوي. پوءِ مارئي کي وٺي ٻنهنجي هٿن سان مارن ۾ ڇڏي آيو.

---

## تعلقي جاتي جي شاعر گل محمد ڪوسي جا بيت *

١- صفت ڪريان ٿو صاحب جي، جيڪو خالق خلقڻهار
مرشد امان جو محي الدين، جنهن جو نالو آهي نروار
همير نالي سومرو، هو ملڪ ڏٺي مختيار
رهندو هو وڳهه ڪوٽ ۾، جوڙ چڱيءَ جنسار
هن وٽ سوين سپاهي هئا، پيا طنبو طرحدار
هڪ ڏينهن الله جو ٿيو، ويٺي وير ڪيو ويچار
ڪري شوق شڪار جو، ورتائين گهوڙا ۽ هسوار
پهرين منزل ڪيائين پٽ تي، جتي هئا هرڻ مرون هيڪار
اتي ڪاري وڇي ڪڙڪو ڇڏيو، ڪيا دوناليءَ ڏڏڪار
حيوان ڪريو هڪوار، جنهن کي ڇيرا ڇڳا تي لڳا.
٢- رات رهي روجهه پڪائون، خوشيءَ منجهان خان
صبح جو سعيو ڪري اٿيا جلديءَ منجهان جوان
ٿاڪ پڏاڏون ٿر ۾، جت هئا مارن جا به مڪان
تهدل لٿا اچي تڙ تي، ڪوڙي طنبو ۽ طولان
اتي صورت ڏٺائين سونهڻي، مارن ۾ انسان
ماڻهو موڪليائين مارن ڏي، ڪڍي غير گمان
تن سان ڳڌجي ”گل محمد“ چئي، آن کي گهرايو
سومري سلطان

---

* هيءَ روايت ڏري اوٺي، عمر چاليهه سال، ويٺل ساڏپور، جي زباني ميرپور ساڪري جي ڪچهري ۾ ١٩٦٠ع ۾ قلمبند ڪئي ويئي.
گل محمد پٽ احمد بليلاڻي ڪوسو، ويٺل ڪوسن جي ڪيٽي، لڳ ڳگهه مڪان ۾، ديهه سڪپور، تپو منارڪي، تعلقو جاتي. اٽڪل ٥-٦ سال ٿيا جو (١٩٥٥ع ۾) ستر ورهيين جي عمر ۾ گذاري ويو. پسوليس ۾ هو. اڻ پڙهيل هو. ننڍ ۾ اشارو ٿيس ته بيت ڏي.

هن کي ڪل پيئي ڪانہ، تہ سومري مڏايا سگ لاءِ.

٣- ڏنائون سگ سومري کي، ڪري الله توهار
گهوٽ ويهي تو گهر ۾، چڙيو شوق شڪار
اوٺيهہ راتيون رهي پيو، ويهڻ ڪيائين ويچار
وري موٽيو پوٺتي، موڙي مير مهار
ڪاهي آيو وڳهہ ڪوٽ ۾، گهوڙا ۽ هسوار
تهدڻ ويٺو تخت تي، ڪري الله توهار
سگ وٺي آيو سومرو، هي پرڏجي پنهوار
'صاحبان' ڏيءَ 'سومار' جي، نالو جنهن نروار
پڌيو هس گهچيءَ ۾ هار، ڪليو ويٺي ٿي کٽ تي.

٤- کلي ويٺي کٽ تي، پئي وينگس نهاري وات
تنهن جا صبح سويرو، چيلا چوڙيو، پڪر ڪن پيڪات
پچن چاريون، پيرن واريون، اٺيو پنهواريون، گوريون
ڪٽن گهات
جڻ جون ميناڪاري منڊيون، سي منگهہ ولڙين مات
پائن سلواريون، گهاڙهيون سايون، ناز پريون
ڪن ذات
تن جا ڳام وٺا "گل محمد" چئي، پلي چنبي پئين چات
اٿم اندر منجهہ اوسات، مارن جي ملڻ جي.

همير سومرو، صاحبان کي ساڻ ڪري مارن ۾ آيو ۽ اتي ويهارو کن راتيون رهيوئي مس تہ پويان وڳهہ ڪوٽ تي دشمنن حملو ڪري ڏنو. اطلاع ملڻ تي همير سومرو، صاحبان کي پنهنجڻ سائڻن ۾ ڇڏي واپس وڳهہ ڪوٽ وريو، جتي لڙائي ۾ مارجي ويو.

مارن جي ملڻ جي، منهنجي هينئڙي لڳي هير
اتي ڏيءَ چائي ڏرارن ۾، جنهن کي مارئي ڪونين مير

سامائـي ڏيءَ صاحبـان جـي، ڪائـي ڪندون ۽ ڪير
جوءِ اٿيو ٿـي جاسـان ڪٿي، هس ڪڙولا هـار
ٿيون ٽڌڪارون ٿرن ۾، جت پڪا ڳـم ڳنڍير
چوڙيليون ٿيون چاڳ ڪن، جن جـو وڻـو ملڪ ملير
پچي ٿي پنهنجي پيءَ جـو، ورنهه اٿيو ويـــر
پوءِ جوڙيو تنهن کي جـواب ڏئـي، ڪريو ذات نظير
تـہ ملڪن ۾ مشر هـــو، اصـــل کان اسيـر
صوبو هو سومـرن ۾، جنهن جـو نالو هـو تـہ همير
سو سري چڙهي ويو ملڪ مان، هو گهوڙا گهوٽ وزير
هاڻي ڀاءُ سڄي تـو پيڻ جـو، عمرڪوٽ امير
اهو خواري ڪندو ڪـوسـو چئي، اچي مـارن مٿي مير
هاڻـــي پنهوارن جا پير، ڏجا مهت ملير ڪـــي.

عمر سومرو هڪ دفعي شڪار جي لاءِ ملير طرف ويـو، ۽ اتي مارئيءَ کي تڙ تي پاڻي ڀريندي ڏٺائين. مارئيءَ کي ڏسڻ سان عمر عاشق ٿي پيو ۽ مارئيءَ کي کڻڻ جو ارادو ڪيائين، مگر ان وقت ڪي ماڻهو کوهه جي نزديڪ ڏسي واپس موٽـي آيو. ٻئي دفعي وڃي وٺي مارئيءَ کي زوري اٺ تـي چاڙهي، اچي عمرڪوٽ ۾ بند ڪيائين، جتي کيس شاديءَ لاءِ گهڻيئي منٿون ڪيائين، پر مارئيءَ نـہ مڃيو. نيٺ عمر، مارئـيءَ کي سمجهائڻ لاءِ ڪي چڱا مڙس گهرايا، جن ۾ هڪ هندو نالـي 'موتي' مارن جوڳيهي پڻ شامل هو. ان کي مارئي ۽ عمر جي ڀاءُ ڀيڻ هجڻ واري سموري حقيقت معلوم هئي. تنهن عمر کي سڌي سڄي ڳالهه ٻڌائي چيس تہ: مارئي تنهنجي ڀيڻ آهي. مـون پاڻ ڏٺو تہ همير سومرو، مارئيءَ جي ماءُ مان پرڻيو هـو. چون ٿـا تہ مارئيءَ جي ڪٺي اچڻ کان پوءِ، هڪڙيءَ رات عمر خـواب لڌو، جنهن ۾ پڻ کيس معلوم ٿيو تہ مارئـي سندس ڀيڻ آهـي. ان کان پوءِ مارئيءَ کي مارن ڏانهن ڏياري موڪليائين. مارئـي

جڏهن ملير جي ويجهو پهتي، تڏهن ڪيت ڏڱري هٽي ۽ ڇانهين جي اندران ڳـــر ڪڍي، باقي ٿلهو ڪوڪو مارئـي ڏي ڏيـاري موڪليو. هوءَ اهو طعنو سهي نه سگهي، سو پاڻ کي آٿ ٿان ڪٽي ڇڏيائين ۽ اتي ئي مري ويئي.

'ڦوڳ' اچي فرياد ڏنو، ته سڻ منهنجا سردار!
منڌ ڏٺيم مليرم ۾، آهي ٻالڪ نندي ٻار
مارئيچڻ جي ملڪ ۾، ٿي پهون چاري پنهوار
جهانگياڻي جوکيو ڄئي، آهي هزارن ۾ حسندار
سوين سومريون صدقي ڪجن، نالي هن جي نروار
حُسن سان هُن جي، نه ڪنهن جي هلي ڪار
ڪنهن ڏانهن هوءَ نه ڪري، ڏران ٿي ديدار
پنهوار اهڙي پار، ٿي ڦر چاري ڦوڳ چيو.

٣ـ ڦر چاري تي ڦوڳ ۾، ڪامڻ ڪنيو ڪر
سونهن صورت ۾ سهڻي، ننگ ڀري نينگر
ڪانهه پيئي آهي ڪنهن نر جي، متس نرت نظر
ڪئين وتڻ ٿا ڪيترا، سندس سڪ ۾ سوداگر
آڻين ته آڻ ان کي، ته تو هجي مليرم ۾ مر
ڦوڳ فرياد ڏئي، کولي ڏني خبر
اڻاريائين اڪبر چئي، مارئي لئي محشر
پڌي ڳالهه عمر، سومرو اٺي سنيريو.

٤ـ سومرو اٺي سنيريو، عمر چاڙهه امير
تر به ترسيو ڪينڪي، وهلو نڪتو وير
پيلهه پئي هليا هٺا، تُرت ڪري تدبير
قضا جا قادر جي، اچي پيئي اڪسير
لکيو جيڪي لوهه ۾، ڏسي حاڪم ۽ حقير
پهتا اچي ان پنڌ تي، اڀت لنگهي سير
چار منزلون چڙن، ماڪ هو مليرم
عمر ڪي آڪير، آٺي سهڙايو اتهين.

٥ـ عمر آيو اتهين، اچي ميٺ سڻيائين
دغا جون دل ۾، جُڙتون جوڙيائين
مارئي ايندي مال سين، ڏورانهن ڏنائين
پاٺي تنهن کان پيئڻ لاءِ، رڄي ورتائين

سڪ هئي سسئيءَ کي، ڪندي ويئي پنهل جي پچار
جبل ۾ 'جوکيو' چئي، سڏائين هوتن جي هونگار
اهڙا ڪئين عاشق، نيهن ڪيا نروار
ڪلمي ساڻ قطار، ٿي ويندا ميڙي محمّد جي ۾.

لا اله الاالله محمد الرسول الله

## لسٻيلي جي شاعر يوسف موندري جو بيت *

سا بني ساريم سومرا، مون کي ڏيهه وڻ ڏور ٿيا
منهنجا ماروءَ ڄام سين هتا پرڙئون پيچ پيا
سا ويندي، رهندي کينديءَ، آهي هت نه گهارڻ گهاءُ
حق حوالي هيڪڙي، آءُ اڳ مڱائي آهه
ساور سڻي پيا ور کندي، کهڙي لالچ لاءِ
پٽ نه پرهيان سومرا! تنهنجو وڳو تان نه سيباءِ
گندي 'کيٿ' گهوٽ جي، لوئي تان نه لڄاءِ
ماءُ 'ماڏوئي'، پيءُ 'پالينو'، راڄيڻ^ ڏي جهلياءِ
ڪر پلايون پيڻ سين، تون عمر ٿورو لاءِ
سچ ڪريان ٿي سوڳند توسين، آهم ادا تون اصلاءِ
مون سٽيءَ جو سيڻ پرين، ٿيو نام سچو نرواءِ
'پيءُ ٻنهي جو هيڪڙو' مون کي چيو ماءُ
مڪ سچائي ماڃاءِ، وڃي ملندي ماروءَ ڄام کي.

---

* "پيلاين جا ٻول"، مطبوع سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد، ڇاپو پهريون ١٩٧١ع تان ورتل. يوسف پٽ جمال ذات موندرو، ڪارڙي ناڪي (لسٻيلي) جو وينل هو، سنه ١٩٤٣ع ۾ ٣٥ ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. سندس ڪلام بيتن تي مشتمل آهي.

# روايت [۴]

## عمر ۽ مارئيءَ جي سڳا ڀاءُ ڀيڻ هجڻ واري روايت

هن روايت هيٺ شامل ڳالهين جو خاص نڪتو هي آهي ته: ”عمر ۽ مارئي پاڻ ۾ سڳا ڀاءُ ڀيڻ هئا“. انهي نڪتي واريون سنڌ جي مختلف حصن مان سليل نظم ۽ نثر جون روايتون هن بعد شامل ڪيون ويون آهن.

## تعلقي عمرڪوٽ مان مليل ڳالهه*

ڳالهه ٿا ڪن ته: همير سومرو سنڌ جو بادشاهه هو. هن جي ڪيچ جي سمڻ سان ڏيٺ ويٺ ۽ اچ وڃ جو رستو هو. جڏهن راءِ لاکي اچي مهر راڻي سان شادي ڪئي، تڏهن همير به اچي ان سان شريڪ ٿيو. شاديءَ بعد هي واپس ڪيچ ڏي موٽيا. همير به ٻارن ٻچن سميت ان سان گڏ هو. همير جي زال حامله هئي. هنن پهرين منزل اچي ڳوٺ ڀالوا تعلقي ننگر پارڪر ۾ ڪئي. ان رات راڻيءَ کي ويم جا سور ٿيا؛ سو ان ڳوٺ مان هڪ دائي آڻايائون، جنهن جو نالو 'سومل' هو. جا ذات جي ويڙهيچي (جوڻيجي) هئي. جوڻيجا سمات قوم جي هڪ مشهور ذات هئي.

انهيءَ وقت سومرن ۾ نياڻين کي جيئري پورڻ جو رواج هو، ۽ ان ڪان سواءِ جيڪا زال ڌيءَ ڄڻيندي هئي؛ ان جو به مان گهٽجي ويندو هو. سو 'دائي سومل' کي راڻيءَ چيو ته: جي پٽ ڄائو ته توکي هزار رپيا انعام ڏينديس، جي ڌيءَ ڄائي ته ڳالهه لڪائج، ۽ چئج ته "ڪوم" (مختلف جنس) ڄائي آهي، ته به توکي پنج سؤ رپيا ڏينديس؛ پر پوءِ اها ڌيءَ تون وٺي نپائج.

اهڙيءَ طرح الله جي قدرت سان هن کي ڇوڪري ڄائي. دائي مشهور ڪيو ته 'ڪوم' ڄائي آهي. کيس پنج سؤ رپيا مليا، ڇوڪري کڻي وڃي پاڻ نپايائين، ۽ ان جو نالو رکيائون 'مارئي'.

مارئي وڌندي رهي ۽ هن جو حسن به زياده ٿيندو ويو. ان وچ ۾ 'سومل' هڪ 'کيت' نالي ڇوڪري کي چيو ته: تون

* هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي عمرڪوٽ) مان محمد عمر 'معمور يوسفاڻي' کان ملي.

ڪوپر وچي هڪ ٻئي ڪان پري پيا. تنهن تي هڻ ڪيت ڪان پڇيو تہ: هي ڇا؟ ڪيت جواب ڏنو تہ: توڪي بہ عمر بادشاهہ هن چانهين وانگر ڪرڙي ڪائي ڇڏيو آهي. اهو ٻڌي مارئي ان وقت اتي هڪ ٻوٽي تي ڪنڊ رکي ليٽي پئي ۽ پساهہ ڏنائين. ان ٻوٽي کي اڄ بہ "مارئيءَ جو پٽر" چوندا آهن. اهڙيءَ طرح مارئيءَ جو موت ٿيو.

——-

# تعلقي سجاول مان مليل ڳالھ *

جيسلمير جي راجا جو اُٺ تمام تکو هلندو هو. روز رات جو سؤ ڪوھ پنڌ ڪري عمر ڪوٽ ۾ اچي، همير سومري جو باغ کائي ويندو هو. هڪ دفعي پهريدارن اُٺ کي ڏسي ورتو، همير سومري کي ٻڌايائون، جنهن چيو تہ اُٺ کي جيئرو جهليو. همير سومرو پاڻ ڪجھ ماڻهو وٺي باغ ۾ اچي لڪي ويٺو. اُٺ بہ هريل هو سو دستور موجب باغ ۾ آيو ۽ چرڻ لڳو. همير جا ماڻهو اُٺ کي ڦري آيا، پر اُٺ انهن جي وچان نڪري ويو.

همير ۽ سندس ماڻهو گهوڙن تي چڙهي، اُٺ جي پويان پيا، اُٺ بہ تمام تکو ڊوڙيو، سو جيسلمير جي ٻاهران اچي ڪري پيو ۽ مري ويو. راجا جا سپاهي همير ۽ سندس ماڻهن کي وڪوڙي ويا، ۽ کين وٺي آڏي راجا جي اڳيان پيش ڪيائون. همير کيس ٻڌايو تہ اُٺ منهنجو باغ چري آيو آهي، پر راجا کي اعتبار ئي نہ آيو. آخر همير چيو تہ: اُٺ جو پيٽ ڦا چيريون. جي باغ جا تازا گل نڪتا تہ تون سگ ڏينديون، نہ تہ آءٌ ڏيندس. راجا اهو شرط قبول ڪيو. اُٺ جو پيٽ چيريائون تہ ٻئي ملڪ جي ٻوٽن جا گل نڪري آيا. راجا انجام موجب سگ ڏنو. همير موٽي آيو ۽ ڇڄ ڪري جيسلمير ۾ اچي شادي ڪيائين. همير کي اڳين راڻي مان عمر پٽ هئو، جو ننڍو هو. راجا وٽ تمام سهڻو رٿ هو، جو عمر کي وڻي ويو، ۽ راجا کان رٿ گهريائين. راجا انڪار تہ ڪونہ ڪيو، پر رٿ هلائيندڙ کي چيائين تہ: وجھ وٺي رٿ ڪاهي اچجانءِ. همير شادي ڪري موٽيو تہ انهي رٿ ۾ چڙهي آيو.

* هيءَ ڳالھ، چوهڙ جمالي تعلقي شاهبندر ضلعي ٺٽي جي هڪ سگهڙ جي زباني قلمبند ڪئي وئي.

باغ گهمڻ ٿي ويون ته مارئيءَ کي به پاڻ سان وٺي ويون هيون. سيني سومرن جو خيال ٿيو ته اُٺ تي چڙهي گهمون. سو ڪيت جي اُٺ تي واري سان هرهڪ سومري چڙهي گهمي آئي. پڇاڙيءَ جو مارئي به اُٺ تي چڙهي، ۽ ڪيت کي سمجهائين. پوءِ ته ڪيت وٺي اُٺ کي هڪليو، ۽ پنهنجي مائٽن ڏانهن اچي پهتو.

عمر کي جڏهن اها خبر پئي، سو لشڪر ساڻ وٺي مارن تي ڪاهي ويو. تڏهن اُتي جي ڪن وڏڙن ڪيس ٻڌايو ته مارئي تنهنجي سڳي ڀيڻ آهي. پوءِ عمر، مارئي ۽ ڪيت کي پنهنجي هٿن سان شادي ڪرائي، ڪين انعام اڪرام ڏيئي موٽي آيو.

ڪاڻ انهن جهڙي حسن وند ڪانه هئي. عمر دل ۾ خيال ڪيو تہ: ڦوڳوءَ ڪي سوناريون ڏيکاريان تہ مارو انهن جهڙي يا گهٽ وڌ! اهو ارادو ڪري ڦوڳوءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي سوناري جي دڪان وٽان اچي لنگهيو. سوناري جي دڪان ۾ اندران هڪ جاري هوندي هئي، جنهن جي سامهون ٻئي سوناريون پرت جو ڪم ويٺيون ڪنديون هيون. عمر بادشاهہ ڦوڳوءَ کي جاريءَ ڏانهن اشارو ڪيو. ڦوڳوءَ جاريءَ ڏي ڏٺو، اندران سوناريون ڏسڻ ۾ آيون، سوناريون ڏسي ڦوڳو ڪنڌ ڦيرائي ٻئي پاسي ڪري هلڻ لڳو. عمر کي پڪ ٿي تہ اهي ڦوڳوءَ کي پسند نہ آيون. اڳتي هلي عمر بادشاهہ ڦوڳوءَ کان پڇا ڪئي تہ: ڏي احوال، اِهي عورتون ماروءَ کان وڌ يا مارو وڌيڪ؟ ڦوڳو چوڻ لڳو تہ: هي پاڻي ڀري ڏين تہ شهزادي مارو وٺي نہ پيئندي. ماروءَ جي اڳيان شرمنديون ٿي ويهنديون. عمرڪوٽ ۾ بادشاهي ستر حويليون هيون، جن ۾ عمر جون راڻيون، شهزاديون ۽ بادشاهي گهراڻي جون ٻيون عورتون رهنديون هيون. خيال ڪيائين تہ اهي ڦوڳوءَ کي ڏيکاريان، من ڪا ماروءَ کان وڌيڪ حسن واري ڏسڻ ۾ اچيس. سو ڦوڳوءَ کي وٺي حويلين جي وچان اچي لنگهيو، سڀ راڻيون ڏسي ڦوڳو چوڻ لڳو تہ:

عمر تو وڻجيا، للؤ سندا هٽ
نڪو گهڻي واٽيا، نڪو گهڻي چٽ.

اي عمر بادشاهہ! منهنجي ملڪ ۾ "للو" نالي هڪ واڻيو آهي، بازار ۾ دڪان اٿس، ٻيا دڪاندار پنهنجا سٺا وکر وڪڻي ڪِنا اُچلائي ڇڏين؛ للو وري اهي اچلايل وکر کڻي پنهنجي دڪان تي رکي، دڪانداري هلائيندو هو. توهين پاڻ ئي ويچار ڪريو تہ اچلايل وکر ڪير وٺندو! عمر بادشاهہ چوڻ لڳس: اڄان بہ تنهنجو آزمودو وٺندس. اها ڳالهہ ڪري ڦوڳوءَ کي وٺي پنهنجي ڀيڻ شهزادي "ڪُنڌَهي" جي محلات تي آيو. جنهن مهل

شهر کان پري وڃي، سڄي رات جهنگ ڪيي، هڪڙو وڏو کُهڙ ڏٺائون. سڄ اڀرڻ کان پوءِ ٿوڪيي ٻاهر ڏٺائينس. کهڙ ۾ ڪچا لاٽا پيل هئا، اڇي دونهن پيدا ٿيو ۽ وڃي آسمان سان چوٽي ٻڌائين. ماڻهن ۾ اڇي ٿاهه پيو ته خدا خير ڪري، اهو ڏنءُ الائي ڪنهن ٻاريو! ماڻهو هڙئي ڀڄي اوڏهين. ڳوٺ، ٻنيون، ٽڙ، مال سڀ زهجي ويا. مارو سڄ اڀرڻ کان پوءِ سٺ ساهيڙين سان گڏجي، گهڙا ڪٽي، ڪوهه تي آئي. ٽر جا ڪوهه، سؤ هٿ کان به هيٺ، پاڻي تاري وانگر ٻکي، کوهه تي ايڏا ڪوس رکيل هئا، جو پاڏا ڇڪين يا ڏهه ٻارهن ڄڻس گڏجي هڪڙو ڪوس ڪڍن. پر مارو پهلوان هئي. اهو ڪوس اڪيلي سر ڇڪي پئي ڪڍيائين. عمر بادشاهه به اُٺ تي تيار ٿي، ٽڙ جو پاسو اچي ورتو. ڏسي ڪٽي ته مارو پاڻ اهو ڪوس ڇڪي ڪڍيو آهي، جيڪو پاڏا ڇڪين، يا ڪي ڏهه ٻارهن ماڻس ڇڪين. وائڙو ٿي ويو. خيال ڪيائين ته عورت پهلوان آهي، تڪڙ ۽ جهيڙو نه ڪبو. سو اٽڪل ويڙهائي، اُٺ چڙهئي صدا ڪيائين ته: واٽهڙو مسافر آهيان، اُڃ لڳي اٿم، پاڻي پياريو. مارو چيو: ادا! پاڻي پيارڻ ثواب آهي، اُٺ تان لهي پئو. عمر بادشاهه چيو ته: اُٺ ڏنگو اٿم. هُشياري، لهي، پاڻي پي چڙهندس ته ڪُڏائيندو. وٽو مون ساڻ آهي. اُٺ چڙهئي پاڻي پيارينم، ثواب ٿيندئي. اها ڳالهه ڪري وٽو توشدان سان ڪڍي، اڇلائي ڏنائين. مارو وٽو ڪٽي ڏوڪي پاڻي سان ڀريو. تيسين عمر بادشاهه اُٺ کي ولو ڏياري، واريءَ جي دڙي جي ڀرسان آڻي ٻيهاريو. مارو بادشاهي وٽو ڏسي حيران ٿي ويئي. پوءِ پاڻيءَ سان ڀري، ٽريءَ تي رکي، لوڏيءَ جو پاند پنهنجي منهن تي سنڀالي، عمر ڏانهن وڃڻ لڳي. عمر بادشاهه چوڻ لڳو ته: مائي! واريءَ جي دڙي تي مٿي چڙهي اچ ته پاڻي وٺڻ سولو ٿئيم. دڙو اُٺ جي خاني سان برابر آهي، هيٺئين پاسي کان ايندئين ته پاڻي وٺڻ ۾ هارجي ويندو ۽ اٺ به ٿاهه کائيندو. مارو واريءَ جي دڙي تي

مارن ڏاٿهن موٽائي امان ۽ ماٺهن کي چئو ته مارئي برابر مون پنهنجي وڃايل ڀيڻ سمجهي آندي هئي، پر هيءَ اها نه آهي. مگر هن سان آءٌ ڀيڻ وارو سلوڪ ٿو ڪريان، ڪيس ڏيڄ پوت ڏيئي سندس مڱيندي سان پرڻايان ٿو. ان ۾ تنهنجي به عزت ٿيندي، ۽ منهنجو به ڪَر مٿي رهندو. نيٺ اها صلاح عمر کي وڻي، سو مارو ڏاٿهن ماڻهو موڪلي، ڪيس سڄي حقيقت کان آگاهه ڪيائين، ۽ وڏي ڌام ڌوم سان مارئي کي کيت سان پرڻائي ڇڏيائين.

—

# تعلقي ماتلي مان ملیل ڳالھہ *

همير سومري جون شاديون ست ٽيل هيون، جن ۾ ڪي سوڍيون هيون، ڪي سميون هيون ته ڪي سومريون هيون. انهن مان جاسل نالي هڪ راڻي سمي هئي، تنهن جون پيٽون ٽي هيون، جن مان، هڪڙي مهر راڻيءَ جي ماءُ هئي ۽ بي رهندي هئي جاگير پوڏاسر ۾، تنهن کي 'کيت' نالي هڪ پٽ ڄاڻو هو. اڳئين زماني ۾ هندو يا مسلمان سڀ هڪجهڙا نالا رکندا هئا.

جاسل راڻي، پنهنجي ڀاڻيجي مهر راڻي جي شاديءَ تي ويل هئي، جا راء لاکو پرڻجڻ آيو هو. جنهن ڏينهن راء لاکو پرڻجڻ آيو هو، تن ڏينهن همير سومرو چاق نه هو، ۽ راڻي جاسل کي پيٽ هو، تنهنڪري همير سومرو شادي ۾ نه آيو هو، باقي راڻي جاسل شادي ۾ آئي هئي.

راء لاکي هنن کي ٻول ڏنو هو ته مهر راڻي ۽ گهوٽ ۽ مهر راڻي جي ماسي، اهي رات جي ڇئين پهرن ۾ پنج پهچائي ڏيو، جي نه ته جتي سج اڀريو اتي مهر راڻي جهنگ ۾ ڇڏي هليا ويندا سين. تنهن وقت ۾ پالواه جي راجا وٽ هڪ گاڏو هو، جنهن کي روجهڙا هلائيندا هئا.

مهر راڻي جي پيءُ، انهي مهل ٽي اوٺي، اٺ تي چاڙهي موڪليو پالواه جي راجا ڏانهن ته اهو گاڏو ۽ روجهڙا مون ڏانهن موڪل، جو مهر راڻي پنج پهچائڻي آهي. پالوا جي راجا پنهنجي سئيس 'پاليٽي' پنهور کي چيو ته مهر راڻي گهوٽ سوڌي پنج ۾ ڇڏي، روجهڙا رات وچ ۾ واپس وارجئين، متان راء لاکو

* محمد اسماعيل گشڪوري بلوچ، ويڻل ڳوٺ ڇتو گشڪوري لڳ دنبالو نئون، تعلقو ماتلي کان مليل روايت.

مارئي پنهنجي گهران پاڻي جو وٺو ڏونئي پري آئي. پر ڪجهه حسن عمر جو ڏسي مارئي به سوهجي پئي. عمر وٺو اُچلي مارئيءَ کي واري چاڙهيو اُن تي. اڳيئن خاني ۾ عمر هو ۽ پٺيئن خاني ۾ مارئي هئي.

جاسل راڻي، مارئي کي ٻڌائيندي هئي ته تون همير سومري جي ڌيءَ آهين ۽ عمر نالي اڄ جيڪو بادشاه آهي، اهو تنهنجو پاءُ آهي، ۽ پوءِ مهر راڻي جي شاديءَ جو سمورو احوال ٻڌائيندي هيس، ۽ هڪڙي منڍي همير جي نالي تي هئي، اها به مارئيءَ کي ڏئي ڇڏي هئائين. ٿورن ڏينهن کانپوءِ ڏينهن بعد مارئيءَ جي ماءُ گذاري ويئي ۽ همير سومرو به بيماري ۾ گذاري ويو، انهي ڪري راڻي جاسل جي پڇا ڳي ڪانه ٿي. جيڪو همير سومري جو قاضي هو، تنهن کي انهي قصي جي خبر هئي.

عمر، مارئيءَ کي کڻي آيو عمرڪوٽ ۾، ۽ اچي پنهنجي جاءِ تي ڇڏيائين. تڏهن مارئي پڇا ڪئي ته: هي ڪوٽ ڪهڙو آهي؟ عمر ٻڌايس ته: هي عمرڪوٽ آهي. اتي مارئيءَ چيو ته: آءٌ توکي ڪانه ڀينديس، جو منهنجا مارو پيچي ايندا ۽ عمر بادشاه کي اچي دانهن ڏيندا، جو آءٌ انهي عمر جي ڀيڻ آهيان. تڏهن عمر چيس ته: اهو عمر ته آءٌ آهيان. تڏهن مارئي هن قصي جي ڳالهه ڪري ٻڌايس ۽ چيائينس ته پنهنجي پيءُ همير جي نشاني به مون وٽ آهي، جا منهنجي ماءُ مون کي ڏني هئي. پوءِ اها منڍي ڪڍي عمر کي ڏنائين، جو منڍيءَ تي همير جو نالو لکيل هو.

عمر يڪدم پنهنجي پيءُ جي قاضي کي گهرايو، جنهن سموري ڳالهه ڪري ٻڌايس ته راڻي جاسل، مهر راڻي جي شاديءَ تي ويل هئي، تنهن وقت تنهنجو پيءُ بيمار هو ۽ گذاري ويو، انهيءَ ڪري راڻيءَ جاسل جي ڪنهن پڇا ڳي ڪانه ڪئي. اها ڳالهه ٻڌي عمر، مارئيءَ کي پنهنجي ڀيڻ ڪري، يڪدم اوڻي اُن

عمر انهي ڪست منجهان گهوڙي جو تنگ ڍرو ڪيو ته گهوڙو به اتي ڪري پيو ۽ مري ويو.

پوءِ عمر اها مارئي ڪٺائي عمرڪوٽ لڳ سيد غلام نبي شاه جي ڳوٺ جي ڀرسان مقام آهي، اُن ۾ رکايائين، جتي اڄ تائين به مائي مارئي جو ڏهاڙو ٿيندو رهي ٿو ۽ جنهن جاءِ تي مارئي مٿي هئي ۽ عمر جو گهوڙو مئو هو، اتي گهوڙو پورايائين، جيڪو موراڪ' سڏيو وڃي ٿو، جو عمر جي گهوڙي جو نالو "مور" هو.

---

# تعلقي ڏنڊي الهيار جي شاعر اميد علي لغاري جا بيت*

١ــ اللّٰه ڪارڻ اي ادا، منهنجو عرض سڻ عمر
بيوس ورڪيئي بند ۾، ڪري ڪوپ قهر
راجا تي رعيت سان، نه ڪجڻ ڏاڍايون ڏمر
منهنجا ليلا لين ڪينڪي، ڇڏيم ڇيل منجهه ڇپر
اچڻ مال اجهور تي، تن جون ڪرڪيون ڏيڻ خبر
چانگون چارين چوڪرا، ڏيو پٽن جي پر
مارو پهرن مال ميڻ، هجڻ ڏوٽي ڏينهن ڏهر
راڳ ڳايو رانديون ڪڻ، اهي راڳي روح وندر
هت قابو آهيان ڪوٽن ۾، آهي ملڪ ته منهنجو ٿر
پڻ حق نه ڪنديس سومرا، هو حق منهنجو ور
سڳيون پيٽون، جويون نه ٿين، اها ٻڌين ڪيئن هلر؟
عدل ۽ انصاف ڪر، تون سمجهي سر بسر
عمر اجائي ڪم ڪان، سون ڪي پناه ڏي پرور
منهنجو ساهه سڪي سانگين لئي، ساري جان جگر
مولي ڪر مهر، ته ٿيان آجي عمرڪوٽ ڪان.

٢ــ ٿيان آجي عمرڪوٽ ڪان، منهنجو باري رڪ پرم
پنوهارين سان پاڻي پرڻ آيس، بي ڏپي، بي غم
تو ڪنيي ڪنيو ڪوهه تان، زوراور ظالم

---

* هي روايت وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي ڪان ملي.

اميد علي پٽ ولي محمد ذات لغاري، پاڙو بلوچاڻي، ويٺل ڳوٺ جادو لغاري تعلقو ٽنڊو الهيار، ضلعو حيدرآباد. سنڌي ست درجا پڙهيل آهي. سندس ڪلام بيتن، دراون، ٽيهه اکرين، مولودن ۽ خطبن تي مشتمل آهي. سنه ١٩١٠ع/١٣٢٨ ه ۾ ڄائو.

ڳري ويو ڳنڍيءَ ۾، هڏ، ماس ۽ چم
جڙي جان جنجيرن سان، لوهه سان لحم
اظهر اميدعلي چئي، عدل ڪر عالم
ڪڍ بنديائي بند سان، رب ڏئي راحم
قادر ڪري ڪرم، ته وڃي سڪي ٿيان سائيهه ۾.

٣- وڃي سڪي ٿيان سائيهه ۾، مرتين سان سڌير
وڃي پيان پنوهارين سان، ڪلي ڪندون ڪير
قيد ڪئي آهيان، منهنجو ملڪ ملير
نڪري ڪوڙ قلب مان، رهي صاف سچ سير
منهنجو ساهه سرير، آٿي ماندو مارن لئي.

٤- لوئي لڄائيندڙ ڪينڪي، آءٌ عمر اٻائي
تون سردار سپهه سالار، آءٌ تان ڏڌ ڏوٿياڻي
تون پائي ملوار ڪٽي تلوار، اسان گوڏ غريباڻي
تون شفقت ساڻ پيين^ شربت، اسان پلر پيون پاڻي
تون بادشاهه بي پرواهه، آءٌ تان ناقص نماڻي
نه ڪرين پئو، هاڻ ارڏو، آءٌ تان بند ۾ بنديائي
نيرش نُڪتا، وجهو پختا، ڪرين ڏيکر ڏهاڻي
ڏئي بهتان، ٿين بي ڏيان، گهڻا گمان ڇو آڻي
سون پيڻ، ڏيـن ٿو ويڻ، نڪما نيڻ، نه، ڪڻ هاڻي
ستيءَ ست، رک رب پت، سٺي حرمت حبيباڻي
وڏ ويري، ڦر ڦيري، ڪرائي نه ميري مائٽاڻي
اميدعلي، حبئون هلي، ڪئي ماروي‌ءَ موڪلاڻي
پل ڪليرا پاءُ، اوڏو نه آءُ، مٿئون وجهه پوتي پهراڻي
لاهي ڦند، ڪول بند، غيرت‌مند هميراڻي
شل سرور ٿئي سائي، ته ملڪ وڃي هي مارئي.

# تعلقي آباوڙي جي شاعر شيخ جا بيت*

١- ڇـــا ٿيي منڌ نـالو، ۽ ڇـــاهي تنهنجي ذات
منهن موڙي مارئي چيس تہ، ڪهڙي پڇين تو ذات؟
عمر! ڪڙي هيس ڪوهہ تـــي، پرهہ ڦٽي پرڀات
تون چڙهئين شوق شڪار جي، توکي رڻ ۾ پيئي رات
تنهنجا صاحب ڪم سولا ڪندو، توکي ڏاتر ڏيندو ڏات
پوءِ ڇو ٿو پڇين ذات، پڌ حقيقت حال جي.

٢- پـــڌ حقيقت حال جي، ٿي ڏچان تنهنجي ڏاءِ
بـــابـو پنهنجو بادشاهہ، هــــي قضا ڪم ڪيا
هوندين پٽ همير جو، تون سـڪو منهنجو پاءُ
مارُن نپايو هو سـهـي ٿي، مري ويئي هئي ماءُ
هاڻي حڪم ڪين هلاءِ، وري خان ڦٽو ڪر ڪوهہ تي.

٣- ڪيئن خان ڦٽو ڪرئي ڪوهہ تي، اسان سومرا سڏايون
نبيريون، نِچيڙيون پاڻ ۾، ٿـــا حڪم هلايون
اسان ڏي رنگ پچي راس ٿيا، هٿ جڙن ٿيون جايون
هلي ڏس منڌ محلات ۾، تـون ٻالڪ ۽ ٻايون
خاصيون ڏيندو سـانءِ خذمت واريون، در مٿي دايون
پوءِ ڇڏ وڃڻ جون وايون، تون سار نہ سانگيئڙن ڪي.

٤- عمر! ڪيئن نہ ماريان سانگيئڙن ڪي، مونکي ساجهرٿي نہ سنپار
هميشہ هڪ جيڏين جي، مون تي رهجي ويئي تہ سيار
نڪو ڪيم منڌ سرتيون ڪي، نہ ڪوني چڙهي ڪـُوڪار
ٻڪر ٻـاٻـائـــن جـــا، لـيـان ٻيني لار
مون سانگياڻي جو، شيخ چئي، نيٹين وهاين نار
وڪوڙي هان انهيءَ ويچار، تون پاءُ گـِڏيـُون وڃين پيڻ ڪي.

* هـيءَ روايت اتر (تعلقي آباوڙي) مـان محمد حسن مشتاق کان ملي، شاعر جي سوانح معلوم نہ ٿي سگهي.

٥- عمر تون ٻاڻُ، مان ٻيڻ، توکي هيءَ ٻولي ڪنهن ٻڌائي
مري تہ ڀاڻ کي مائٽ ڇڏي ويا، ڪري جيئري جدائي
ڪانہ ٻڌي سين ڪاڻهين، عمر اهڙي ٻي وائي
پر ڪرمن جي ڪمائي، اچي پئي مان پيش پنهوار جي.

٧- ماڙو! سرين ملهير ۾، مون ويٺي وڏئي ڳل هار
نه مون پاتو نه ڳل لاتو، مان ڪي ڪيئي مهڻي دار
ماڻهو ڏيـن پيا مهڻا، ته وٺي ويئي سومرن جو سردار
ڪيئن ڇپيو هيئي مان ڪـي ته پيٽ وٺي ويو پار
نه مهاڙي جهڙو ماڻهو هئس، مان هئس نڪارو لاچار
وقعو مڪانئين روح ڪوئن، جڏهن هيڙو وار سمار
ڪاهي ويس عمر ڪوٽ تي اکيئون هيو قربدار
موٽائي مان ڪـي ڏنئين، مان ٿيس باغن ڪان بهار
سامَ ڏنم تنهنجي مارئي کي، پوءِ مُيم انهيءَ وار
تنهنجي ڪامڻ قربدار، جيڪا مهڻي سان مري وئي.

---

—Strong patrotic love for one's own homeland.

—Resistance of all temptations for luxuries and preference to live a simple life in natural rural environment.

—Exemplary behaviour of a just king who did not force his will on an unwilling maid.

Hyderabad Sind
29th December, 1975.

N.A. Baloch
DIRECTOR FOLKLORE PROJECT

The king tried his best to make her understand that she would be the queen living in the palace, and that she could have golden ornaments, silken apparel, tasteful dishes, fruits of all kind, maid servants and everything else she wanted. To these offers, Marui would always reply that she preferred the hamlet of the poor with sand dunes around to the palace and the gardens; coarse clothes and the *loee* headwear (made of the coarse woollen thread); the loaf of bread made out of the grass seed to the rich dishes; *chibhar*, *golara* and other wild fruit to the mangoes and pomegranates. So far as the golden ornaments were concerned:

It's not the custom of my *maru* folk

To exchange kith and kin for gold.

Now Umar was a just king and he did not want to force his will on Marui. In the meanwhile, witnesses affirmed that Marui was, in fact, related to Umar as a sister. Umar believed this, bestowed all the favours on Marui, and sent her back honourably to her village folk, where she joined Khet and lived happily in the rural environment of her village home.[1]

A number of accounts of the story were collected through oral tradition, besides the two versions of it recorded in the two historical works, viz. *Tarikh-i-Tahiri* (compiled in 1030 H/1621) and *Tuhfat al - Kiram* (1180-81 H/1766-67). The story originated probably during the Soomara period (1050-1350 A.D.) of Sind history and was already well-known in the 16th century when in 1590 it was artistically narrated and sung by a group of the Sindhian bards before the Mughal Emperor Akbar, who having himself been born in Umarkote, had inquired about it from Mirza Jani Beg, the then vanquished ruler of Sind.

The *points of impact* of the story in the local cultural context are:

1. In some versions of the story, Khet would not believe that she remained faithful to him during her stay with the king, whereupon the heart broken Marui died on the spot.

# PREFACE

This is the thirty-seventh book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore & Literature Project, approved in 1956 for the collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on this project was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a net-work of field workers, one stationed in each *taluka* area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far, 31 volumes have been published and this is the thirty-second of the forty volumes proposed to be published under this project.

This book belongs to the series of volumes pertaining to the most popular and time-honoured folk stories which have captured the imagination of the people of the Lower Indus Valley of Sind for the last one thousand years. Of the ten volumes in this series, seven (Books 29 to 35) are devoted to the stories of love and romance; one (Book 36) recounts the story of personal valour and the inventive technique by which the hero killed a sea monster by diving deep in a specially built "Glass-Capsule Machine"; while this volume pertains to the story of a village girl who resists the overtures of a king and the temptation to live in the palace as a queen, and prefers to be in the simple rural environment with her own village folk.

Marui, a beautiful village maid of Khãur (situated in the Desert Division of the present Tharparkar district of Sind) was betrothed to Khet whose rival Phoag went to the court of King Umar Soomaro at Umarkote, and spoke of the beauty of Marui in such glowing terms that the king himself rode out to the village and brought Marui to Umarkote where he persuaded her to give her consent to marry him. Marui refused.

*All rights including the right of translation reserved with the Sindhi Adabi Board*

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

1st Edition 1976 1000 Copies

**Price: Rs. 12.50**

To be had from
SINDHI ADABI BOARD'S BOOK STALL
HYDERABAD SIND, PAKISTAN.

English pages printed by Aijaz Mohammed Siddiqui at the Sind University Press, Hyderabad Sind, and published by Ghulam Rabbani A. Agro, Secretary, Sindhi Adabi Board, Hyderabad Sind, Pakistan.

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE
BOOK XXXVII

## POPULAR FOLK STORIES

# UMAR—MARUI

Compiled & Edited
by
N. A. BALOCH
M.A., LL.B (Alig.), M.A., Ed. D. (Columbia)
Director, Sindhi Folklore and Literature Project.

SINDHI ADABI BOARD
HYDERABAD SIND
PAKISTAN
1976